سمالوچنائون

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي

سمالوچنائون

(سمالوچنائون، تاثرات ۽ مهاڳ)

اين.سي.پي.ايس.ايل. جي مالي اِمداد سان ڇپايل

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي

پيش لفظ

مان پڙهڻ سان ئي (ڪتابن بابت) آلوچنا يا رائزني لکندي آهيان. اُنهن مان ڪي اخبارن، مئگزنس ۾ موڪلي ڏيندي آهيان تہ ڇپجندا آهن. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل آلوچنائون ۽ رايا فائيل ڪرڻا پوندا آهن. ڪن سببن جي ڪري ڪي سٺا ڪتاب ۽ عمدا هوندي بہ اڻ پڙهيل بہ رهجي ويا آهن. سمالوچنائن وارو فائيل ۽ پنا بئي پراڻا ٿي ويا هئا. سوچيم تہ ڇپايان. هينئر پراڻو فائيل ۽ پنا ٿي سنڀاليان ڇو نہ ڪتاب ڇپايان. سو ائين ئي پنهنجي دل جي پسندي ۽ ذهن جي ولوڙ توهان جي هٿن ۾ سونپيان ٿي.

هنن سمالوچنائن ۾ ڪويتا، ڪهاڻي سنگره، ناول، مضمون، ناٽڪ، آتم -ڪٿائون، ڊڪشنريون ۽ انواد ڪيل ڪتاب بہ شامل آهن. جيئن تہ ساهتڪارن جي من ۾ پنهنجن رچنائن بابت رائزني مُلهہ ۽ قدر جي ڪٿ بابتبي انداز اُڻ تُڻ هوندي آهي. تيئن ڏسجي تہ ساهتڪ سمالوچنا لکڻ ڪو سؤلو ڪونهي. قلم جي پورهئي سان ۱۰۰ کان ۲۵۰ صفحن واري ڪتاب ۽ ليکڪ بابت ڇئن يا پنجن صفحن ۾ سميٽي لکڻو آهي. وقت اهڙو هلي رهيو آهي جو نفي ۽ ناڪاري نقطا يا صلاح ڪنهن ڪي ڪونہ ٿا وڻن. اڄ مان لوڻ ڏار ڪري ڏيکارڻ جو زمانو ڪونهي. سمالوچنا لاءِ اهڙو رخ اپنائڻ ڪو خوشامد ڪونهي پر هاڪاري نظريو آهي. پازيٽو اٽيٽيوڊ آهي. جتي ضرورت هجي تہ نڪ سڌيءَ طرح ڏيکارڻ بجاءِ ٻيءَ طرح بہ ڏيکاري سگهجي ٿو. منهنجي لکڻ جي ڪوشش ساهتيہ ۽ ٻولي بابت آهي. ساهتيڪار ٻنهي ۾ سمايل آهي. ڪنهن رايو ڏنو 'تنهنجو لکڻ بلڪل شفي Positive آهي،' ڪيس چيم پنهنجو پنهنجو نظريو ۽ ڏانو آهي.

مان شڪر گذار آهيان وشال انٽرپرائيزز جي مسٽر دليپ سڪناڻيءَ جي جنهن 'سمالوچنائون' کي ڇپڻ ۾ محنت ڪئي آهي.

مينا گوپ روپچنداڻي

سمالوچنائون

(سمالوچنا، مهاڳ، تاثرات)

ليکڪا : مينا گوپ روپچندائي

ڇاپو : پهريون

ڪاپيون : ۵۰۰

پبلشر : مينا گوپ روپچندائي

سال : ۲۰۱۲

قيمت : ۱۷۵ رپيا

SAMALOCHNAOON

(Samalochana, Muhaag, Taasraat)

Author : **Meena Gope Rupchandani**

Edition : First

Copies : 500

Year : 2012

Published by : **Meena Gope Rupchandani**

BK. No. 1292/21, O.T. section,

Ulhasnagar- 421 004.

Mob.: 9371825244

Ph.: 2584414

Price : Rs. 175/-

Published with the financial Assistance of NCPSL, Ministry of HRD, Govt. of India, New Delhi

فهرست

موٽ انت نہ هڪ موڙ آهي

موٽ ڪان پوءِ بہ آتمڪ سنبند آهي.

تنهنجي ۽ منهنجي رشتي ۾

وچتر روحانيت سمايل آهي.

آسان جي اِرد گرد لهرن ۾،

تز تال ميل هو، دل جي ڳالھہ ۽ سوچ کي سمجهڻ جو

تنهنجي وجود جو احساس محسوس ڪرڻ خاطر،

آڪيلي هن گهاٽي بن ۾ پئي ٿي قران.

فهرست

فهرست

اَچن ٿا روز ڪيڏا ڪتاب
پاٺڪن جي پر ڏسي اَٽاٽ
لڳي ٿي صدي جهڙي ماٺ
سهڻ کان ٻاهر اهي عذاب
اچن ٿا روز ڪيڏا ڪتاب

هڙي ناسازگار حالت جي ٻاٽ اونده ۾ داديءَ جو هيءُ ڪتاب آس جو ڻو بڻجي ٿو ۽ جن ڪتابن تي سمالوچنا ڪيل آهي سي تارا ڪتيون نڪت جي بيشڪ جڳمڳائڻ لڳن ٿا. پاٺڪ جي رهبري ڪن ٿا ۽ ڪتاب ڳولهي ري حاصل ڪري پڙهي ماڻڻ لاءِ آماڏ پڻ.

ناول، ڪهاڻيون، ڪويتا، آتم ڪٿا، مضمون ۽ متفرقا مجموعا هڪ ڪتاب گهرائيءَ سان پرکيو اٿس. ڪاري سونهن، اُسات، رڻ ٿا گر- انتظار جهڙا ناول، انتظار، ٽڪرا ٽڪرا نند وغيره ڪويتائن جا مجموعا. ڏي نديون ڪهاڻيون، آتم ڪٿائون، ساهتڪ مضمونن جا مجموعا، تنقيدي جموعا، پي.ايڇ.ڊي کان وٺي آڏ اکر ڀڄارت جهڙن ڪتابن جا مهاڳ مل آهن. پاٺڪ لاءِ ڪيترو سولو ڪم ٿي پيو؟ جنهن وشيه ۾ چاهه هجي ڪا صنف پسند هجي ان بابت هن ڪتاب بابت رايو پڙهي پوءِ خود هڻ جو مزو ماڻيو. جتي رچنائن جي سبل پاسي جي واکاڻ آهي اُتي شرير م وارين ڪهڻين جي سٽيڪ اوکه ڊوکه به مؤجود آهي.

سولي هوندي به ساهتڪ ڀاشا جي ڀڄڻ سان مزيادر بڻائي لکڻ ديءَ جي قلم مان خاص خوبي آهي. ڪنهن به مقرر تنقيدي وادن ، چارن کان پاڻ بچائيندي يا پاسخاطري دوستي واد کي پاسيرو رکي رچنا کي نا جي سطح تي جيئن سمجهيو ماڻيو اٿس تيئن پيش ڪيو اٿس. ڳوڙها هم لفظ يا جڙتو تشبيهون تنجي هرويرو پنهنجي قابليت ڏيکارڻ تي شوق ن به خود کي آجو رکيو اٿس آڱرين تي ڳڻڻ جيترين ليکڪائون مشڪل سان ديون. جن تنقيدي ساهتيه لکيو آهي. اُنهن ۾ دادي مينا جو هيءُ مجموعو ڪ اضافو آهي.

ڪل ملائي مختصر پر معنيٰ فيض مضمونن جو مجموعو سنڌي ت ۾ جوڳي جاءِ والاريندو. اهو وشواس اٿم ۽ تنقيد جي ڪوٽ جي پورائي ڻ جي ڏس ۾ پڻ مددگا بڻجندو. هڪ ڪتاب ۾ ڪيئي ڪتاب آهن

آڳہ اکر.....

دریاہ مثل تازگيءَ ماٺ جي ميناج سان پرپور
دادي مينا جون سمالوچنائون.

ڊا. ڪملا گوڪلا

دادي مينا سان منهنجي پهرين ملاقات بہ ادائي ڏهاڪا
چانديبائي ڪاليج - اُلهاسنگر ۾ تي جڏهن سنڌيءَ ۾ پي.ايچ.ڊي ڪ
لاءِ ٻين ٽين مهيني بمبئي وڃڻ ءَ ڪاليجن جون لئبرريون نوسڻ ج
مجبوري ايتري وڏي جو عياشي ٻڻجي پيئي. تڏهن ڊاڪٽر ديال
(ڊي.لٽ) داديءَ سان ملاقات ڪرائيندي چيو، 'هيءَ دادي پروفيسر م
گوپ روپچنداڻي هن ڪاليج ۾ سنڌيءَ جي پروفيسر آهي.' مطلب ه
شاگرد جي روپ ۾ مان ساڻس مليس. سڄو ڪاليج - لئبرري وغي
ڏيکاريائين. پوءِ اڪثر پريم پرڪاش آشرم -اُلهاسنگر-٥ ۾ ساڻن مٺاڄري
گڏجاڻيون ٿيون. ممبئي يونيورسٽيءَ پاران ٿيل ريفريشر ڪورس تي هنج
اَيپاس ءَ اؤرچائي کان متاثر ٿيس.هاڻي پرچار سڀا ءَ ٻين سيمينارن
وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان ملڻ جو موقعو مليو آهي. منهنجي من ۾ دادي
جي اڀياس ءَ علميت لاءِ بيحد عزت آهي پر جڏهن داديءَ چيو، ڪ
نئون ڪتاب ڇپارائڻو آهي تون بہ اکر لکي ڏي، مان سنڪوچ ءَ حجاب ج
درياہ ۾ ٻڏي ويس خود کي ان لائق نہ سمجهندي بہ داديءَ جي حڪ
کي مان ڏيڻ لاءِ حڪم جي پوئواري ڪندي ها ڪيم.

ذميدار ساڄهہ واري گرهڻي - نشناوان سمرپت پروفيسر
سمورا فرض نڀائيندي بہ داديءَ پختائي بيباڪي ءَ عڪابي اڪ سان رچ
جي سگهاري ءَ ڪمزور پهلوءَ کي پرکي ادبي- عام فهم اصطلاحي ءَ اثرائت
ڀاشا ۾ لڳاتار نہ رڳو اخبارن رسالن ۾ لکندي رهي آهي پر سندس ڪات
۾ ست مضمون سنگرهہ ڇپجڻ جي ڪاميابي پڻ درج ٿي چڪي آه
شامل اَنين ڪتاب ۾ هن سڄاڳہ پانڪ -سڄاڻ نقاد جي روپ ۾ ٦٦ ڪتا
جي پرک ڪئي آهي. جنهن ۾ ادب جي صنف شامل آهي. اها ئي ٽريجڊ
شايد اسان سنڌين سان ٿي آهي جو هڪ طرف پانڪ گهٽبا وڃن ٿا ٻ
طرف ڪتاب وڌيڪ ڇپبا وڃن ٿا.

ٿيان وري اُهي جي دل تي اَمِٽ ڇاپ ڇڏي ويندا آهن۽ ياد رهندا آهن. اُنهن ڪتابن کي پڙهڻ کان پوءِ ئي مينا اُن تي آلوچنا يا رائزني لکندي آهي ڪي اخبارن يا رسالن ۾ ڇپجي پانڪ تائين پهچندا آهن ۽ ڪي فائيلن ۾ بند، سڄ جي روشني ڏسڻ جو اِنتظار ڪندا رهندا آهن. اُنهن مان ٦٦ رچنائون هن ڪُتڪي ۾ شامل آهن.

هنن سمورين سمالوچنائن جي پڙهڻ کان پوءِ جا هڪ مکيہ ڳالهہ اُڀري اَچي ٿي سا آهي مينا جي گهري نظر. سمالوچنا لاءِ ڪنيل ڪتاب جو گهرو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ ئي اُن تي قلم آزمايو ويو آهي. رچنائن سان گڏوگڏ رچناڪار ۽ اُن رچنا جي وشيہ کي بہ ڪافي سٺي نموني پيش ڪيو ويو آهي. رچنا جي ڀاو ڀاشا ۽ ويچار کي مٺيءَ، سليس ۽ رواني‌ءَ واريءَ ٻوليءَ ۾، رچنا مان چونڊ مثال ڏيئي سمالوچنا کي وزندار بڻايو ويو آهي. ٻي بہ ڳالهہ جا وٺي سا اِها تہ سِڪي جي اَچي ۽ ڪاري پاسي مان مينا جي نظر اَڇي پاسي تي ئي پيئي آهي،

سٺن ڪتابن جي ليکڪا مينا جو هيءَ اَٺون ڪتاب هڪ اَهڙي گلدستي مثل آهي جنهن ۾ اَنيڪ قسمن جي گلن، پنهنجي رنگ ۽ خوشبوءِ سان سنڌي ساهتيہ جڳت کي سونهن بخشي آهي. اُميد آهي تہ مينا وٽان اَهڙيون اَملہ رچنائون اَڳتي بہ ملنديون.

هڪ رايو
مايا راهي

سمالوچنائون

گنگا جمنا ۽ سرسوتيءَ جو تروينٽي سنگم الله آباد جو ديس
ديس مشهور آهي. ماڻهن ۾ وشواس آهي تہ اُن سنگم جو درشن ڪرڻ س
تن، من ۽ آتما ترپت ٿئي ٿي. اَهڙو ئي ڏارائن جي سنگم وارو سنگر
آهي 'سمالوچنائون' ليکڪا آهي مينا گوپ روپچنداڻي.

. عرين پيج تي نالي هينان ٽن ڌارائن جو ذڪر ٿو اَچي.

١. سمالوچنائون ٢. تاثرات ۽ ٣. مهاڳ. ٽنهي جو اَهڙو سندر مڌر ملن آه
جو هڪ کي ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. اَندر ليکڪا طرفان 'پي
لفظ' ۾ ليکڪا چيو آهي تہ 'هنن سمالوچنائن ۾ ڪويتا ۽ ڪهاڻي سنگر
ناول، مضمون، ناٽڪ، آتم-ڪٿائون، ڊڪشنريون ۽ انواد ڪيل ناول
شامل آهن.' مطلب اِهو تہ انيڪ نندين وڏين ساهتيڪ ڌارائون بہ اَچ
هن تروينٽيءَ ۾ شامل ٿيون آهن.

ليکڪا جي چوڻ موجب هن وٽ ١٢٥ رچنائن جو خزانو آه
جنهن مان هن فقط ٦٦ ئي ڇپايون آهن. اُميد تہ باقي فائيل ۾ ب
رچنائن پڙهڻ جو بہ موقعو ملندو.

ڪتاب ٽن قسمن جا ٿيندا آهن هڪڙا اُهي جي م
وندرائيندا آهن، سٺا لڳندا آهن، وڻندا آهن ۽ اُهي جلد وسري بہ وين
آهن. ٻيا اُهي جي ڪجهہ وقت لاءِ ياد رهندا آهن ۽ سَوَلا نہ وسرندا آهن

آمرت جو ڪلش (اَچند ڪويتائون)

رچناڪار، ڊاڪٽر ارجن سڪايل

بزرگ، اُستاد، اديب، شاعر ''سڪايل'' پنهنجي رچنا سنسار سان اِئين واڳيل ۽ وڪوڙيل آهي جيئن وڻ پنهنجي ولين ۽ ٽارين سان - هوُ خوش آهي، پاڻ وٽان ئي من جو سڪون پراپت ڪيو اٿائين. سندس رچنائن ۾ اُنهن سيني بنيادي ڪارڻن ڏانهن علامتي اِشارا آهن جيڪي نئين ڪويتا ۾ مانسڪ اَشانتي ۽ فرسٽريشن بڻجي اِظهار ٿا پائين. مُلهن ۽ قدرن جي ڪِرڻ پوڻ ڪري وهنوارن ۽ مريادائن خلاف اوشواس ۽ اُداسينتا ظاهر آهن هن جي ڪويتائن ۾.

شاعر سڪايل بُلند شخصيت ۽ آدرشي جيون جو مالڪ خوددار ۽ نيڪ اِنسان آهي، زماني جون سوزناڪ حالتون سندس من کي ڌونڌاريندڙ ٿيون. سندس شعر جڙ ٿي ويل اِنسان ۽ سماج تي چوٽ ڪري کيس بيدار ڪرڻ جي قوت ٿو رکي، وقت جي وڏيءَ وڇوڙيءَ بعد، اُمنگن ۽ جذبات کي سهيڙي ڪوتا رس سان ٽمٽار هي ''اَمرت جو ڪلش'' اَسان جي هٿن ۾ آيو آهي. جنهن ۾ بزرگ شاعر جي آزمودن جي ميڙي چوُنڊي شعر جي علحدن-علحدن روُپن ۾ آهي. شاعر جي ارمانن سان گڏ خوشي ۽ غم، اميد ۽ نا اُميديءَ جو نچوڙ، قدرتي نظارن جي سونهن، ديش ڀڳتي، سنڌي ۽ سنڌيت جا مشاهدا سَولن الفاظن ۽ مڪمل جملن ۾ موجود آهن، ڪلش امرت سان ته ڀريل آهي پر سندس ٻاهريون سينگار ۽ ناهه نوُهه جي به کهڙي ڳالهه ڪجي !! پوڄا جو ڪلش آهي الائي ڪوتائن جو ڪلش !!! ''بيرنگ لفافو'' وانگر سرناميَ جا اکر سچائي، ياني ورتو مضمون سمورو.

شاعر سڪايل ''اَمرت جو ڪلش'' ۾ شاعرانِي طبعيت حالتن ۽ ويچارن تي ڪيتريون ڪويتائون قلمبند ڪري پنهنجي شخصيت جي عڪاسي ڪئي آهي، سندس اُهي ڪويتائون آهن، ''اي حسن پرست شاعر-شاعر جو موت ۽ ڦٽيءَ پرئي ڪريو آهيان'' وغيره.

''مان شاعر آهيان - ڪلياڻڪاري جيو آهيان - اڏول آهيان ۽ امر آهيان - مان شاعر آهيان.''

سمالوچنائون

ناريءَ جي رشتيداريءَ وارين ڀاوناڪن سان ڀرپور رچنائون آهن : دروپد جي ڀيڻ - ڪنبن ڪماريءَ جو ڪاليج ۾ پهريون قدم (صفحو ٢٣) ڏيءُ جي پيءُ جي شڪايت - مُرڪ جا مات ٿيڻي نه آهي. اندرا گانڌيءَ لاءِ چوي ٿو :

''اندرا جو قتل ... هڪ تهذيب جو قتل آهي.''

ڪن نون ساهتڪارن، نئين ڪويتا جي اوٽ ۾ آدرشن ۽ ششٽاچار جون قيمتون اِئين ڪيرايون آهن جيئن ڪنهن پُرندڙ پت مان ريتي ۽ ڪَچ-تن کي به آگاهه ڪندي شاعر چوي ٿو :

''اڄوڪو ڪوي خود گمراهه ٿي، ڪاريهر جي وات ۾ وڃي رهيو آهي،

جتي، اِنعامن جون چمڪندڙ مٽيون ڪيس لوڀي ٿيون بڻائين.''

ڪهڙي نه ڪؤڙي حقيقت !! اڻ وڻندڙ سچ آهي !!! ورتمان حالتن انوسار نوان درد دک ۽ ڪشت پيدا ٿي رهيا آهن. دردن جي تصوير هاڻوڪي شعر مان پيئي ٿي لياڪا پائي.

''اي زندگي ا پل پل مرڻ کان ... ڦاسيءَ جي سزا بهتر آهي.''

ڪاويه جون نيون ڌارائون پاڻ سان نواڻ ڪٺي آيون آهن، پر بي بندوبستگي ۽ بد اِنتظامي ڪري عام ماڻهو مانسڪ مونجهاري ۾ آهن، عام اِنسان لاءِ سڄالپ جو سنڪٽ پيدا ٿيو آهي، چوڌاري هٿوراڙيون هٽي هوُوري وويڪ ۽ آتما ڌانهن مائل ٿيو آهي، ڪجهه نئون نئون سوچي ٿو، شانتي چاهي ٿو :

''نه ڪڏهن ڪنهن لئه ڪال ٿيون، ٿيون ته هڪ-ٻئي لئه ڍال ٿيون،

هٿ ڪڇن ته حفاظت لئه ڪڇن، چپ چُرن ته مرحبا لئه چُرن.'' (صفحو ١٤)

هيءُ ڪي اُهڃالي ڪوتائون شاعر جي شخصي آدرشن کي واضع ٿيون ڪن. جن معرفت جيون جي ڪَڙي ڪڙيءَ سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هنن شعرن ۾ ڪاويه، فن ۽ سُندرم جي روُپ ۾ ظاهر ٿيو آهي، سيتا، تهذيب جو انوکو چترڻ آهي، درد جي انيوُتيءَ جي اونهائي، سندرتا جو ٻوڌ ۽ آدرشي جيون درشٽي آهي، خيالن ڀاشا ۽ شبدن جي مدد سان اِظهار پاتو آهي، اُن ويل کي اهميت آهي، جنهن ويل ڪوي قلم کڻي ڪوتا رَچي ٿو. اُمنگن ۽ جذباتن کي ترتيب ڏيئي، ضابطي سان ٻين ۾ به ''سندرم'' جو ڀاءُ ٿو جاڳائي،

...٣...

۽... ''هن يگ جو هڪڙو ننڍڙو ڪوي، ''يا ڪويءَ جي پرواز ۾ راڪيٽ جو دم آ ساٿي!''

هن شاعر کي جديد زماني جو اهڙو آزمودو مليو آهي جو لکي ٿو:
'مان هڪ معمولي شاعر... ۽... مان هڪ ننڍڙو ڪوي... سنڪار ۽ سهڪار جهڙن شبدن جو پرساد... قلم جي ڪيويءَ سان... گيتن جي دونن ۾ پرينڊو آهيان... ۽... وراهيندو رهندو آهيان.' (صفحو ٢٨) سليس سادن لفظن ۾ طنز آهي پنهنجي پنگت تي، ''اڄ مان تنهنجو سنڪار ڪري توکي اِنعام ٿو ڏيان... تون به موقعو ملندي مونکي چانس ڏيارجانءِ. اسان کي اينترو سهڪار ته هڪ ٻئي سان ڪرڻ ئي کپي.''

''اسين چهرا مٽايون ٿا ناٽڪي اداڪارن جيان،
پر اصلي چهرا گم نه ٿيندا آهن.''

شاعر بنيادي سڌانتن جي علمتي مشابهت ڪندي لکيو آهي:
رانوڻ جي اگني باڻ جي مقابل، رام باڻ جي صورت ۾
اسان وٽ موجود آهي، گوتم ۽ گانڌيءَ جي،
نهرو ۽ اِندراجيءَ جي امن جو آواز'' (صفحو ١٢)

شاعر جي اِظهار ۾ جذهن درد سوز ۽ سونهن جو مڌر ميلاپ ٿو ٿئي ته انوکو من-رس ٿو پراپت ٿئي، هيٺئين بيت ۾ حالتن، ويچارن ۽ ڀاونائن جو سهڻو سنگم آهي:

''گوناگين اِسترين جي نديءَ جهڙي نرملتا
نوجوانن ۾ پهاڙن جهڙي اڏولتا،
ٻارڙن ۾ ماک جهڙي معصوميت،
ٻڍڙن ۾ ساگر جهڙي گنڀيرتا -

شعر ۾ ڪلپنا ئي ڪلپنا آهي، پر حقيقت ائين ڪيئن هوندي. اهو ته گوناگا جاڻن.

اڄ جي مشيني يگ ۾ رشتيدارن لاءِ به شاعر جي نجي پنهنجي سوچ آهي.
سيٺن جا گالهائيندا آهن نيڻ
پر هاڻي ... ڏيندا ولندا آهن ويڻ ئي ويڻ.

گونگا ۽ ٻوڙا ... نه ٻڌن ۽ نه ڳالهائين ...زمين کان ڌڪيل ...وطن کان وڇڙيل ـ فٽشنبل بنجارن جو هي ۽ نئون نسل ـ مري رهيو آهي... سون ۽ چانديءَ جي پليان.

سنڌين کي خطرن کان آگاهه ڪري کين لٽ ڏيکاري وري ڇٽ ڪري ٿو. هڪ ڪوتا ۾ لکي ٿو:

”مان سنڌي اُها وَل آهيان ... جيڪا جنهن به وڻ کي وڇُرندي ...تنهن کي سائو ۽ سرسبز ڪري ڇڏيندي.“

زندگيءَ کي بيل گاڏيءَ سان ڀيٽيندي ۽ وري املهه درليڀ، سڄاڻ، اڄاڻ، اُداس، خاموش، چنچل، گنڀير ۽ وئرٽ گهڙين جو ورنن فنائتي نموني ڪيو اٿس. شاعر ’امرت جو ڪلش‘ ۾ ناريءَ کي ڪونه وساريو آهي، سندس ڪوتائون آهن: استري تون اهائي آهين. هوءَ چوي ٿي پرش کي: مان ڀيڻي ٻارُڊوئينديس ... ڳِلا جو به ۽ ... جو ۽ - توکي ڇاهي؟ (ڪويتا ”نه نه نه“) ڀارت جي مڪاني ماڻهن ۾ سنڌين لاءِ اُداسينتا آهي. گهڻو ڪري ٻڌبو آهي ته سنڌي ماڻهو ۽ نانگ کي گڏ ڏسو ته پهرين سنڌيءَ کي ماريو ... پوءِ به سنڌي پاڻ کي مورُ ٿو سمجهي پر پنهنجن پيرن کي ڏسي رئندو آهي جو اهي ڪٽي به ٿانئيڪا نه آهن، اُهي اُڙيل ٿي اُڙيل، ڦليل ٿي ڦتيل آهن.

”خط جو جواب“ ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت طنز ٿيل آهي.

ڪوتا ۽ شاعري اُها چيز آهي جا هڪ دل مان اُبري ۽ ٻيءَ دل کي ڇُهي ۽ ڪو نه ڪو رسُ پيدا ڪري، جنهن مان سوچ جون لهرون اُڀرن، نئين ڪوتا نئين زماني جي نئين سوڪڙي آهي. نيم چند النڪار، ماترائن، هن مشيني يگ جي عام ماڻهوءَ لاءِ شايد ڪونه آهن، ڊاڪٽر سڪايل جي نئين دنيا جي ڪلپنا ڊيڄاريندڙ آهي.

”نه اِنسان هوندو ... نه شيطان هوندو ... نه حيوان هوندو ... اهي سڀ مشينون هونديون ... ڪاريون، سخت، چيندڙ مشينون.“ (صفحه ٨٦) هيءَ ڪلپنا نئين دنيا لاءِ خطرناڪ آهي. شاعر نقادن کي جَلاد به سڏيو آهي،

''مون سانتيڪي سونهن به ڏني آهي،
سرسبز کيتن ۾ ڳوٺن جي ڪُوهن تي،
مون حملور سونهن به ڏني آهي،
مون وڪائو سونهن به ڏني آهي،
پر... سوَ ايمان واري سونهن جي سونهن
ئي پنهنجي آهي ... اديت' آهي، (صفحو ٢٥)
وقتي نراس ڪندڙ ۾ نااميديءَ جي وايومنڊل جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:
رستي ۾ نفرتن جا پٿرئي پٿر
للتين مان وشواس جو تيل خلاص ٿيل
بيل گاڏي زندگيءَ جي هلي ته ڪيئن هلي؟''
۽ بئي هنڌ ٿو چوي: ڪرم تنهنجو...
ڏيڻ گاريون وقت کي، زماني کي...
خدا کي، سرڪار کي، سيني کي.'' (صفحو ٢٩)
ڊاڪٽر ارجن سڪايل جي جيون ياترا ۾ ديش ڀڳتي گڏ هلن ٿيون، بئي الڳ ڪونهن، اهڙو رايو سندس نثر چاهي نظم جي رچنائن مان ظاهر آهي. ڪير به انڪاري ڪونه ٿيندو ته سندس شعر پارتيتا جون تصويرون آهن، صرف اظهار طنزي آهي، هنن ڪوتائن ۾ انسانيت جا مُلهه (Values) آهن، سماج ۾ سيپتا جو رشتو آهي، ڪاويه ڪلا آهن. ويدنا ۾ خوشيءَ جا اظهار آهن. صرف پيشڪش طنزي آهي.
''تون اُپائين ... تون نپائين ... تون کپائين ... تون ته رانديگر چئبين ... مان ته سرجڻهار آهيان ... فقط سرجڻهار.''
هندستان ۾ پاڪستان جي ورهاڱي وقت سنڌي هندو بد حواس ٿي، هند ڏانهن ڀڳاسين. انهن بد حواس ڀاونائن جو احساس هينئن ٿو اظهار پائي،
''آئت ۾ اَجهي جي اَپاو ۾، ڀڳاسين بي خطا ٿي،
ڀڳاسين بد حواس ٿي، ڪو ڪٿي ڪريو، ڪو ڪٿي ڪريو...''
چڻ ته هندي فلم جو گيت ٿو ياد ڪرائي: ڪوئي ڪَهان گِرا ... ڪوئي ڪهان گِرا.

من منهنجو' پيچ پراوا

سدا حيات موتيرام هيراننداڻي 'موتي'

شاعر ڪلپنا جي پرن تي سوار ٿي، اِلهي رازَ سليندا آهن. شاعر شاعر ۾ پنهنجي-پنهنجي فلڪ، خوشبوءِ ۽ پرواز جي بلندي ٿيندي آهي. موتيرام هيراننداڻي 'موتي' پنهنجي ڪلپنا جي پرواز سان، پرتوي ۽ جي پرڪرما ڏيئي، زمين تي هلندڙ ماڻهن جا ڏک سُک، خوشيون ۽ غم چونڊي، پنهنجي شعرن ۾ پوئيندو هو. ڀارت جي جدا-جدا اَخبارن ۽ مئگزنن ۾ سندس شعر پڙهي نہ صرف لوڪن سندس تعريف ڪئي آهي، پر مهاراشٽرا ۽ گجرات سرڪارن، سندس ٻہ شعر 'ماءُ' ۽ 'ماءُ' سنڌي درسي ڪتابن ۾ شامل ڪيا آهن ۽ ''ماءُ جي ممتا'' ۽ ''سوچي ڏس'' جهڙين رچنائن، ديس ڀر جي چٽاڀيٽين ۾ اَول نمبر حاصل آهي.

مُنهن تي مُشڪ رکي، آهستي ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ موتيرام 'موتي' خود ثنا ۽ خود نمائي ۽ کان وَنءُ ويندو هو. هو صرف اَکرن جو ماهر نہ، پر خيالن جو بہ شاهوڪار هو. سندس شعر پڙهڻ سان، پنهنجا ٿا لڳن. هن شاعر کي ڀڳوان ۾ ڀروسو ۽ وهنوار ۾ مريادا هئي. ميڙ ۽ مُشاعري ۾ ماڻهون کيس ٻڌڻ لاءِ منتظر هوندا هئا.

موتيرام فخر محسوس ڪندو هو، جڏهين شعر ٻڌي دادا جشن واسواڻي ۽ کيس داد ڏنو ۽ گونديا، ناسڪ، جلگان ۽، پريڻي، ماليگان ۽ ۽ ممبئي، لوڪنڊوالا پنچائت کيس مُشاعرن ۾ خاص طور گهرايو.

هي عام ماڻهن جو شاعر پنهنجا شعر ڀاڙي، نگر ۽ سماج جي ارد گرد جي وشين تي رچيندو هو، جن ۾ ڪٿي فيلسوفي، دُکُ، رودن، پُڪارون ۽ ٻوڙها ٻارڻ جي ڳالهہ ئي ڪانهي. جن جيون سان لاڳاپيدار خيال، اهڙي مذاق، ۽ طنز سان ٿو لکي، جو چاچي ڪولي، ڇهنڊڙي بہ ڀائي ٿو ا هو اُهو رسيلو شاعر هو، جنهنجا رچيل شعر سُک، سنتوش، سُڪون، رَس ۽ آنند ٿا ڏين. سيني کي سندس سرل ڀاشا ۾ لکيل تمثيل، تشبيهہ ۽ اِشارا سمجهہ ۾ ايندا. ''ڏياري''، ''آيو چوماسو''، ''هولي آئي''، ''رام ليلا''، ''ٻمرن جي مار''، ''زلزلو''،

نقادن ڪوئنا جي سرجري ڪندي ان کي ماري ڇڏيو آهي.
ڊاڪٽر ارجن سڪايل بنيادي طور شاعر هوندي به نثر نويسيءَ معرفت
عوام جي جذبن جي ترجماني ڪئي آهي. سندس اصول آهي 'خلق جي
خدمت دوارا خدا جي خدمت' هو آزادي هلچل جي ڏؤرڪان ونئي اڄ جي
جديد دؤر تائين لکندو رهيو آهي. هڪ جهونو ساهتڪ سپاهي آهي جنهن
هزارن ءُ گهران خرچ ڪري آسن اُتمچندانيءَ سان گڏ سنڌو سماچار ڪڍيو ءُ اُن
جو اَسسٽنٽ ايڊيٽر (۱۹۷۲) ٿي رهيو. سنڌ ۾ رهندي ٿي ''ٽنڊو آدم جو
اِتهاس'' نالي ڪتاب (۱۹۴۶) ڪڍيائين جا سندس پهرين نثري رچنا آهي.
سندس رچنائن ۾ گهرائي، ٻوليءَ جو مناس ساندهه رواني آهي. لفظن جي
چونڊ سبب اِظهار به اثر پذير اٿس. حقيقت، ڪلپنا، خيال، فيلسوفي، مذاق
يا ذهني سمجهاڻي اهڙيءَ ته نزاڪت سان لکي ٿو جو پاٺڪ جي دل جي تهن
تائين پهچي اُنهن ۾ لهرون پيدا ٿو ڪري. نثر جي موضوعن جي علحدگي،
قلم جي قوت ءُ مال توڙي رومال ٻئي عمدا آهن. تحقيقي، تخليقي ءُ
تنقيدي مضمون، مقالا، افسانا، فلسفي ءُ جيوني ساهتيه سندس شخصيت
کي روشناس ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. سنڌي ڀاشا جي پڪار، سنڌيءَ جو خون،
سنڌي ٻال ٻوڌ، هندي سنڌي ٽيچر، ڏهن خطن ۾ گيتا سندس اوائلي ڪتاب
آهن. ساهتيه لاءِ لگن ڪانئس اٿڪ محنت ڪرائي ٿي. ڊاڪٽر سڪايل پنهنجي
جيون ڀاشا ساهتيه جذبي ءُ سنڌيت کي زنده رکڻ لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏي آهي.
آزمودن جي گهرائي ءُ سوچ ۾ برجستگي، شاعراڻو لهجو ءُ انوکي عبارت پاٺڪ کي
فرحت بخشيندي آهي، ... ساهتيڪارن کي همٿائڻ لاءِ پيار پريو پور هيو ڪندو
آهي. ساهتيه ءُ ساهتيڪارن لاءِ سندس پيار ٽپڪندو آهي.

”مَنُ“ ۾ صلاح ٿو ڏئي:

”ٻڌي ٻن ٻاون کي، من نه ٿيندءِ وس،
وڃي ٽپوبن ۾، پنهنجو پاڻکي ڳس،
پهرين عمر کس، محنت جي ميدان ۾.“

”موتي“ داد جو حقدار آهي. ڏيئر نه چمن جي دور ۾ لکي ٿو:

”رات نه ڪاري ڏينهن هجي هان،
جي مونکي هڪڙي ڏيءُ هجي هان.“

”اُڄ ازل جي“، شاعر جي جوءِ“، ”مان به شاعر“، ”اَعليٰ شاعر“، ”سوچي ڏس“، ”منهنجي سياڻپ ياڻن واري“، ۽ ”اِشتهار“ وغيره جهڙن شعرن ۾، هن شاعر جي سچي واقفيت آهي. ”موتيءَ“ جا گهڻو ڪري، سڀ شعر مذاقي، طنزي ۽ ڪو سنو سنديش ڏيندڙ آهن. ”ڪاڪو ڪلومل“، ”عمر جي تڙق“، ”تون آهين سدا بهار“ وغيره بزرگن ۽ وڏڙن لاءِ آهن. ”اِستي آرڊر“، ”اَڄ جي هوا“، ”شيئر بزار“، ”ليڊر جو فوٽو“، ”مسافن ۾ ملاقات“، ”سنڌي ۽ ڪتنب سُڌار“ جهڙيون رچنائون دل کي تفريح ڏيندڙ آهن. ”سمجهه سمجهه جو ڦير“ ڪوتا ۾ سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن ڪان ڀرپور ڪم ورتو اٿائين. ”تيلهي جو بار“، ۽ ”شڪشڪ جي شانَ ۾“ ته روز اکين سان ڏسندا آهيون. ”ناري“، ”اوسيڙو“، ”تون آئين آن“، ”تنهنجي ياد“ وغيره شعرن مان ظاهر آهي ته موتيرام کي ناريءَ لاءِ عزت ۽ شردا آهي.

”وير جوان“، ”يارت جو بَمُ“ ۽ ”چوندون“ وغيره بيت جذبات کي پڙڪائيندڙ آهن. ”سنڌي“، ”سنڌي ٻولي“، ”سنڌو درشن“، ”ڇا ٿيندو؟“، ”اسانجو سنڌونگر“، ”فيصلو“، ”سنڌي طوطو“، ”سنڌي ادب جو دڪان“، ”گوبند مالهي“، ”ٻولي اسانجي ماءُ“ وغيره، سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه جي سچي تصوير پيش ڪندڙ شعر آهن.

”شارجاه جي ڪرڪيٽ مئچ“، ”اُلٽو راماڻ“، شعر خاص ڏينهن، گهٽنائن ۽ موقعن تي لکندڙ لکيا اٿائين. جڏهن نئون مال، نئين پئڪنگ ۾ پيش آهي. معيارُ پنهنجو پاڻ اُبري ٿو بيهي.

هن شاعر جو حافظو، ٿلينتا، ٽنميتا، اهڙي هئي جو ڪيس پنهنجا سڀ شعر برزبان ياد هئا. مشاعري ۾ به پنو ڪونه کولي. لکيو اٿائين :

”ٿا ڪتابن کي ڪاٺ ڪيڙا‘ پڙهڻ جو وقت ڪنهنکي آ ؟

زبان سان شعر سڀ ’موتي‘ زماني کي سُٽائج تون.“

هن جي سوچ سرجڻ ۽ پس منظر ۾ موڳائي ۽ مونو ٽوني ڪونهي. وشين جا ڪنسيپٽ به هاڻوڪين حالتن جا ترجمان آهن ۽ اِظهار جا پيچرا به نوان آهن. پيار ۽ سونهن جي عالمگير جذبن جو شيدائي هو. ڪيس ڪائنات جي اَزلي پيار جي اَنيوتي پراپت ٿي هئي - سچ پچ پنهنجي دل جي ٽڪرن کي ڪاغذ تي سينگاريو اٿائين.

سدا حيات دلگير صاحب، گورڌن ڀارتي ۽ ٻين شاعرن جو فَنُ، سندس فڪر ۽ فهم جي پلڙيءَ تي پچ وانگر چٽيل هو. ننڍي هوندي سندس جوڙيل ”آئين آرتوار“ ڪوتا پڙهي، پرسرام ’ضيا‘ پيشينگوئي ڪئي هئي، ته هن ڇوڪري ۾ شاعريءَ جو ٻِجُ پيل آهي. پنهنجيءَ عمر جا پنج ڏهاڪا، ريلوي ۾ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ، سندس مُنُ چلڪيو ۽ قلم هلايائين.

قادر جي قدرت لاءِ لکي ٿو :

”ڪير هلائي ٿو قدرت جو‘ سارو ڪاروبارُ ؟

هي آ ڪهڙو ڪلاڪار؟“

ڇندن جي بندن، ماترائن، عروض، فائلاتن، مفعولن، وزن ۽ رديف ۽ ڪافيه لاءِ، هي معياري شاعر لکي ٿو :

”وزن جا وٽ جڏ وڪٽي‘ ڦٽي ڪر فائلاتن کي‘

جڏي هي سب گنل وانون‘ نئون رستو بٽائج تون.“

سورنا، چؤپايون، ٻِرهه گيت، گيت ورهيِ دل جا، نارد ڀڳتي سوٽر ۽ ورهي سورنا آهن. گرنٿ جي وچم شري گڻيش وندنا به آهي. ديوي ماتا جي اُستتيءَ ۾ ڇهه ڪوتائون آهن. ماتا جي اوراڻي ۾ شاعر لکيو آهي: -

''نَنگهُ ٻچن جو توتي ديوي' تُنهنجا سيئي ٻارَ
اوراڻا تُنهنجا جيجل ڳايان' ٺار ماتا تون ٺار.''

شنڪر ڀڳوان تي به ڀڄن ۽ گنگا ماتا جي مهما تي به هڪ ڀڄن آهي، جنهن ۾ لکي ٿو: -

''تَن مَن سيِتل ڪري گنگا جل' تَپَتِ وِڪارن جي ٿو هٽائي'
گنگا جَل جي مَهما نِياريِ' رِشيِ مُنيِ هرِ جَنَ رَسُ ڳائي.''

وشنو اوتار رام ڀڳوان تي به ڀڄن ۽ هڪ ڀڄن هنوُمان تي به آهي. ڪرشن اَوتار تي ڪل ١٧ ڀڄن آهن. جهولي لعل جي اُستتي ڪندي لکيو اٿائين: -

''جوتين وارا اَنترامي' تُنهنجي مؤج مُداميِ'
ڪيِرَ ۾ ڳنڍُ ڪَرِاچيِ' سنڌين کي ننگهُ ڳڇجان، ننگپال.''
جئه جئه جهوليلعل.

گوتم ٻڌ، گرونانڪ، سائين وسڻ شاهه، سائين هردارام تي به هڪ-هڪ ڀڄن شامل آهي. سنڌ جي صوُفي درويش شاعرن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست تي به هڪ-هڪ ڪلام ڪاويه سنگرهه ۾ آهي. هن شاعر پنهنجيءَ ڀاڀيءَ ۽ اَمان تي به ڀاونائن ڀريو بيت لکيو آهي. اَمر شهيد ڪنورام تي ٽي بيت لکيا اٿائين. جن ۾ لکي ٿو: -

''تاثيرُ هيو تُنهنجي راڳه ۾' تيا ٺريِ ڀاڻيِ'
تَتل دلين کي سيِتل ڪيو' تنهنجي اَمرت ميه واڻيِ.''

ڪاويہ چنتن - من جو منٿن

ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سال - ٢٠٠٢

ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سنڌي ۽ هندي ٻوليءَ جو ماهر آهي ۽ مقبول شاعر پڻ آهي. هن شاعر جا رچيل شعر بيت، گيت، ڪلام، ۽ غزل وغيرہ سڀ سندس آتمڪ سَمِ ويدنا، سوز ۽ درد مان اُپڙيا ۽ اُسريا آهن. هن شاعر پنهنجي ڪوتائن کي پنهنجيءَ ڄاڻ، گيان ۽ آزمودي سان شاعرانہ نيمن، اُصولن ۽ قائدن جي قالب ۾ وجهي پچايو آهي ۽ پڳتي ڪاويہ جي رَسڪ پاٺڪن لاءِ پيش ڪيو آهي. هنن شعرن ۾ پڳتي ڀاءَ، آتم سمرپڻ، پريوءَ جي پيار ۽ وڇوڙي ۾ تڙپڻ جا خيال ۽ نيڪ صلحون آهن. عالمن ۽ ودوانن کي پڳتي ڪاويہ رچنا ۾ ساڳيا خيال ۽ ويچار نظر ايندا آهن. پر پوءِ بہ شعر رچنا جو ڍنگ، لفظن ۽ اِصطلاحن جو اِستعمال، عِبارت ۽ ٻولي پيش ڪرڻ جو ڍنگ، هر ڪنهن شاعر جو نئون ۽ نجي ٿيندو آهي. هنن خوبين جي ڪري هيءُ پڳتي ڪاويہ سنگرہ عام ماڻهن کي نہ صرف پسند آهي، پر هڪ ڪارائتو، ڪمائتو ۽ ڪارگر گرنٿ پڻ آهي. شاعر ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ پنهنجي سموري ڪاويہ رچنا سنسار کي هن گرنٿ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. خاص ڳالهہ، جيڪا سڀني جو ڌيان ڇڪائيندي تہ هيءُ شاعر پاڻ هڪ سٺو گائڪ ڪلاڪار پڻ آهي ۽ پنهنجي ڪن رچنائن کي سنگيت سان بہ سَنواريو اَٿائين.

سنگره جي شروع ۾ سرسوَتي ماتا جي وندنا آهي ۽ شاعر جي ٻن گُروُ گهرائن جهڙوڪ سوامي ٽيئونرام مهاراج، سوامي سروانند مهاراج، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ جشن واسواڻيءَ کي هيءُ گرنٿ سمرپت ڪيل آهي ۽ اِنهن جي اُستتيءَ ۽ ثَنا ۾ اَنڪل چاليهہ کن شعر ۽ ڀڄن رچيل آهن. سوامي ليلا شاهہ، شاعر پرسرام ضيا، دادا هوندراج دکايل ۽ هري دلگير کي پڻ اَرپڻ ڪيو ويو آهي. هن پڳتي ڪاويہ سنگره جي چار سؤ اٺ صفحن ۾ ڪل ٽي سؤ ٻيانوي ڪوتائون آهن، جن مان ڪي ڀڄن، گيت، ڪلام، دوها

آحساس (ڪوتا سنگره)

شاعرا - مايا راهي   سال - ٢٠٠٢

آزاد ڪوتائن جو هيءُ ننڍڙو انهن ڪي اَرپڻ ڪيل آهي :

”جن پنهنجي دل جي دنيا

دونهين بنا

سدا دکندي ڏٺي.“

ڪوتا مائڻ لاءِ آهي. شاعرا ’احساس‘ جي شعرن ۾ پنهنجي خلقيل دنيا جو سير ڪرايو آهي. سماج ۽ سرشتيءَ ۾ هيءُ ساڃيون ئي جذباتون احساس حاوي آهن جنڪي شاعرا چونڊ لفظن ۽ مخصوص انداز ۾ پيش ڪيو آهي تہ

”چيندڙ ۽ ڏکندڙ ڪڻ

لفظن جو روپ وٺي

اَحساسن ۾ جذب ٿي ويا آهن.“

تشبيهون ۽ تمثيلون بہ نيون استعمال ڪيل آهن جيئن تہ

”روزگار لاءِ ڏڪا ڪائيندي

سرير جو ڪٽل چمپل، ڇڄي پيو آ.“

۽

”اِسپتالن جا ڏڪا ڪائڻ شروع ڪيا آهن

جيئن ڪو

سڙيل زندگيءَ ڪي صحت جي چِٽي هٽي ڏي.“

شاعرا جون سوچون نااُميدي ۽ نراشا ڏانهن مائل آهن ۽ هنجو اُهو اِظهار طنز سان ٺمٺار ۽ مذاق وارو بہ آهي. جيئن :

”ضروري ناهي تہ ضرورت ۽ پسندي هڪ ئي هجي؟“

پر هوءَ ناستڪ نہ آهي. پريوءَ ۾ وشواس آستا قائم اٿس.

هِنن ڪوتائن ڪانسواءِ چِنتن، سچ، سچو سک، سوچ پيارا، ڪيِنَ اُڏام، اُٿيِ جاڳ، نام جي مهما، پاڻي ڪيِن وِلوڙ، جيوَ ڏيا، وِشيه، ڪيِن رَنجاءَ، مونهِ عيب، ڪروڌ، من ڪي سُڌار وغيره سَدِ گُڻِن تي رچيل گيت ۽ ڪوتائون بہ آهن.

هن پستڪ لاءِ سوامي ديو پرڪاش مهاراجن سَد پاونائن جو سنديش ڏنو آهي ۽ شاعر هريِ دلگير عالماڻي پومڪا لکي آهي. هيءُ پومڪا ست ساهتيہ جڳت لاءِ اهميت پري اوڪ-ڊوڪ آهي. هيءُ ڪاويہ سنگره پڙهڻ سان سچ-پچ مَن ۾ وِلوڙ وجهندو ۽ آتما پريو ڏيان ۾ سمائجي ويندي. ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هي گرنٿ ديش-وديش ۾ رهندڙ نؤجوان پيڙهيءَ لاءِ اَهميت ڀو رکي. هيءُ سڳيو پڳتي ڪاويہ گرنٿ سنڌي لپيءَ ۾ مارچ ٢٠٠١ع ۾ شايع ٿيل آهي، پر اُنهيءَ ۾ ڪوتائن جو اَندازگهٽ آهي ۽ ديوناگري لپيءَ واري ڇاپي ۾ ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ جون ٢٠٠٣ع ڪانپوءِ جون ڇپيل رچنائون بہ شامل آهن.

❖ ❖ ❖

باقي هيءَ سچ آهي ته

”پئسي جي ٻل تي پاڻ کي مهان سمجهندڙ
هيءَ مهان سنڌي اڄ انات آهي!“

جيئن واپارڪي دنيا ۾ ناري اشتهاربازيءَ جو نشانو آهي تيئن اسانجي ساهتيه ۾ اڄ ناريءَ کي پرش جهڙي برابري ڏيڻ جي بهاني هنجو ڍڪ پردو لاهي کولي لکيو ٿو وڃي ته

”گوليون اُپاري“

پرش جو ڍڪ پردو نٿو لاٿو وڃي! ساهتيه ۾ اهڙا اظهار لکڻ پروگريسو هئڻ جي ڪسوٽي آهي ۽ لکن به بزرگ ۽ عمرڪائي چڙهيل ساهتڪار ٿا! هيءَ شايد ڪو منو وگيانڪ مسئلو آهي. مايا ’راهي‘ پنهنجي انترمن جي پيڙا جو ذڪر ڪيو آهي ۽ چوند الفاظن ۽ اصطلاحن جي مدد سان فڪر ۽ جذبات جي نين ڪيفيتن جي تصوير ڪشي ڪئي آهي ته

”تون پيو ڪٿون ٽپين ۽ مان
اڪيون پائي ويٺي هجان.“

■■■■■■■■ ❖ ❖ ❖ ■■■■■■■■

جڏهن چوي ٿي،

”مان اڪيلي ناهيان

تون ساڻ آهين

ڪو وشواس ڪا شڪتي

يا ڪو سهارو آهين.“

ٻري شاعرا جي اسڦلتا ۽ نراشا پريءَ شڪايت مان مذاق به ٿو بڻجي ته:

جي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا

نه آهيو، ته ٿي پئو.

سڪي رهندا.“

انساني جذباتن ۽ احساسن کي مايا ’راهي‘ سماج سان شڪايت واري لهجي ۾ لکيو آهي. سماج ۽ سرشتيءَ جي ڪن حقيقي پر اڻوڻندڙ گهٽنائن ۽ نظارن جي جيڪا لفظي تصوير ڪشي ڪئي اٿائين. اُها تصوير ڪشي سماج جي ڪن خاص ڪردارن، جيئن ته ”وچولو طبقو“ ۽ ”ناري“ لاءِ ڪا به همدردي پيدا نه ٿي ڪري. زال ڪنپٽلي، تون اُداس آن، تون مري رهي آهين، نٿي پونديسانءِ، سندور ۽ تلڪ، اِسترين جو ڏينهن وغيره ڪوتائن ۾ شڪايت ٿي ڪري ته ڇا هوءَ پيار ۽ شيوا جي مجسم آهي تنهن ڪري حق ماڻڻ ڪانسواءِ ئي ترپت آهي.

وچولي طبقي وارن جي حساب جي دائريءَ ۾

”سدائين کوٽ ئي هوندي آهي.“

ناريءَ جي قربانيءَ جي پاونا ئي اَسان جي گهر جو بنياد آهي. هوءَ گد گد ٿي پوندي جڏهن بيماريءَ ۾ مڙس رکو پڇندس ته، ”ڊاڪٽر ڇا ٿو چوي.“

گهر جي ٻارن کي دوستن وانگر نئون نظريو گهرجي.

”ساندو“ ۾ سنڌين تي ڦتڪاروڌل آهي. پر اسين سڀ سنڌي آهيون ساٿيا. جتي رهون اُتان جا ٿي رهون ۽ سيني سان لهڪي وڃون. مطلب ته هر ديگي ڇمڇا آهيون. ڇا ٻيون قومون هنن گڻن جي گهيري کان ٻاهر آهن؟

ٻوڙن ’پارتي‘، ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ ۽ ڊاڪٽر جيٺو لعلواڻي تي سيمينار ٿيا آهن.

رائپور شهر اڄ جي حالتن ۾ مڌيه پرديش کان الڳ ٿي ڇتيسڳڙهه راڄيه جو حصو بڻيو آهي. کيس اُميد آهي ته هتان جي راڄيه سرڪار سنڌي ڀاشا ڏانهن ٻين ڀاشائن وانگر ڌيان ڏيندي ۽ ٿورائيءَ واري هن ڀاشا جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ ضرور ڪجهه ڪندي.

چوندا آهن ته شاعرن جو درجو سنتن ۽ درويشن جهڙو اوُچو آهي. سندن خيال ۽ ڀاونائون ’لوڪ ڪلياڻ‘ جي جذبي کان متاثر آهن. هيءَ ٿي جذبو آهي، جو اُمنگه اُڇل ڏيئي سندن اَندرمان لفظي صورت ۾ ٻاهر ٿا اچن. تنهن ڪري ڪي يعني تمام ٿورا شاعر جمندا آهن. اُهي به ساندهه ڪن پيڙهين جي سنگهرش ۽ سوچ جي ڪري. پر سندن فَن کي ڪمال تڏهن نصيب ٿيندو آهي، جڏهن اَڀياس ڪري شاعريءَ جي روايتن ۽ نيمن جو پالن ڪندا آهن. اِنتظام ۾ هوندا آهن، پوءِ ٿي وڃي قابل ٿيندا آهن، جو پنهنجي وزن جي جمال ۽ ڪمال سان ماڻهن کي متاثر ڪري پنهنجي رچنا ڏانهن مائل ڪري سگهن. نه ته عام ماڻهو به جهڙي تهڙي شاعر ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۾ وقت ضايع ڪونه ڪندا آهن. شعر نيم ۽ اُصول اَنوسار هجي، وقت انوسار هجي. شاعر هلندڙ دؤر ۾ ماڻهن جي من-اِستٿيءَ کي محسوس ڪري، اِهائي ڳالهه پنهنجي فنائتي ڍنگ سان چونڊ اکرن ۾، سهڻن جملن ۾ ڦباڻي قافيه رديف، رس ۽ رواني‌ءَ سان عمدي ۽ علحدي عبارت ۾ لکي جو پڙهي اَزخود ’واهه-واهه‘ نڪري ۽ شاعر کي پنهنجو همراز سمجهن. شاعر اُهو، جو پاڻ لاءِ نه، پر ٻين لاءِ لکي. نواڻ هجي. صرف ساڳين پراڻن موضوعن تي، پراڻن سانچن ۾ نه لکي، ته قبول ضرور پوندو.

’مسافر‘ جي ڪوتا ۾ روحاني فلسفو آهي. ’اَنادي اَمر آتما آءٌ آهيان.‘ سندن ڪافي غزل ۽ گيت دوردرشن ۽ ريڊيو تان مشهور گائڪن جو منو آلاپ بڻجي سگهيا آهن.

”اِنسان آ هلت ۾، حيوان ڪهڙي باعث،
تنهنجو هي سرڳ ٿيو آ، شمشان ڪهڙي باعث!“
”فرشتن جو رتبو“ سندس مسلس غزل آهي.

محبت سندا مينهن

شري پهلجراءِ جيرامداس مسند 'مسافر'

شري پهلجراءِ جيرامداس مسند 'مسافر' جو 'محبت سندا مينهن' ڪتاب هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ سندس غزل، گيت، وايون، دوگانا، پڃتي گيت ۽ ڇهه سِٽا آهن. ڪوي پهلج 'مسافر' اَصل اُلهاسنگر (سنڌونگر) جو رهواسي آهي. پوءِ وڃي رائپور وسايائين. شاعريءَ ۽ گيت جو شونق خانداني اٿس. روهڙيءَ واري سنت سائين وسڻ شاهه جو ڏوهٽو آهي، تنهن ڪري سائين وسڻ شاهه، سائين آتمارام ۽ سائين سڪرامداس جي ڌرمپتني وديا ديويءَ جي گڻن ۽ سُڀاءَ بابت پڻ گيت رچنا ڪئي اٿائين.

'مسافر' جي ڪوتا-رچنا ۾ لوڪ گيتن جي سرهاڻ آهي. اَحمدآباد دوردرشن تان سنڌي ڪاريہ ڪرم پرسارڻ شروع ڪرڻ وقت سندس رچيل 'سرسوتي وندنا' شري پون ڪمار ماٺا مڌر آلاپ ۾ ڳائي هئي. هيءُ شاعر مڌيہ پرديش جي ساهتڪ صف ۾ اول درجي جي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. شاعري ڪرڻ کانسواءِ سندس رُچي عام ڪي ساهتيہ رَسُ وٺائڻ سان گڏ قوم جي ڪن نامَور زندهہ ساهتڪارن جي جيون، شخصيت ۽ سنڌن ساهتڪ سرمايہ کي عام سنڌين تائين، پهچائڻ ۾ آهي. هو چاهيندو آهي تہ ٽڙيل پکڙيل، پاڙن کان اُکوڙيل، جلوطن ۽ دائما بنواس ڀوڳيندڙ سنڌي جاتي، ڪي اَهڙا ماڻ ماپا مقرر ڪري، جنهن سان سرڳواسي ساهتڪارن جا توتارا وڃائڻ عيوض سٺن ساهتڪارن جو جيئري ئي قدر ڪجي ۽ سندن رچنائن جون خاص وصفون ظاهر ڪجن، جنهن سان نؤجوان ٿَهي سندن ويجهو اَچي سُڃاڻي ۽ سندن ساهتيہ ۾ رچنائن ۾ ڪاويہ ۾ جيڪي نواڻ جا تَتوَ ۽ سنڌيت جو هُڳاءُ آهي، تنهن کي محسوس ڪري، ساڻ ساڻ اُنهن کَوين کي بہ مانسڪ سڪون پريي تہ ڪو ڪو ڪٺو اچا سنڌي پڙهي ٿو ۽ منهنجي رچنا جو مانُ ٿئي ٿو. هونئن بہ سنڌي ليکڪن ۽ شاعرن کي پُڇي ڪير ٿو! اِن ڪري شري 'مسافر' پرمپرا قائم ڪئي ساهتڪارن جي جيئري ئي سندن رچنا جڳت تي سيمينار ڪرڻ جي رائپور شهر ۾ 'سنڌي ساهتيہ سڀا' ناهيائين، جنهن طرفان ساليانو جلسو پڻ ڌوم-ڌام سان ملهايو ويندو آهي. هن سڀا طرفان شاعر هري 'دلگير'، پريو 'وفا'، ڊاڪٽر اَرجن 'شاد'، شري

اِستري تنهنجا روپ ....

ڏولڻ راهي

اَجمير جي ڏولڻ راهيءَ جي پنجڪڙن جو سنگرهه آڪٽوبر ٢٠٠٦ ۾ عربي ۽ ديوناگري لپين ۾ شايع ٿيو آهي. پنجڪڙو فارم ۾ ناري جيون کي مؤضوع بڻائي نئون ۽ دلڪش تجربو ڪيل آهي. ناري گهر ۽ سماج سان جدوجهد ڪندي مختلف ڪيترن ۾ پاڻ ته موڪيو آهي پر سندس قدر ڪير ڪونه ٿو ڪري.

ڏولڻ راهي اُهو گيتڪار، سنگيتڪار ۽ گائڪ ڪلاڪار آهي جنهن شاعريءَ جي سيني شاخن ۽ آزاد نظم تي به قلم هلايو آهي. ڪيس ٢٠٠٥ع ۾ ''انڌيرو روشن ٿئي'' تي مرڪزي ساهتيه اڪادمي جو اِنعام مليو آهي. سنڌي شاعري ۾ پنجڪڙو فارم پريو وفا جو آندل آهي.

''اِستري تون سرشٽي رچنا جو موُل، قدرت جو راز، نياز، ساز، ناز، پرهه جي باک، ماک، پنا رابيل، شاعر جو روح، جنني، سماجڪ ڏانچي جو آڌار، برڪت جو پنڌار، مايا جو روپ وغيره آهين پر اجا تائين وحشت جي دهشت ۾ جي رهي آهي. اڄ به مظلوم آهين، يگن کان تو مٿان ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ڪڪرم ٿيندو رهيو آهي ۽ تون زر ۽ زمين وانگر وڪائو چيز آهين.''

شاعر ستي، ساوتري، سيتا، ميرا، مارئي جا حوالا ڏيئي سندن ڪردار کي اُڀاريو آهي ته ناريءَ جي نفي شڪتين جو ذڪر به ڪيو آهي جيئن ته ڪيڪئي جو ڪردار ! ۽ ''زال سان زال ڪري ٿي ڌوهه'' ۽ اُهو به ڪونه وساريو اٿائين ته استريءَ جو مٿين ڪپڙن سان موهه آهي.

استريءَ جي لڪل شڪتين کي ظاهر ڪندي ڪين همٿ ڀڌائي چوي ٿو ته :-

''اِستري خود کي چئه نه غلام، ڪٽي زنجيرون ٿيءُ آزاد،
نئين پيڙهيءَ جو تون بنياد، سياڻو توکي ڪندو سلام،
اِستري خود کي چئه نه غلام!''

سهڻيون صلحون به ڏيئي ٿو ته :

”جي بي سمجهه، تن جو ڪڏهن لفظ به سهبو“
شاعر ڪي سنڌي ۽ سنڌ لاءِ شڪ آهي، سنڌس گيت آهي.
”ڪير وڃي پهچائي منهنجو سنڌڙيءَ کي پيغام،
متيءَ جي ڪڻ ڪڻ کي منهنجو سنڌوءَ کي پرڻام.

”اَمرت بوند“ ۾ لکي ٿو.
”شهر ته واقفڪار ’مسافر‘
سگهيس نه ڪنهن کي دوست بڻائي.“

سنڌي ڀاشا لاءِ لکي ٿو.
”شاهه سچل ساميءَ جي پياري - ڀهڳڻ ڀهڳڻ ٻولڻ واري،
آهه ’مسافر‘ ڀاشا - ڀاشا کي ڪيئن ڀليو ٿا.“
ڀاشا ڪانپوءِ سنڌي لپيءَ لاءِ ’وائي‘ ڇند ۾ لکي ٿو.
”ڇڏيو لپيءَ جي لاءِ لڙائي،
ڪونه رهي رنجش ۽ رولو،
سات ڏين جي سڀ هڪ ٿئي جو.“
سنڌس ”ڇهه ستا“ ڇند مان به سنڌ لاءِ سڪ جي ڇِڪ ٿي جهلڪي.
سنڌوَ جو جل،
اَمرت آهي،
منهنجي لاءِ،
آ! اُجايل،
ڏاڍو پياسو،
پياس ٻُجهاءِ.“
للڏو به اِجهو هيئن لکيو اٿس ؛
”اَنر جو ڇا شان نرالو، نيٺ ته گهوٽ آ هنجو سالو،
اَج نونَن جا مينهن وَسايون - اَچو ڙي پينر ٿالهه وڃايون.“

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

ٽڪرا ٽڪرا ننڊ

گوردن شرما ”گهايل“ سال ٢٠٠٢

شعر جو خيال، جذبو، سونهن ۽ ترنم پاڻ کي متاثر ڪو ڪري. شاعري آهي شعور، شعور معنيٰ ڄاڻ ۽ خيال. خيال جي نزاڪت، جذبات ۽ اُمنگن جي اُڇل اختصار سان لفظن ۾ ٿيندي آهي. شاعري ساهتيه جو اُهو لَلِت ڪارج آهي جنهن معرفت شاعر جا احساس الفاظن ۽ جملن، قافيه ۽ رديف، رس ۽ رهسيه، ڇند ۽ عروض جي بندش جي سانچي ۾ ٺهيل اَرٿ جو اِظهار ٿا ڪن ۽ پاڻ اُنهيءَ شاعرائي اَنيوَڪي مائي متاثر ٿو ٿئي. ماترائن ۽ وزن ڪانسواءِ شعر، شعر نه ٿيندو آهي. شاعر جي خيالن ۽ اپياس جي اونهائي توڙي عام نيڪ وهنوار واريءَ شخصيت جو ڇٽ سندس شاعرائيءَ ڪلا مان لياڪا پائيندو آهي. ڪوتا ۾ ذهني پرواز، سليس خيال، دل جي جذبات ۽ اُمنگ جو فصيح ۽ ترتيبوار اظهار آهي. محاوريدار ۽ علمتن سان سينگاريل ٻوليءَ ۾ عالمگير برادريءَ ۾ غير طبقاتي سماج ۾ شاعر اِنسان پرستيءَ کي اهميت ڏني آهي.

”ٽڪرا ٽڪرا ننڊ“ گوردن شرما ”گهايل“ جون ڪوتائون سندس ستون نمبر شاعرائي ڪاوش آهي جنهن جي پنيان مايناز شاعر هري دلگير جا ’ٻه لفظ‘ درج آهن. جن جو تاٿپرج آهي ته ”گهايل“ سنڌيءَ جي پڪن پختن شاعرن مان هڪ آهي. هن مجموعي ۾ غزل، آزاد نظم، نظم، سانيٽ، ترائيل، پنجڪڙا ۽ هائيڪو ٻه آهن.

هن سنگره جو مهاڳ لکندي تاجل بيوس ”گهايل“ جي شاعريءَ کي قلدار ۽ قولدار وڻ سان ڀيٽيو آهي ۽ لکيو آهي ته سندس شاعري زندگيءَ جي انيڪ حوالن سان ٺنڊري پيئي آهي. ٻين شاعرائين خوبين سان گڏ موضوع جي چونڊ عمدي اٿس، جن ۾ سماج ۽ اِنساني قدرن جو ذڪر آهي.

ڪويتائن مان ظاهر آهي ته شاعر ”گهايل“ کي جنم ڀومي سنڌ ۽ سنڌ جي شين سان بيحد پيار آهي. سندس اِظهار جي عبارت طنزيِ ۽ مذاق ڀري آهي :

”ڪلپنا وانگر متي اڏامڻ اباڻي ٻولي ڪين وسارڻ
ٻاڻ ڪي بدلي ڀڳہ بدلاءِ ۾ پنهنجي طاقت جو ڪر اَحساس.“

شاعر پنجڪڙن جي پڻماني ۾ اِستريءَ جي جيون، وهنوارِ سڀاو ۽ سنسڪارن جو اَثرائتو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪين بدلجڻ لاءِ تاڪيد ڪئي آهي. پر الئي ڇو شاعر ٢٠ صديءَ جي جانباز ديش ڀڳتياڻين کي نظر انداز ڪيو آهي پرپوءِ بہ غم ناهي جو هنن پنجڪڙن ۾ استريءَ جي آتم پيڙا جو سوزناڪ ذڪر آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

''پاڻ سان پاڻ وينو ڳالهائي، سوٽ ۽ بوٽ ۾ چريو ناهي.'' ...... (Page 25)

اِنساني مجبوري ۽ لاچاريءَ جو ذڪر هن ڪان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو ٿيندو آهي!

ڪَڇ (گجرات) ۾ ٿيل قدرتي قهر جو ورنن ٻه چوند لفظن ۾ ڪري ڳاگر ۾ ساگر ڀريو اٿس ۽ ساڳي پد ۾ اُن ۾ ٿيل قدرتي قهر جو ذڪر به آهي. اِنساني قهر جو ذڪر ته سندس ڪوتا ۾ نڙيل پکڙيل ۽ سمايل آهي. ٻن سٽن ۾ قدرتي قهرن جو اِتهاس سمايل آهي:

قهر ڪڇ ۾ ڪري ويو ڀوُڪمپُ

ٻوڏ جو ڳهاءُ پڻ ڀريو ناهي.'' ...... (Page 28)

'ڏياريءَ جو ڏينهن' ۾ شاعر اَهڙي درشيه ڪي اَمر بڻايو آهي جو هرڪو ڪَرڻ رَس سان ٿو ڀرجي ته:

''غريبن جي گهرن اندر جلي پيو ديپ ٿو دل جو،

وجهي سي تيل آنسن جو جلائن ٿا

ڪڏهن رودن ڪڏهن گهيِي، رڳو روئيءَ ٽُڪر لئه جِت

نه پئسو آهه جن وٽ سي لڏون برفِي ڪٿان آڻن؟'' ...... (Page 47)

'مهانگائيِ' ۾ مُلڪ جي مالِي نابرابريءَ جو ذڪر پڙهِي سماجِي ڪشمڪش جي تصوير ٿِي سامهون اُڀري، جنهن ڪي مُلڪ جو وچولو ۽ غريب طبقو ڀوڳي رهيو آهي. هن ڀوڳنا مان پئدا ٿيل ڪوتا من تي چوٽ ٿِي ڪري. وچولي طبقي جا دکه، نراشا ۽ پورهيو دل ۾ درد ٿا پئدا ڪن. هيءُ حقيقِي چِتر آهي. عام ڀارتواسي جي اَندر جي واردات جو اِظهار آهي. ماڻهن جي تجربن جو، آزمودن جو نتيجو ٻڌايل آهي ته:

''وِڙهي ڏَنوان نِرڏن سان - بَزارن ۾، قطارُن ۾!'' ...... (Page 49)

هنن ڪوتائن ۾ سندس لهجو شڪايت ڀريو آهي.

'ڀارت ديش مهان' هڪ اَهڙي نظم آهي جنهن ۾ ديش جي جاگرافِي، تواريخ ۽ سماج شاسترن جو ورنن آهي.

ٻلاءُ، سيرو، مَکڻ، ملائي، ڪٿي تہ سڀ ڪجھہ مرون ويا ! ...... (Page 25)

سنڌ جون سوڪڙيون، گودڙي ۽ جهَلِي ! ...... (Page 27)

غزلن ۾ بہ منوورتيءَ تي ڪيل طنز سيني جو تِي ڏيان ڇڪائي :

”هٿ ڪٿِي ها تہ ڪَرِ ٻولِ ڀَلِ ڪجهہ بہ تون !“ ...... (Page 25)

سندس طنزي شاعريءَ جو پهلو وڌيڪ روشن افروز ٿو ٿئي جڏهن ڪنهن ڪردار جي چرتر تي ٽِپڻِي ٿو ڪري تہ

”هٿ ۾ تسبيهہ ٿو رکي هردم،
اهڙي غلطِي ڪئِي اَٿس ڪائِي !“ ...... (Page 14)

”ٽِڪرا ٽِڪرا نندڊ‘ جون ڪوتائون اِنسانِي ڏُک پيڙا ۽ ويدنا جي آزمودن جا عڪس آهن تنهنڪري دل کي ڇهندڙ آهن ۽ سوچ جي ساگر ۾ ٻُڏيون ڏيون ڏيارين تہ هڪ مفلس ۽ مجبور ٻالڪ، ڪيترو نہ مجبور آهي :

”جِن جي هَٿ ڇٽنگايون تيليون، تِن جي دِلِ ۾ ٽاندا پَچُرَن“ ...... (Page 17)

سوَلي ۽ سرل تشبيهن واريءَ ٻوليءَ ۾ اِشارو ڏنو اَٿائين تہ :

”وَرسيءَ تي واللريون ڪرسيون، ڀهرينءَ صفَ ۾ ڇٻرن، طوطن.“ ...... (Page 17)

اِنساني وهنوار ۾ نوِڙت آهي تہ سندس چرتر ۾ چار چنڊ لڳندا آهن. اَهڙي خيال جو اِظهار اِجهو هينئن ٿو ڪري ۽ اِشارو پاڻ ڏانهن اَٿس.

”روز ساڳِي ساڳِي ’گهايل‘ شاعري،
ڪجهہ نوان گلزار مان اَڄ گُل چِني.“ ...... (Page 26)

”نازُ پويان ڪري سگهن جنهن تي،
اَهڙو ٻونو اَجان ٻريو ناهي.“ ...... (Page 28)

شاعر جي شعرن ۾ سمايل ڪي سنديش ۽ پيغام اَسانجي روزمره جي جيون سان جڙيل آهن. شاعر نہ صرف پنهنجي من جي ويدنا جو پر عام ماڻهوءَ جي ڀوڳنا جو حقيقي ۽ سرل چِترڻن ڪوتائن معرفت پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ پريوار، سماج، ديش ۽ اِنسانِي ڏُکن-سُکن جي انيون سان ڀرپور ڪوتائون پنهنجي نجِي انداز ۾ پيش ڪيون آهن. اِنسان جي ٻهروپ، ڀرشٽاچار ۽ ٽٽندڙ رشتن ۽ پريشان ڪندڙ وهنوار ۽ ماحول جي رد عمل جو اثردار اِظهار ٿو ڪري تہ :

لفظن ۽ جملن جي بناوت سان شاعريءَ جي ڪرتب ۾ چار چنڊ ٿا لڳي
وڃن جڏهن سوزناڪ ۽ درديلي تصوير ۾ ٿو پيش ڪري ته سندس پاوَپرڏان
ڪوتا هڪ اجنبيءَ جي لاش تي' ديا ائين ٿي ٽپڪي جيئن اکين مان آنسون.

''ناهه تنهنجي گهر ۾ اڄ پائي ڪفن جي واسطي'' ...... (Page 39)

جوڳي نظم ۾ جوڳين ۽ سنياسين جي سياوَ ۽ نيڪ پرستيءَ کي سولي
لهجي ۾ سمجهايو اٿائين،

''پيائي ٻارن هردو نارن،
تيائين سنساري سُک سارا.'' ...... (Page 41)

ڀڳتي رس ۽ پريوءَ ۾ آستا 'آءُ ڪرشن' مان ظاهر ٿي ٿئي جڏهن
پڪاري ٿو:

''هن سک جي نگريءَ ۾ پارت ۾، اَڄ آهه وڏيو آزار مِنا،
ڏي گيتا جو تون گيان وري،
پيو ٻُلجي آ اِنسان وري.'' ...... (Page 44)

'قسم کائون ٿا' ڪوتا ويررس جو سواد ٿي ڏئي:

''هيءُ ديش بچائڻ لئه اَسين او 'گهايل'
خود کي به مٽائڻ جو قسم کائون ٿا.'' ...... (Page 45)

'رهنما ويندو رهيو' شاعراڻي شاخ 'مرثيه' وانگر آهي.

شاعر جو نظريو ڪيترو نه وشال آهي. هن وٽ ماڻهوءَ جي اوچ ملهن جو
قدر آهي جيڪو 'گهايل' صاحب ڪوتا ۾ ظاهر ڪيو آهي. 'پنجڪڙا ۽ تنها'
صنف کي به ڪونه وساريو اٿائين.

پنهنجي جنم آستان 'ميهڙ' جي ٻوٽ جو مثال ڏئي سنڌ جو ذڪر ٿو ڪري:

''ميهڙ جو ٿِي رڳو نه،
سنڌ جو حال به ويڳاڻو آ.'' ...... (Page 71)

ڪن جو سياءُ ٿيندو آهي هر چيز مان نفي مطلب ڪيڻ جو،

'ڪو روزگارڊن کي ٿارن گارڊن چوڻ چاهيندو آهي'' ...... (Page 83)

جيئن اُستاد شاعر ٻيوس جو ’مزورڻ‘ نظم امر آهي تيئن شاعر ’گهايل‘ ’بڪارڻ‘ کوتا لکي پاڻکن کي سجاڳ ڪيو آهي ته اِسترين سان اتياچار ۽ ظلم صدين کان هلندو پيو اَچي.

”ڏکي جنهنجي لئه ٿي ڪرڻ خودڪشي آهي ! ...... (Page 56)

من ۾ اِنساني ووشتا جي تصوير آهي. شيڪسپيئر واري سانيٽ کي چؤڏسي جي روپ ۾ پيش ڪيو اٿائين. هن گيتن جي پنڌاري ۾ لوڪ گيت ۽ قومي گيت به آهن. ’اسانجو پيارو هندستان‘ ته هڪ ترانو به آهي. شاعر پنهنجي وطن جي ساراه ۾ گيت ڳاتا آهن.

اعلي اِنسان جي تصوير پيش ڪري چوي ٿو :

”سُک دُک ٻئي سمان

جنهن ماڻيا هن جوڻ ۾، سو اعلي اِنسان.“ ...... (Page 64)

نه ته دنيا ۾ گهڻا لُچ آهن، جيڪي حڪومت جا تختا پلٽي رهيا آهن ۽ قوم جا گهڻگهرا چُپ آهن.

آزاديءَ کي بلبل ۽ دشمن کي شڪاريءَ جي تشبيهه سان اِظهار ٿو ڪري ته

”آهه آزاديءَ جي بُلبُل ساهه کان مِٺ ساٿيو !

تنهنڪري تنهن کي شڪارين کان بچائيندا هلو.“ ...... (Page 20)

’ڪانگل يعني ڪانوُ، تنهن کي سنڌ ۾ پيغام پهچائيندڙ ڪري ليکيندا هئا. ڪانوَ سان مخاطب ٿيندي سنڌ جي سماجِي جاگرافيائيءَ سقافطي ۽ اِتهاسڪ ورنن کي ڪونه وساريو اٿائين. پڙهڻ سان نئين ٽهيءَ جي ڄاڻ وڌندي. ڪانگل کي للچائي ٿو :

”لولو منو مان ڏيندس توکي انعام جي تون“ ...... (Page 32)

’پيار‘ ۾ قدرت جي دلڪش نظارن کي رنگين ٻڻائي لفظي تصوير ڪڍي اَٿائين. اُنهن قدرتي نظارن جي اثر کان اِنسانِي من ۾ اَهڙي اُٿل پُٿل ڪيئن مچي جو اندريونِ سياءُ اُبرڪو ڏيئي ٿو ٻاهر اَچي ۽ دل ٿي چوي :

”سونهن جا ڪي ڪرشما چؤڌر ڏسي دل شاد اچ،

اوچتو من ۾ ڪهڙي محبوب جي آ ياد اچ.“ ...... (Page 33)

۽ مان سنڌ پهچي ويس (شعرن جو مجموعو)

گوردڌن شرما ”گهايل“، پونا سال: ٢٠١٠

گوردڌن شرما گهايل جي شاعريءَ جو هيءُ اٺون مجموعو آهي. جنهن ۾ ”ٽڪرا ٽڪرا ننڍ ۽ ميڙي چونڊي“ سنگرهن مان چونڊ شعر ۽ غزل بہ آهن. گهايل صاحب کي گهڻن ئي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري اِنعامن سان نوازيو ويو آهي. سندس شاعرانہ ٻوليءَ ۾ رنگينيءَ سان گڏ سرلتا بہ آهي. سنئين سڌي سنڌيءَ ۾ لکيل هِنجا غزل ۽ شعر وڌيڪ اثرائتا آهن. کيس بحر وزن قافين ۽ رديفن تي پختي پڪڙ آهي. مؤضوعن يا وشين جي گوناگونيت ۽ نواڻ ۾ بہ هيءُ شاعر اڳ رو آهي. کيس غزل فارم تي سٺي پڪڙ ۽ دسترس آهي. هِن غزل کي عشقيہ شاعريءَ تان ڪٽي عام ماڻهن جي حياتيءَ جي روزمره جي تضادن جي اِظهار جو سؤلو، سرل ۽ سهوليت وارو سهڻو وسيلو بڻايو آهي.

جيئن هر شخص جون داخلي ۽ خارجي پيڙائون ۽ پريشانيون، مانسڪ ۽ دنيوي دکہ سندس ميڙي چونڊي آهن تيئن هِن شاعر ”گهايل“ کي زماني جي واچوڙن گهايل ڪري، من ۾ اٿل پٿل پيدا ڪئي آهي. اُهي هِنجون اَنڀوتيون شعر بڻجي ڪاغذ تي وچانئجي ويا آهن. هِن سنگره جا شعر بہ ڪنهن خاص مقصد سان رچيل ۽ چونڊيل آهن. جيڪو مقصد اٿس سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ياد.

گوردڌن شرما ”گهايل“ علم عروض ۽ ڇند وديا جو ڄاڻو آزمودگار ۽ پڪو پختو شاعر آهي، جنهن جي هر وشيہ ۾ تازگي ۽ نواڻ آهي. ”گهايل“ جو هر شعر حياتيءَ سان جڙيل آهي. زندگيءَ جي مجبورين، مسئلن ۽ حاصلاتن سان جڙيل آهي. هِن ڪوتا ڪٽ ۾ سندس غزل، نظمون، چؤسِٽا، دوها، سورٺا، بيت ۽ تصويرون آهن. ڪنهن بہ خيال جي ڪلپنا ڪرڻ، سوچڻ ۽ لکڻ جو کيس پنهنجو نِجي نظريو آهي. درشٽي ڪوڻ آهي. جنهن سان سندس گهايل هجڻ جو تکو احساس ٿو ٿئي. هوُ سنڌ جي وڇوڙي کي جلاوطني ٿو سمجهي.

شهري زندگيءَ جي عڪاسي هِن غزل معرفت دل کي ڇهندڙ آهي.

هن پرتياشالي شاعروت اَهڙي ڪاويہ ڪلا آهي جنهن معرفت آدرش ۽
حقيقت سمائي ٿو. سندس ’ٽڪرا ٽڪرا ننڊ‘ دلڪش آهي.

’ٽڪرا ٽڪرا ننڊ‘ ۾ شاعراڻي دنيا جي سيني بندشُن جو، ديشي ۽
وديشي صنفن جو سئر ڪرائيندي جهوني ۾ جهونيِ وائي ۽ نئين ۾ نئين
پنجڪڙي جي پڇاڻ بہ ڏنل آهي تہ جپاني هائيڪوو ۽ تصويرن جي روپ ۾
تہ سٽا ۽ هڪ سٽا بہ آهن. ’ٽڪرا ٽڪرا ننڊ‘ جا شعر سادا هوندي بہ سلوڻا،
رنگين ۽ گوناگون آهن. نئين ڪوتا جي اِظهار جيِ آزاديِ ۽ شڪايت وارو لهجو
ڪوتا ماڻڻ لاءِ لالچائي ٿو.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

ساوا ساوا پَنَ (ٻال گيت)

ڪمل پياسي   سال: ٢٠١١

ڪمل پياسيءَ جي ٻال گيتن جو هيءُ ٻيو ڪتاب ممبئيءَ ۾ ڇپايو آهي. قدرت جو سنجوڳ آهي. ڪمل پياسي احمدآباد ۾ ديا جشناڻي اُلهاسنگر ۾ رهن. جنم ڀومي ڀريا ۾ ساهتيه جي رُچيءَ ڪين مِلايو ۾ ساوا ساوا پَن اَسانجي هٿن ۾ آهي. ديا هِن معياري شاعر جا ٻال گيت ديپ-للت ۾ ڊارمڪ پستڪ جهوليلال چاليسا ٻه روشنيءَ ۾ آندا آهن. شاعر ڪمل پياسيءَ ديا جشناڻيءَ جو ڪهاڻي سنگره اَمانت سهيڙي ديا جشناڻيءَ ڪي اَدب جي روشنيءَ ۾ آندو آهي. شاعر ۾ سمپادڪ جو هيءُ رشتو ٻه عجيب آهي جنهن ڪي فون ۾ ڪوريئر سروس آسان بڻايو آهي.

هيءُ ٻال گيت ٻارن جي ڪومل ۾ سوڪيمر ڀاوناڻن سان، سپنن سان سهج سوچ سان ڀرپور آهن. هِن شاعر جي ٻال گيتن ۾ من جي اُڇل ڪان وڌيڪ سوچ جي خوشبوءِ آهي. هِنن ۾ ٻار جي سرل سڀاوَ جو عڪس آهي. ٻارن جي انگلن جي تصوير آهي.

"ٻار گلابي گلڙا آهن - وڻندڙ ڪومل ڪچڙا آهن. نِرمل نازڪ نندڙا آهن."
ٻار هنئين جو هار سيني لاءِ-ڇٽڪ پريوءِ جو پيار سيني لاءِ' ڇڻ ٻگوان.

هرڪو ٻالڪ اڄ ته اِنهن ڪي ڪيڏڻ ڏي. پوءِ باقي جيون سسڪيون سُڏڪا. پپا مميءَ ڪي ڪجهه سمجهايو' گهمڻ ڦِرڻ آسان ڪري.

شاعر ڪمل پياسيءَ جو ٻار ڪيترو نه ذهين آهي.

منهنجا جذبا مون سان آهن' هردم مون سان ساٿ نباهين.

پر ٻار جي سچي تصوير ٻه آهي. ٻار جڏهن ٽا ٺهڪ ڏين، ڪليون گلن جون ٽِڙي پوَن.

ڪن ڪوتائن ۾ ٻال ڪهاڻين جو ذڪر آهي. ننڍڙا ٻار ۾ سائيڪل، هڪ گهٽنا جو ورنن. ٻار جي هر سڀاوَ جي ممڪن پهلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

”هڪ هٽي ڪان اڻ واقف سڀ ها،
گهر جي ناليءَ ’هوٽل‘ هو.“

ڪوتا ڪٽ جي عنوان واري نظم ۾، تاريخ، وقت ۽ هوائي جهاز جي ناليءَ سان دبئيءَ ڏانهن سفر جو ذڪر، جهاز ۾ سنڌيءَ ۾ پڙهائي ٿي ۽ شاعر خيالن ۾ سنڌ ويو هو.

’ايمنيو‘ شعر ۾ ايمنيو جي چرتر ۽ هرشد مهتا جي چريتر جي پيٽ ڪيل آهي. اصلي راوڻ اڄ جي راوڻن اڳيان ٻامڙو آهي. نظمن ۾ آزاد نظمن ۾ طنز آهي. گيت ٻه دلڪش ۽ سنگيت جي لئه پيدا ڪندڙ آهن. شاعر شاعريءَ جي هر شاخ تي لکيو آهي پر غزل تي قلم وڌيڪ هلائي، غزلن جو شاعر بڻيو آهي.

هِن تصوير ۾ سنڌي جاتيءَ جي اونداهي آئينده لاءِ للڪار آهي.

باهه لڳڻ جا گهنڊ،
وڙ وڙ وڄندا ئي رهيا،
سنڌيت گهري ننڊ!

وطن دوست ۽ سنڌيت جي شيدائي هِن شاعر جي ضمير تي ويدانت ۽ تصوف جو اثر آهي. ١٤ فيبروري ٢٠١٠ع ويلنٽائين ڊي تي سنڌ وارن ڪيس سنڌ ۾ هيءُ ڪتڪو پيٽ ڪيو آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

دنيا کيل تماشو

گيتڪار: - گووندا

سال: ۲۰۰۹ پبلشر: انيتا ريلواڻي

گيتن، غزلن، نظمن، ڪويتائن، پچنن، ڪالمن ۽ آرٽ سميت رباعين جو رچيندڙ گيتڪار گووندا شاعر ۽ گيتڪار آهي ۽ رئي آهي پر پنهنجا شعر ڪتابي صورت ۾ شايع ڪجهه دير سان ڪري هينئر ساهت جي ميدان ۾ پختن قدمن سان پڌاريو آهي. ڪتاب جي ڪوَرپيج تي شاعر جي سوچ جون رنگين تصويرون آهن جن ۾ هو پاڻ به آهي. گووندا قبول ڪيو آهي ته گووندا جيڪي ڏنو آهي تنهن ڪي ئي شاعراڻو ويس پارايو آهي. سندس گيتن، غزلن ۽ رباعين جون ڇهه ڪئسيٽس هندي، سنڌي ۽ مراٺيءَ ۾ نڪتل آهن.

هن مجموعي جي آڌار تي چئبو ته گووندا بي ڊپائيءَ جي جذبي سان سچ چئي لڪل ڏک هٽڻ جي توفيق وارو آهي. سندس شعر دل کي ڇهندڙ سڪيادائڪ، اتساهه وڌائيندڙ آهن. هيءُ ڏاتِ وارو شاعر معياري شعر ٿو لکي. هن جي رچيل دوهن جو ارٿ پارتي گوڪلاڻيءَ جو لکيل آهي. هر شعر ۾ گووندا جا اُمنگ، احساس، آزمودا ۽ بلند ويچار آهن.

آزاد نظم ۾ 'پرساد ورهائڻ' جو منظر آهي ته 'ڏنگ' پنهنجن جي ڏنگڻ جي پيڙا جو اِظهار آهي. ديش ۾ قانون جي حالتن جو فوٽو آهي. چوي ٿو ''سچ ڪائي ٿو موچڙا.'' ''لفافو'' نظم ۾ چوي ٿو: -

''پهچان ٿو مان هاڻ...
ڪجهه ڊاڪٽرن وٽ به
ڪميشن جي روپ ۾.''

''پرارٿنا مهل به ايشور ڏانهن شڪايتن جا چٺا.''

''گهرجن جا چٺا'' اِنسان جي بي شڪر هجڻ جو مثال آهن. 'وڪيل' نظم ۾ نيم پليٽ تي وڪيل جي جاءِ تي لکيل هو وِڪيَل. عنوان واري ڪوتا 'دنيا کيل تماشو' اِنساني زندگيءَ جي ڏار-ڏار مانسڪ پهلن تي رچيل آهي.

ٻپ ۾ جي ٻارگذارين-تِن کي ڳهرجي ٿو آڏار.

'جل جي ڏارا' ۾ ٻار جي ڪلپنا ۽ اونهي سوچ جو نتيجو هي ءُ

اَلغاظ آهن :

ٻوڙي ايندا پوپٽ پيارا' آهيان نِرمل جل جي ڏارا.

هن ڦوڪڻا، موبائيل فون، جادوگر، گگن ياترا، ٻارن جو سنسار، پيارو

ديش، ڏياري، نوريئڙو، پکيئڙا، جهرڪيون، ڪبوتر تي بہ ٻارن لاءِ شعر لکيا

آهن.

سنڌي ننڍيون ڪھاڻيون

- ليکڪ ناڪر چاولا، اَمرتا آنند پبليڪيشن، ممبئي - سال ۲۰۱۰ع

سھڻي ماڊرن آرٽ واري رنگين ڪوَر ۾ ويڙھيل ھِن ڪتاب جو مھاڳ لڇمڻ ڪومل لکيو آھي. 'قداور ڪھاڻيڪار جون مِني ڪھاڻيون' ھيءُ سنڌي ڪھاڻيون ننڍيون بہ نہ مِني آھن. ھِن پٽرائن ۾ اڌ پيج واريون بہ آھن. ليکڪ قداور آھي جو ڪھاڻين کي بُلنديءَ تي پھچائڻ جي قابليت ۽ قوّت وارو آھي. ننڍين-ننڍين ڪھاڻين معرفت ھِن ثابت ڪيو آھي تہ سُٺي ڪھاڻي لکڻ لاءِ اکرن جو ڦھلاءُ ضروري نہ آھي ۽ اڄ جي ڀڄ ڀڄان واري حياتيءَ ۾ پڙھندڙن کي ھڪ گھڙي، ھڪ موضوع ۽ ٿورن ڪردارن واريون ڪھاڻيون وڌيڪ پسند ايندڙيون. ڪين وندر ۽ آنند ملندو، ساڳئي وقت گھر ۽ سماج بابت ضروري ڄاڻ ۽ سُٺي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ رھنمائي بہ ملندي.

ناڪر چاولا پنھنجي شريڪ-ي-حيات پاروُ چاولا سان سيتا سنڌو يوَن ۾ سنڌي آوازي ڪلچر جو ڦھلاءُ ڪندي، پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ياد تازه ترين رکندي، سنڌي ٻوليءَ ۽ ساھتيہ جي شيوا ڪري رھيو آھي ۽ 'سِپون' ٽماھي مئگزن جو سمپادن ڪري ڪيترا سيمينار، سميلن ۽ چؤنڪيون پڻ ڪندو آھي.

سندس ڪھاڻي سنگرہ آھن :

۱- شاديءَ جي پھرين رات.

۲- اڄ جون ڪھاڻيون.

۳- سنڌي ڪھاڻيون.

۴- ۽ تازو لکيل ھيءُ ۲۱ ڪھاڻين جو سنگرہ. سنڌي ننڍيون ڪھاڻيون.

ڪھاڻيون ثابت ٿيون ڪن تہ ناڪر چاولا ھڪ عظيم ڪھاڻي نويس آھي.

ھن سنڌ ۾ 'رھي پئہ' سفرنامو بہ لکيو آھي. ناڪر چاولا جي ڪھاڻين ۽ سفرنامي جا ھڪ ڪان وڌيڪ ڇاپا ھِند ۽ سنڌ ۾ خلاص ٿي چڪا آھن. ھِن ليکڪ تمام رڌل زندگي گذاريندي، بيماريءَ سان مقابلو ڪندي شھہ سوار بڻجي علحدن علحدن مؤضوعن تي ۲۰۰ ڪان بہ وڌيڪ ڪھاڻيون لکيون آھن.

شاعر امرت ويلي جو مانسڪ شانتيءَ واري وايومنڊل جو اظهار ڪري ٿو

”منڙا سُرَسان تون سُرَڪي ملائي ته ڏس،
امرت ويلا رس اندر ڪي پيئاري ته ڏس،
ڇا ته ڪويل جون ڪُهون، جهرڪين جي جهرمر،
تون پکين جهڙو به پاڻ کي بڻائي ته ڏس.“
شاعر جي طنز ته پڙهو:
”ڪفن برهمڻ ڪان نه، سبائجانءِ منهنجي درزيءَ ڪان،
ڇئجانس ’گووندا‘ جي ٿي، ٽِٽي سٽ ڪيسا پورا رکي ڏي.“
هن شاعر جي شاعري دماغ معرفت دل تي ٿي اثر ڪري. هي سنگرهه سنڌي شاعريءَ ۾ اضافو آهي.

آيل بازن ۽ سرٽين جي اُميدن تي ليپو پئجي ٿو وڃي جڏهن سرگواسي گرمکداس جي ڇڏيل مٽيتر گومتي اچي ٿي پرگهٽ ٿئي ۽ چوي ٿي فلئٽ منهنجي نالي آهي. منهنجي ماسي پٽيءَ لاءِ پيار جي اظهار ۽ سيوا ڀاونا واري ڪهاڻي آهي. چاٻيون ۽ سلور جبلي ڪهاڻيون مردن جي لالچ ۽ حوس جي بڪ بابت آهن. ٻرڙيون ڪهاڻي ٻڌائي ٿي ته ٻنهي لَو مئريج ڪئي آهي پر روزاني زندگيءَ ۾ اهڙي ڪل ڪل ۽ ڪِٽ پِٽ ٿيسي آين جو مرد آپگهات ڪيو! پر زال ٻرڙين وقت پار ڪڍي روئندي چيو، ”مونکي ڏکي ڪرڻ لاءِ ائين ڪيائين!“

دل شڪستو ڪهاڻيءَ جو مسئلو خاص شاهوڪار سماج سان وابسطه آهي. نائڪا مشهور ٿيڻ ۽ زندگيءَ ۾ عيش ڪرڻ لاءِ شاهوڪار سان شادي ٿي ڪري. هوُ ڏنڌي جي ڪمن ۾ ايڏو ٻُڏل آهي جو ڪيس هنيمون تي وٺي ويو ته پاڻ اُتي به ڏنڌو ڪندو هو ۽ زال کي پرچيزنگ تي موڪليندو هو. اڪيلائپ مان تنگ ٿي هوءَ جوئاري زالن جي سنگ ۾ آئي ۽ مڙس جي خوب ملڪيت هارايائين ۽ ويچارو مُڙس ٿي پيو دلشڪستو!

باءِ پاس ۽ چار گهنڊ ڪهاڻيون بيمارين جي علاجن بابت ته آهن پر اُنهن علاجن مان ڪاميابي ۽ شفايابي ڪرمن اَنوسار ملندي. هيءُ نِجي انيوتين وارين عقيدتمندي جون ڪهاڻيون آهن. باءِ پاس آپريشن جي چٽي چاڻ ڏنل آهي. ٻه ڏينهن ڪهاڻي چريتر هيڻ مرد جي آهي ته اَمبولنس ۾ اُنهن ڪردارن جو عڪس آهي جيڪي بنا وصيعت ڪرڻ جي مري ٿا وڃن. مؤت جو سڏ ڪنهنکي ڪيئن، ڪڏهن ٿو ٿئي هِن وشيه کي آنندميه اَنداز ۾ لکيو ويو آهي. ناڪر چاولا هيءَ ڪهاڻيون لکيون آهن پر هِنجي لکڻ جو اَنداز-ي-بيان رنگ ڍنگ، ڪهاڻي ٻڌائڻ جهڙو آهي. ڪهاڻي لکڻ جو مقصد اوچتو پچاڙيءَ ۾ ظاهر ٿو ڪري. سپڪ ۽ سوادي سرل ٻوليءَ ۾ سنڌي ننڍيون ڪهاڻيون زندگيءَ جون تصويرون آهن. آتم ڪٿا ئي عبارت ۾ لکيل منتظريءَ جي عناصر سان ڀرپور آهن. بنا عنوان وارين ڪهاڻيون به دلڪش ۽ ڪمائتي وشيه بابت آهن. سُلي پلاٽ تي لکيل آهن. اُنهن ۾ به ستين، شوَم ۽ سندرم آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

سندس ڪهاڻين جا وشيہ گهر، سماج ۽ ڌارمڪ ريتين رسمن سان جڙيل آهـ
هن ڪهاڻي نويسيءَ ۾ بدلاءُ آندو آهي. ساهتيہ جي بنيادي اُصولن ۽ فن س
نباهيو آهي. ٿورن لفظن ۾ وڏي مطلب وارين، دلچسپ، عام ۽ خاص ماڻهو
جي زندگيءَ جا مسئلا جيئن آهن، تيئن حقيقي روپ ۾ رکي ڪهاڻيون رچيو
آهن. جن مان سندس بي باڪي ۽ بي ڊپائي ظاهر آهي. لکڻ وقت هروڀ
آدرشواد ۽ آشاواد جو ڍونگ نٿو ڪري. هيءُ ڪهاڻيون اِنساني جيون مان ڪنـ
۽ انساني زندگيءَ لاءِ آهن. هِنن ڪهاڻين ۾ نئين پيڙهيءَ جي سوارٿي خيال
ڪن اِنساني قدرن جي ڳراوٽ، ڪام ۽ هَوس جي شڪار ٿيل پُرش، عادتي زال
شيواڌاري پتين، ڪرمن اَنوسار زندگي يا موت، باءِ پاس سرجريءَ جو وچور س
بيان وغيره وشيہ آهن جيڪي وشيہ ساهتڪار پنهنجي اِرد گرد ڏٺا ۽ ٻڌا آه
ڪجهہ پاڻ ڀوڳيا ۽ ماڻيا آهن. اُهي سڀ آزمودا ۽ اَنڀوتيون فن سان لکيو
آهن. هِنن ڪهاڻين ۾ ڪن جي ڏُکي زندگين کي سُکي ڪرڻ جي قوت آهـ
جيئن ڇوٽون گهر، ڪئناڊا مان فون ۽ سياڻي ڇا ٿيندو؟ ڪهاڻيون بزرگن ک
پونجي سنڀالي رکڻ جي صلاح ٿيون ڏين ۽ اِنٽرنيٽ تي شادي طئہ ڪرڻ ک
اڳہ ڇوڪريون احتياج ورتائين تہ سلامتي آهي.

ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ۾ شاهوڪار ڪٽنب جي ڌيءَ پريم کي پرڻائ
مائٽن پڇتايو جو ڪنوار کي گهر جي هر ڪم لاءِ نؤڪر ڪري ۽ آهستي-آهست
گهر جي ملڪيت تہ پنهنجي نالي ڪيائين پر ٻار بہ پريم کان پري ڪيائين
نيٺ پريم ڪٽي پيئنگ گيسٽ ٿي وڃي رهيو.

جهوني ڊائريءَ مان لڌل خط ۽ بندرابن کان مٿرا تائين ڪهاڻيون درد
۽ ڏُکن جون آهن جيڪي ورهاڱي وقت ڀوڳيل آهن.

ساڳئي موضوع تي لکيل هڪ کان وڌيڪ ڪهاڻيون آهن پر اُنهن
ڪردار، گهٽنائون، ورتالاپ ۽ وايومنڊل ڌار ڌار ڀيا ڀيا آهن جنهن ڪري ڪهاڻ
۾ نواڻ جو عناصر آهي.

خدا جو گهر ڪهاڻيءَ مان ڪردار جي سنڌ ۾ ڇڏيل حويليءَ جو نظ
آهي تہ اڄ اُن حويليءَ ۾ هڪ وڏي عمري تي لکيل آهي خدا جو گهر.

ليپو ڪهاڻي ٻڌائي ٿي تہ مئل مائٽ جي ملڪيت هٿ ڪرڻ

مها ڪوي سائين بيوس، هڪ يگاني هستي، پدم شري رام پنجواڻي ۽ ماستر مرچومل شخصيتن تي لکيل مضمون آهن. 'بيوس' جهڙي جام شاعر هو ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ نئين يگ جي شروعات ڪيائين. درويش سڀاءَ وارو، اوچ، سادگيءَ، سرلتا، حليمائي ۽ نهٺائيءَ وارو هيڊماستر هو. هو ديش ڀڳت، سماج سڌارڪ، سچ ۽ اخلاق جو ڪانڪي ۽ آشاوادي شاعر هو. زماني جي تقاضا موجب ناريءَ، ٻارن، مزدورن، پورهيت، ڪسان ۽ غريب جي جهوپڙي تي شعر لکيائين.

رام پنجواڻيءَ به ساندهه سٺ سال ماستري ڪئي. هن سنڌيت، ڪلا، ڀاشا، ساهتيه لاءِ يوگدان ڏنو آهي. رام پنجواڻي مقناطيسي شخصيت وارو، فصيح زبان، ماڻهن جي نبض پرکي ڳائيندو ۽ ڳالهائيندو هو. هن ڪرم يوگي، سماج سيوڪ سنڌين کي 'آيو لال، جهوليلال' چئي اُتساهت ۽ يڪمشت ڪيو آهي.

'ماستر مرچومل' هڪ مذاقي مضمون آهي جنهن ۾ ماستر صاحب جي ويسر جون مزيدار ۽ نيون ڳالهائون آهن.

'ملاقات' ۽ 'سنو ٿيو جو مان ماسترياڻي ٿيس' مضمون آدرشي ماسترن جي چريتر تي روشني ٿا وجهن. ملاقات ۾ پرنسيپال ٻلديو ٻڌراڻيءَ پنهنجا آزمودا سڌا سنواٽا بيان ڪيا آهن جن مان ڪي اکين کي آلو ٿا ڪن.

'سنو ٿيو جو مان ماسترياڻي ٿيس' ۾ ليکڪا ماستريءَ مان فائدا بيان ڪيا آهن. جيئن ته معصوم ٻارن ۽ سندن مائٽن سان ملاقات ڪري پيار ۽ عزت مليس. ماستريءَ ۾ سادي زندگي جيئڻ ڪري، من شانت، تن تندرست ۽ دماغ کي سُڪون مليس. ٻال منووگيان کي سمجهڻ جو موقعو مليس. انيڪ ۽ آزمودا مليس، سماج سڌار ٻڌجي پيئي.

'سسُ ۽ نونهن جي اڻبڻت جو مسئلو' مضمون به بيانيِ قسم جو گهرو مسئلي تي لکيل آهي. هيءُ مسئلو آهي جهونو، پوءِ به اَهڙو نئون آهي جوڇنيءَ جو کير ٿو ياد ڏياري. سس ۽ نونهن اهڙي موڙ تي ٿيون اچي بيهن جو

آئينو زندگيءَ جو

اِندرا ٻلديو ٻدرائي   سال: ٢٠٠٩، پٽي

هن ڪتڪي ۾ پندرهان مضمون آهن،، جيڪي بلڪل ڌار-ڌار نرالن-نرالن وشين ۽ مؤضوعن تي لکيل آهن. ادب جي ٻين شاخن جي ڀيٽ ۾ مضمونن جو کيتر وشال ۽ وسيع آهي. مضمونن جي پرک مضمون نويسن جي ٻوليءَ جي رواني‌ءَ مان ڪري سگهبي آهي. هن ليکڪا 'آئينو زندگيءَ جو' ۾ عام وشين تي قلم هلايو آهي ۽ اُهي عام وشيه ٻه اَسان جي جاتيءَ سان واسطو رکن ٿا. هنن مضمونن ۾ ڳوناڳونيت آهي. لکڻ جو ڍنگ سياويڪ آهي. ٻوليءَ ۾ رواني‌ءَ سان گڏ رنگيني ٻه آهي. پهاڪا، چوڻين، محاورا ۽ سي حرفيءَ جو استعمال ڪيل آهي. جيئن تہ ڪڏهن ڪوسو واءُ نہ لڳڻ، ڪڏهن عرش تي تہ ڪڏهن فرش تي، ڪک جو لک ۾ تہ لک جو ڪک ۾، مينهن چوي ڳانءِ ڪي هلُ ڙي ٻُچ ڪاري، ڪڏون ڪوٽڻ، پهہ پچائڻ، زيردست ۽ بالادست وغيره ٻوليءَ جا زيور اِستعمال ڪيا آهن. درُدر دعا سي حرفيِ آهي. شريمتي اندرا ٻلديو ٻدرائيءَ گهڻن مضمونن ۾ هندي جملا اهڙا تہ نهڪائي لکيا آهن جو اُهي سليس سنڌيءَ جي سونهن ٿا وڌائين. چمچاگيريءَ جي چقمقي چاهت ٻہ سي حرفيءَ جو مثال آهي. ڀيڻ اندرا ٻدرائيءَ جا مضمون هنديءَ ۽ سنڌيءَ جي مشهور ليکڪن ۽ شاعرن جي حوالن سان ٻہ ڀرپور آهن جنهن ڪري پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ آسان آهن. هنن سيني خوبين ڪري هنن مضمونن ۾ سٽائيل يا عبارت جي لچڪتا آهي. ٻوليءَ جي شيريني، لفظن جي چونڊ ۽ اصطلاحن جو اِستعمال مضمونن ۾ سمايل خيال ڪي سمجهڻ لاءِ آسان ٿا ڪن. هنن مضمونن ۾ نفيس، جذباتي ۽ فيلسوفاڻا چاهي منووگيانڪ ويچار، نزاڪت، مڌرتا سان پيش ڪيل آهن جن مان ڀيڻ اندرا جي فن، فڪر، ڄاڻ ۽ اپياس جي ڄاڻ پوي ٿي. اندرا ٻدرائي هڪ سٺل ۽ آدرشي ماسترياڻي آهي. هن پنهنجي سڀاءَ موجب ئي مضمونن جي وشيہ جي چونڊ پڻ ڪئي آهي.

ڪرڻ هڪ ساتوڪ هٿيار آهي. ڇمڇن جون ويهه ئي گيهه ۾ آهن تنهن ڪري خوشامد ڪرڻ ۾ جنهن ڪيو شرم تنهن جو ڦٽو ڪرم.

’دک ۾ سک سمايل آهي‘، اُپديش ۽ پربوڌ ڀريو بياني مضمون آهي. دک سيڪاري ٿو ته دک ۽ سک پاڻ ۾ جڙيل آهن. غريبي، بيماريءَ جا دک، گهرو ظلم جا دک عام آهن. نفي سوچ، موه، ڄاڻ جي ڪمي دک جو ڪارڻ آهن. ٻين جو ڀلو سوچبو ته پنهنجو دک وسري ويندو. پرارٿنا دُک جي دوا آهي.

’شڪ‘، هڪ اَهڙو ڀاؤ آهي جنهن ۾ ويچارن ۽ وهنوار گڏ آهن. شڪ ۽ اوشواس جا ڄاڙا ڀائر آهن. ليکڪا گهرو وهنوار بابت شڪ جا مثال ڏنا آهن. هيءُ منووگيان جو وشيه آهي.

’احساس ڪمتريءَ‘، جا ڪارڻ گهٽائي آهن، جن مان مکيه آهي وهنوار ۾ ڀيد ڀاوَ. هي منووگيانڪ مسئلو آهي.

’خط‘، جي روپ ۾ به مضمون آهيَ جنهن ۾ لکشمي ماتا کي غريبن جي حالت ٻڌايل آهي.

’آئينو زندگيءَ جو‘ جون سڀ رچنائون بياني ۽ دلڪش رواني ءَ واريءَ عبارت ۾ لکيل آهن. جنهن لاءِ ليکڪا اندرا ٻلديو ٻڌراڻي ’شبنم‘ جي ڪبل محنت کي داد ٿي ڏيان.

موفعو ڏسي هڪ ٻئي کي سِرجو جواب پترسان تہ ڪڏهن پتر جو جواب سِرسان
ٿيون ڏين. ليکڪا هن رساڪشي راند جا ڪيترا مثال ۽ آزمودا بيان ڪيا آهن
شاه جي شعرسان هيءُ مضمون پورو ٿيو آهي.

’مان ڀارتيہ ناري آهيان‘ آتم ڪٿا ۽ آپ بيتي مضمون جي روپ
آهي. اندرا ٻڌراڻيءَ تمام جاکوڙ ۽ اڀياس ڪري ويدن واري زماني کان ناريءَ ج
روپ، هن جون ڪمزوريون ۽ قربانيون بيان ڪيون آهن ۽ ناري جيون جي
ڪنهن بہ پهلوءَ کي وساريو ڪونہ آهي.

’ڇانوُ‘، ’ڪلؤنا ٽوٽ گيا‘، ’آنسون‘، ’چمچاگيري‘، ’دک ۾ سک سمايل
آهي‘، ’شڪ ڪري ٿو ٻيڙو غرق‘، ۽ ’احساس ڪمتري‘ مضمون ۾ ڪنهن خاص
خيال ۽ ويچار جو بيان ڪيل آهي.

’ڇانوُ‘، نئين وشيہ آهي. وڻ جي ڇانوَ، پاڙي، اَبي امڙ، مالڪ جي
ڇانوَ بي بقا آهي. جٿادار ڇانوَ آهي ڀڳوان، سنتن ۽ ستپرشن جي، جيڪ
فرش کان عرش تي آڻيندي.

’ڪلونا ٽوٽ گيا‘، مضمون هندي عنوان سان شروع ڪيل آهي تہ اَصل
۾ اسين سڀ مٽيءَ جا ڪلؤنا آهيون. ڪهاڻيءَ سان مضمون جي شروعات ڪيل
آهي. ڪنير روز نوان رانديڪا پيو ٺاهي پر مٽيءَ جي رانديڪي جي گهٽ
عمر؟ ڪِريو ۽ ڀڳو. هيءَ تمثيلي قسم جو مضمون آهي.

’آنسون‘، شبنم جي قطرن جيان آهن. پيار، خوشيءَ، همدرديءَ، سڪيا
اَشانتيءَ، اَسنتوش، بيوسيءَ جا آنسون اکين مان نڪرڻ کانپوءِ من شانت ٿا ڪن
ڪي آنسون غير رواجي بہ ٿيندا آهن. ڪي اندر جا اُڌما جاڳائيندڙ سياويڪ
ساتوڪ آنسون تہ ڪي راحت بخش، ڪي وڇوڙي جا تہ ڪي ميلاپ جا آنسون
آنسون ۽ روئڻ پاڻ ۾ ڀائر آهن. مجبوريِ ۽ بيوسيءَ جا آنسون بہ ٿيندا آهن. ڪي
تہ نقلي آنسون بہ آهن.

’چمچاگيري‘، مضمون ۾ بيان آهي تہ ساراه، قدرشناسي ۽ خوشامد
ٿورو تفاوت آهي. اڄ ڪالھ چاپلوسيءَ جو بول بالا آهي. چمچاگيري يا خوشام

چويس ٿو، ”اڄ تہ ٻئي ڏاڏو ڏاڏي ٽيڻ جو اِنتظار ڪريون!“ هن گهٽنا جي آسپاس
ڪٽنب جون ٻيون گهٽنائون بہ آهن. لوڪرام سياڻپ جو قدم کڻي ٽٽندڙ ڪٽنب
کي بچائي ٿو.

”اِنسان“ جي ڪردار ڊاڪٽر منسڪاڻيءَ کي فرشتو ثابت ڪري هڪ
ٻي جملي سان شيطان بڻايو ويو آهي. ائين هن ڪهاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر منسڪاڻي
فرشتو اِنسان ۽ شيطان بہ آهي!

”دکہ“ ڪهاڻيءَ ۾ دکن سان مقابل ڪرڻ جو انداز سيني جو ڀيو-ڀيو
آهي جيئن ڊسوزا سوچي ٿي، ”مان صحت سنڀاليندس تڏهين تہ بيمار
مڙس جي شيوا ڪندس.“ ۽ مِسز سامنت سوچي ٿي، ”منهنجو مڙس بيهوش
آهي مان ڪائي ڪيئن ٿي سگهان.“

”سار“ ڪهاڻي شادي ڪري ويل ڌيءَ جي ياد بابت آهي. ڌيءُ جي
وڇوڙي جو درد ۽ منيون يادون آهن.

آرتيءَ ۽ ساڌنا ٻنهي ساهيڙين شاديءَ ڪانپوءِ بہ پاڻ ۾ نباهيو آهي.
ساڌنا جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ آرتي ڇا ٿي سوچي ۽ ساڌنا جو گهوٽ ڇا ٿو سوچي،
اُهو اثرائتي ٻولي ۽ گفتگوءَ ۾ ليکڪا لکي ڪهاڻيءَ جو تاڃو پيٽو آڻيو آهي.

سماجڪ ۽ گهرو جيون ۾ ”بدلاءُ“ جو اچڻ ضروري آهي. هر ڪنهن کي
ايندڙ بدلاءُ سان نهڪڻو آهي. جيئن نائڪا سيتا. گهٽنائون ۽ گفتگو ڀاءُ ڀيڻ
جي رشتي جي آسپاس جون آهن. بدلاءُ ٿو اچي ڀاءُ جي شاديءَ ڪانپوءِ.

”چمات“ جو ڪردار ڪشورپٽ کي اجائي چمات نڪاءُ ڪري مانسڪ
ڪشمڪش ۽ تناءُ ۾ آهي. هن هنيل چمات جي رد عمل طور برٿ ڊي جي
پارٽي ڪئنسل ٿي ويس!

”دادوُ“، ”اڏام“ ۽ ”غلطي معاف ٿئي“ ڪهاڻيون ڏاڏين پوٽين ۽
ڏاڏي پوٽيءَ جي رشتن بابت منو وگيان مطابق آهن. تمام سٺيون ۽ اثرائتيون
آهن. سماج ۾ بزرگن جي مسئلن بابت آهن.

اِنتظار (ڪهاڻيون)

ڪلا پرڪاش

(مارچ ۲۰۰۸ ۾ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان ڇپيل آهي)

”اِنتظار“ ڪلا پرڪاش جو تازين لکيل ۱۷ ڪهاڻين جو مجموعو آهي. عنوان واري ڪهاڻي ”اِنتظار“ سلسلي ۾ پهرين ڪهاڻي آهي. ڪلاپرڪاش ڪهاڻين ۽ ناول لکڻ لاءِ مشهور ۽ لوڪپريہ ليکڪا آهي. ”مرڪ ۽ ممتا“ ناول ”هڪ دل هزار ارمان“، ”شيشي جي دل“، ”هڪ سپنو سکن جو“، ”حياتي هوتن ري“، ”جي هينئڙي منجهہ هرن“ ڪلا پرڪاش جو لکيل سفرنامو آهي. ”اِنتظار“ جون سڀ ڪهاڻيون، وشيہ ۽ موضوع جي خيال کان نيون آهن ۽ هر ڪهاڻي کو نئون نياپو ٿي پهچائي. سڀ ڪهاڻيون ڪٽنبي جيون جي واسطيداريءَ ۾ منو وگيانڪ نمونی چنڊ چاڻ ڪري لکيل آهن.

ڪلا پرڪاش جي ٻوليءَ ۾ سرلتا، سهجتا ۽ رواني آهي. تنهن ڪري ڪردارن جي گفتگو وسيلي، گهٽناڪي اڳتي وڌائيندڙ ۽ ڪردارن جي شخصيت مطابق آهي. خيال کي اِظهارڻ جو ڍنگ يا عبارت بہ نجي ۽ عمدي آهي. نون مسئلن تي نئين انداز سان لکيل هيءُ نندڙيون ڪهاڻيون پاٺڪ کي پڙهڻ لاءِ منتظر ٿيون ڪن. جي سنڌي سماجڪ مسئلن بابت سوچجي تہ هيءُ سڀ مسئلا اڄ جي بدليل حالتن هيٺ سنڌي سماج جا ئي آهن. ليکڪا زوردار ڪلپنا سان حقيقتن کي وڻندڙ لفظي لباس ۾ لکي سنڌين جي جديد سوچ ۽ فڪر جو چٽر چِٽيو آهي.

ڏسجي تہ ليکڪا جو عملي آزمودو وسيع آهي جو ڍِن ڍِن گهريلو وشيہ ريشمي رومال ۾ رکي اسان کي ڏنا اٿائين تہ پڙهو ۽ هنڊايو. ڪلا پرڪاش جي ڪلا آسپاس جي اوکہ ڏوکہ ڪري ماڻهن جي سوچ جو اِظهار ڪرڻ لاءِ برجستي آهي.

”اِنتظار“ ڪهاڻيءَ ۾ لوڪرام جو پٽ سريش مريادا جون سڀ حدون ۽ نيتيءَ جا نيم ٽوڙي نيلماکي پيءُ جي آفيس ۾ ٽو ولي اچي تہ هيءَ منهنجي زال آهي. سريش جي ماءُ وڦلي ٿي ۽ گهر ڇڏڻ جي تياري ٿي ڪري تہ لوڪرام

ڳالهه ۾ ڳالهه - آکاڻيون

پارو چاولا   سال - ٢٠٠٨

پارو چاولا جي قلم مان سترمٽڪا، درشتانت ۽ درشتانت، ٣٦٥ ڏينهن ڪانپوءِ ٢٠٠٨ع ۾ ”ڳالهه ۾ ڳالهه“ هٿ ۾ آيو آهي. هن بزرگ ليکڪا ساهتيه جي ڪهاڻي صنف جي هڪ نئين ڪڙيءَ کي پاڻکن اڳيان رکيو آهي. هن ليکڪا کي پنهنجي خيالن، ڪوجنائن، درشتانتن ۽ ڳالهين کي اِظهار ڪرڻ جي تڙق آهي، جيڪا کيس پنهنجي نِجي سرل ۽ سپڪ سنڌي عبارت ۾ لکائي ٿي. لکڻ ۾ محنت آهي، ذهن ۽ رت جو وِلوڙو آهي. پارو چاولا جي هن ولوڙ مان ڳالهين جو مکڻ نڪتو آهي. سيپتا ۽ ساهتيه جي شروعاتي دؤر ۾ آکاڻي ۽ ڪهاڻيءَ کي بزرگ ”ڳالهه“ به چوندا هئا. ليکڪا جون هن ڪتاب ۾ ١٨٩ ڳالهيون ننڍيءَ ڪهاڻيءَ جهڙيون آهن جن ۾ آدرش، فلسافي ۽ سنديش ۽ سکيا آهي. ٽوٽڪا آهن. پنچتنتر جي جانورن ۽ پکين جي ڪردارن وارين آکاڻين وانگر اِنساني ڪردارن واريون آکاڻيون آهن جن ۾ اِتهاس، ڌرم ۽ سيپتا جي ڄاڻ آهي. ”ڳالهه ۾ ڳالهه“ جون ڳالهيون پارو چاولا پنهنجي اَڀياس، اَنڀوتيءَ، آسپاس ۽ جنم جي سنسڪارن مان لوڇي لڌيون آهن. هيءَ گهر، سماج، ڪلا ۽ ساهتيه سان نه فقط جڙيل آهي، پر سمرپت به آهي. هر وقت آزمودن ۽ اَڀياس جا نقطا چِت ۾ سانڍي، ياد جي شڪتيءَ سان لکندي آهي.

هنن ڳالهين ۾ مريادا، ڀڳتي ڀاوَ رس ۽ آنند آهي. آکاڻيءَ وانگر ڪردار، ڪٿا، گفتگو، منتظري، زمان مڪان، ٻولي ۽ عبارت آهي. ڳالهيون به دلڪش آهن. هن وقت جي سخت ڀڄ ڀڄان واري حياتيءَ ۾ جلد پڙهي ۽ هنڊائي سگهبيون.

مسز سانولاڻيءَ کي پروموشن مليو تہ زال گيتا کي نؤڪري ڇڏائي ڪيـ
”زندگي جي راڻي“ بڻايائين. سڀ ڪجهہ گيتا جي رضامنديءَ سان بہ ٿيو
پر اڳتي ڇو ماڻهن پڇيس تہ ”زال کي نؤڪري ڇڏائي سندس آرٿڪ آزادي
کسيئہ؟“ شايد ماڻهن کي نؤڪري ڪندڙ زالن جي ۽ سندن ٻارن جي مشڪلاتن
اندازو ڪونهي!

سسن ۽ ننهن جي اڻبڻت تناءَ ۽ جهيڙو اسان جي سماج جو چالو مسئـ
آهي. ليکڪا هن نازڪ رشتي کي ڪلميہ ڍنگہ سان لکي نزاڪت بخشي آهـ
اهڙيون بہ ڪهاڻيون آهن. ”هر گهر جي ڳالهہ“ ۽ ”پاڻ سان گڏ.“

”چپ“ ڪهاڻي ۾ ساهڙين جي آهي جنهن ۾ اِستري من جـ
ڪنڊ ۾ گڏ ٿيل ساڙ ۽ حسد جي ڳالهہ لکي ويئي آهي.

اسان جي سماج ۾ هر طبقي جون زالون نؤڪرياڻين جون غلام ڪيتر
قدر ٿيون آهن تنهنجي تصوير ”غلامي“ ڪهاڻيءَ ۾ آهي.

هنن ڪهاڻين ۾ اُهي ئي وشيہ ڪنيل آهي جنهن جو ڪن عام ۽ خا
اِنسانن کي آزمودو مليو آهي ۽ اُهي گهٽنائون، ڳالهيون ۽ مسئلا ڪهاڻيڪ
جي آس پاس سچائل ماڻهن سان ٿيا آهن. ڪهاڻيڪار اُنهن آس پاس سچا
ماڻهن جي پيڙا درد کي ڪهاڻيءَ ۾ آڻي ٿو ۽ پاڻ ڪلا پکش يا رومال ۽ مال
اهڙي مٺيا اهڙي ڪشش ٿو خلقي جو پاڻڪ اُنهن کي ياد ٿو رکي.

جيئن تہ ”اِنتظار“ ۾ اڄ ڪالهہ جي جوانن بابت عام جام آهن. بزرگ
ڪي ئي اُنهن سان پاڻ نهڪائڻو آهي.

٣٦٥ ڏينهن

پارو چاولا   سال - ٢٠٠٥

دلڪش، صاف ۽ سٿري بيهڪ ۾ ڇپائيءَ جي ڪري ٣٦٥ ڏينهن ڪتاب جي شماري خاص ڪتابن ۾ ٿي آهي. هن جهڙا تمام ٿورا ڪتاب نثر ۾ ڇپجندا آهن. جن مان پاڻڪ جي اڪ ئي نہ نڪرندي آهي. ٣٦٥ ويچار پارهن مهنن ۾ ورهايل آهن. سيني ويچارن ۾ زندگيءَ ڪي سڦلتا جو مارگ ڏيکارڻ جي قوت آهي، توفيق آهي. سوال آهي تہ ڪو اِنهن ويچارن کي چتورتيءَ ۾ سمائي. سؤلا ۽ دلپسند نقطا جيون ڏور ۾ ٻڌي ڇڏڻ سان سک، سکون ۽ سڦلتا ضرور حاصل ٿيندي. دادي پارو چاولا سنتن، مهاتمائن، درويشن ۽ آزمودگار ماڻهن جون سکيائون، صلحون ۽ فرمودا، سرل، سليس رواني‌ءَ واري اِصطلاحي سنڌيءَ ۾ لکيا آهن. هيءُ ڪتاب پڙهي ڪير ڪونہ چوندو تہ سنڌي ٻولي ختم ٿيندي. ٽيڪم متائيءَ لکيو آهي تہ درياهہ مان ڪڏهن مڇي ختم ٿي آهي ڇا، جو سنڌي ختم ٿيندي ! سنڌيءَ ۾ هن جهڙا ڪتاب اڳ بہ لکيل آهن، پر هيءُ ٣٦٥ ڏينهن تہ ڪير بہ پڙهي، ڪٿان بہ پڙهي ۽ ڪڏهن بہ پڙهي تہ نئون لڳندو. ننڍن ننڍن جملن ۾ ٻولي بہ ٻهڳٽي آهي. جنهن ۾ چوٽيون ۽ پهاڪا جڙيل آهن. عام ۽ خاص ماڻهن لاءِ مفيد هيءُ پستڪ سنسنگ ۽ ڌارمڪ آستانن لاءِ پڻ آهي، جنهن سان وقت بہ وقت يوگ، چتورتي، چرتر، شپ گڻ، پاڻ کي بدلائڻ، ڏوهہ قبول ڪرڻ، پڇتاوَ، سچي سک، مهل جي ٿهل ۽ سنسڪارن بابت ويچار پڙهڻ وٽان آهن. ڪلا، ساڌنا، آتم گيان، شانتي، صبر، ڌيرج، پاڻ تي پارڻ وغيره گڻن بابت، ڪتاب جي ٻئي پاسي ٣٦٥ ڏينهن ۾ راجا پريڪشت، راجا جنڪ، شنڪر آچاريہ، مهاوير، ٻڌ ڀڳوان، چيتنيہ مهاپريو، گرونانڪ، ڪبير، ميران، سورداس، رامداس، رامانج، ايڪناٿ، رامڪرشن، وويڪانند، ٽئگور، برسي ڀڳت، اَروندو گهوش، منصور، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل، سامي، ڪنور، گانڌيءَ، شيخ شعري، بيبي رابيا، دادو ديال، مرزا غالب، سوريہ ديوتا،

سنتن سوامين ڌرم گرن جا اُپديش، گوتم ٻڌ، گرونانڪ، ڪبير، وشوامِتر
۽ شاهه، سامي، سچل جي فلاسافي آهي. راجائن، راڻين ۽ وزيرن جي سياڻپ
آهي. ديش وديش جي آزادي اُپاسڪن ۽ ڀڳوانن جون جيون گهٽنائون به آهن،
شوَ پاروَتي، گيانيشوَر، تڪارام، ڏني پڳت، وشوامِتر ۽ وويڪانند جون ڳالهيون
اَندر جي اڪ کولين ٿيون. گانڌي، شاستري، نهرو ۽ ونوبا جا ويچار به آهن. ليڪڪا
کي محنت سان محبت آهي. ساهتيه، سماج ۽ ڌرم جي هر ڪنڊ کي ڇهيو اٿائين.
رچنائون ليکڪا جي شخصيت جو آئينو آهن. ننڍيون-ننڍيون ڳالهيون پڙهندا
وڃو، پڙهندا وڃو، ڪتاب تڏهن بند ڪندا جڏهن سڀ پنا پڙهجي ويندا. ضرور
پڙهو ۽ ٻارن کي ڳالهيون ٻڌايو.

داغ نہ بي داغ (ڪھاڻين جو مجموعو)

رتنا گوديا   آڪٽوبر : ٢٠٠٢

رتنا گوديا جو ’داغ نہ بي داغ‘ ھڪ ساھتڪ نشو آھن. ھيءُ ڪھاڻيون ٽيس ساھتڪ جڳت ۾ خاص مقام حاصل ڪرائيندين. نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج، بڙودا مان اِنعام مليس. ڪھاڻين ۾ رس، آنند ۽ منتظري آھي. سوچ جي گھرائي، ڀاشا جي نرالپ ۽ نواڻ ۽ ڪھاڻي ڪلا پاڻ ڏانھن ڌيان ڇڪائين.

شھر، گھر، ڳوٺ، سمنڊن ۽ ندين جا ڪنارا ۽ اُنھن سان لاڳاپيدار چيزون ھنن ڪھاڻين ۾ آھن. سٽاءُ ۽ عبارت بہ نرالي آھي. گيت اَپ بہ وڻندڙ آھي.

ھڪ ھنڌ رھي ساھتيہ رچنا ڪرڻ تمام سنو آھي. سنڌي چيتنا ۾ رتنا پاڻ لکيو آھي تہ رلندي-رلندي رولاڪ ڪي بہ اکر ڪي ڪردار ۽ گھٽنائون ملي ويندا آھن ۽ قلم مچلي ويندو آھي.

’آءُ ٻار‘ ٻروچڪو اڄ نؤجوانن ڪي سنڌ جي زميندارن جي اٽڪلن سٽڪلن جي چڱي ڄاڻ ڏيندڙ آھي. ’ايشور تنھنجي مايا‘ ڪھاڻي ھڪ وشواسي، سادي، سچيار ۽ ڀلي اِنسان بابت آھي جنھن جا ھاڪاري خيال ھئا ۽ ڪيس اُجورو بہ سنو مليو. ڀھاڪي مان ئي ثابت آھي تہ جوءِ جي ٺوڪ ماريا چور!

داغ نہ بي داغ سنگره جي عنواني ڪھاڻي ٻاوَن ۽ پوڄارين جي پاکنڊ جو پردو فاش ڪري سادگي تي روشني وجھي ڪاريہ ڪرڻ جو آدرشي ڍنگ ٿي ٻڌائي تہ ڇو ڳوٺ وارا جوان ننھن ۽ ڏيءُ کي مندر ۾ وڃڻ کان ڪونہ روڪيندا ھئا. ڪڪرم تي ائين پردو وڌو ويو جو ڪجھہ ٿيو ئي ڪونہ ھو.

سياڳي ڪھاڻي سچي پيار جو مثال آھي. ڀاڳي جي سياڳي ۽ سھڻي اھڙي قرباني ڪئي جنھن جو قدر ئي نہ ٿيو. ھيءَ ڪھاڻي ائين آھي جيئن

هنومان، رام، ڪرشن، نارايڻ، اِندر ديوتا، اشٽاوڪر، سنت لارينس، اِبراهيم
لنڪن، سينٽ مارٽن جا ماڻيادار ويچار سڪيائن جي روپ ۾ آهن، جيڪي
اَسانجي جيون کي سينگاري اِندلني رنگن ۾ رڱي ڌارمڪ پرورتيءَ وارو بڻائين
ٿا. هن گرنٿ ۾ ڪوڪلين ڪلپنائن عيوض وشواس، عقيداءَ آزمودا آهن. دادي
پارو چاولاجي محنت برثواب آهي. جڏهن وڻي، جيڪو صفع وڻي، کولي پڙهو
سان سک، سنتوش ۽ سڪون پراپت ٿيندو. ڪنهن بہ اَديب لاءِ پنهنجا ويچا
لکڻ سؤلا آهن، پر ڌارمڪ، اِتهاسڪ ۽ ڌار-ڌار پهلن مان چونڊ شخصيتن جا آزمود
۽ اَعلان گڏ ڪري، سلسلي جي سڀي ۾ پوئي، لکڻ لاءِ جيوَ کي اوجاڳن جون
جفائون ۽ جاکوڙون تہ ڪرڻيون پونديون، جيئن ليکڪا شريمتي پارو چاولا سماج
گهرءِ ڌرم جي ڪيتر لاءِ ڪيو آهي.

.... ❖ ❖ ❖ ....

ڏوھ ڪنھنجو ؟ (ڪهاڻي سنگره)

رتنا گوديا

هيءَ پنجن ڪهاڻين جو مجموعو ”رتنا گوديا - رولاڪ“ جو لکيل آهي. هر ڪهاڻيءَ ۾ نازڪ پيار جي رشتي جو درد ۽ سوز ڀريل آهي. پيار جي نزاڪت ئي تڏهن آهي، جڏهن پيار ۾ سچائي، وفا ۽ قرباني هجي ۽ اُن ۾ دل جو درد، پيڙا ۽ ڏبيل سڏڪا اُڀرندا هجن. هيءُ داستان آهي. ڪهاڻيءَ ۾ گهٽنا ڪهڙي به هجي، پر زمان مڪان ۽ فضا مطابق گهٽنا ۾ سنگهرش ۽ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ٿي، ڪردارن سان سچائپ ٿئي ۽ اُها وڌندي اُتي وڃي دنگ ڪري، جو ڪهاڻي پوري ٿيڻ ڪان پوءِ ڪي ڪردار دل جي دريءَ مان هر هر لياڪا پائن ۽ ماضيءَ ۾ واپس آڻي سوچيائين ۽ ڪٿا وستو چرم سيما تي پهچي ۽ پوري ٿئي. ڪهاڻي عام پاڻڪن جي ٻوليءَ ۾ لکيل هجي ۽ ان ڪانسواءِ وارتالاپ يا گفتگو مکيه ڪردارن جي شخصيت سان واسطو رکندڙ هئڻ گهرجن. هنن پنجن ڪهاڻين مان ظاهر ٿيندو ته هر ڪهاڻيءَ جو عنوان اُنهيءَ ۾ سمايل گهٽنا سان وابسطه آهي. ٻاهرئين رنگين چتر، ڇپائي، صفائيءَ، مهاڳ ۽ شڪرگذاري بابت صرف ايترو چوندس ته اُهي دلڪش ۽ ڪتابي رسمن سان سنو ٿا نباهين.

ڪهاڻيءَ جي ٻولي، عبارت، پيش ڪش ۽ گهٽنائن جي چونڊ ٻڌائين ٿيون ته ليکڪا تجربيڪار آهي. هن جيڪي ڏنو سنو آهي، اُهو سرل، سليس، روانيءَ واري ٻوليءَ ۾ آدرش جي اصولن انوسار اِظهار ڪيو آهي. هر ڪهاڻي حقيقت ۽ سچ جي بنياد تي لکي ويئي آهي. تنهن ڪري اُها هوا ۾ لٽڪيل ڪو گهوڙو ڪونه ٿي لڳي. حقيقت کي ڪلپنا ۽ آدرش سان سلاست واري ٻوليءَ ۾ لکيو ويو آهي.

”بنواس“ ۾ ورهاڱي کان اڳ جي ڪٽنب جو ماحول آهي. نائڪا ستي جان جيئندي، تان پوڄيندي. نالو جو اٿس ’ستي!!‘ نائڪ ’هري‘ پوڄي پوڄي مري ويو. هو اُبهرائيءَ ۽ غلط فهميءَ لاءِ ’ڏوھ ڪنهنجو؟‘ هن ڪهاڻيءَ ۾ پيار جو نڪتو آهي. ’اِنتظار‘ ڪهاڻيءَ ۾ ’هيمن‘ سورمو آهي ته ’مونا‘ اهڙو ڪردار

فقير جو نالو ڪروڙيمل هجي. ’پنر جنم‘ ماءُ جي ممتا جي ڳالهه آهي. اُماس
۾ ناريءَ جي قرباني آهي. مرد جي بيوفائي آهي ۽ ڌارمڪ رسمن ڪري جيڪي
وهم آهن تن جي ڳهلنا آهي.

’مان مان نه رهيس‘ ڪهاڻي ڪلپنا آهي. پولانات جهڙا ماڻهو آهن پر
’واهه مائي واهه‘ ڏيتي-ليتيءَ جي اَجائي اَڏنگي ڏيکاوَ تي آهي. سفر ۾ اَسين
اَڪيلا نه آهيون. دلداري تي ڏئي ته اَسين سنڌي نرواسي اڪيلا نه آهيون.
دنيا جي انيڪ ڪندن ۾ خونخوار جنگيون لڳيون آهن، لڏ پلاڻون ٿيون آهن.
ماڻهو هڪ-ٻئي کان وڇڙيا ۽ مليا آهن پر اُنهن مان هو ڪجهه سکيا آهن.

هنن ڪهاڻين ۾ سنڌ جو ماحول ۽ سواد آهي. ڳوٺن جو خوشگوار نمونو
آهي. سنڌين جي سڳنڌ آهي. ماڻهپو ۽ اِنسانيت به آهي پر اُنهن سان گڏ دوکو،
نفرت، بيماري ۽ ناڪاميابي به آهي. دنيا جي نيڪي بدي جي ڄاڻ سان
ڀرپور آهن ڪهاڻيون.

ڪٿائون ۽ ڪٿائون (ڪهاڻيون)

شريمتي ڪانتا 'اننت' سال - ٢٠٠٢

سهڻي پوش ۾ ويڙهيل عمدو مال آهي. ڪلپنا جي آڌار تي حقيقتون آهن. جيڪي ليکڪا ستسنگ ۾ ٻڌيون آهن ۽ ڪلپنا ۽ اِظهار سان اُنهن کي خاص مقام ڏنو آهي. جَڙ تي ويل سنڌين جي نئين ٽهيءَ جي اندر چيتنا کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ لوڪ ساهتيہ کي قلمبند ڪرڻ بہ ساهتيہ سرجڻ آهي. پاٺڪن کي جيون جا بهتر ملهہ اَپنائڻ لاءِ ڪوشش ڪيل آهي. ٻڌل ڪٿائون پڙهندڙن سان ونڊي ڪين پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش، صداقت واريون ڪٿائون علامتي آهن. اِشارن ۾ جيون جو ملهہ ڪٿڻ سيکارين ٿيون. ڪٿا، ڪهاڻين، ڳالهہ، آکاڻين جون کي بہ حدون مقرر ڪونهن. اُنهن جي شروعات نانين ۽ ڏاڏين سان ٿي آهي ۽ اَڄ ساهتڪار لکن ٿا. اَڳتي بہ ڪوشش جاري رکندا. ٻولي بہ ڏاڍي منڙي آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

آهي جيڪا ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڪري ٿي. رشتيداريءَ ۾ مطلبي
لالچي ماڻهو هوندا آهن. هيءَ ڪهاڻي اهڙن ڪل نائڪن جو ورتانت آهي.

'نصيب جو چڪر' ۾ لالچي ۽ لوڀي ماڻهن جي ڪڌن ڪرتوتن جي
ڪهاڻي آهي، جنهن جي پڙهڻ سان دک ۽ ڪاوڙ وچان مغز جون نسون سيتجي
ٿيون وڃن. پررتنو ديويءَ جو ڪردار ڏڍو ڇنڊو ٿو وڃهي. پنجن ئي ڪهاڻين
هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو سک بخشي ٿو. 'سيڻ ته اهڙا' ڪهاڻي سماجڪ
۽ گهرو آهي. پيار ۽ وڇوري جو چڪر ڪونهي. دنياداري آهي. جنهن ۾ اُترادين
۽ ڪئمپ ۾ رهندڙن کي ڏاڍو لوڀو ويو آهي.

"ڏوهه ڪنهنجو؟" ۾ هڪ نرالي گهٽنا جو تاڃو پيٽيو اُڻيو ويو آهي
۽ ڪلياڻ ڪئمپ جي شروعاتي جيون جا چترپيش ڪيل آهن. هيءَ عنواني
ڪهاڻي آهي، ليکڪا پاڻ بابت مُخاطب ڪئي آهي. برابر ١٧ سيڪشن
سندس پيڻ اڃان رهندي آهي. مطلب ته 'شانو' ڪردار جو جيون سنوارڻ
ليکڪا جو وڏو هٿ آهي! حقيقت آهي.

'مرجهايل گل' ۾ دنياداري، موهه، ممتا جي وهنوارواري ڪهاڻي آهي
جنهن ۾ ماسي ڪردار ڪل نائڪا آهي ته ٻيل ۽ منيب ديوتائون. مٿين ڪهاڻين
۾ سنڌ، سنڌي جيوت، سنڌيت ۽ سنڌي سوچ جي مهڪ آهي. جن ۾ نائڪائون
دک ڀوڳين ٿيون، اظهار ڪن ٿيون ۽ حالتن سان ناهه پڻ ڪن ٿيون. نائڪ
يعني مرد ديرينا ۽ گنيير آهن. هو ڀوڳين ٿا، ڪُڇن ڪين ٿا، بيمار پون ٿا
هليا ٿا وڃن!

ليکڪا ٻالڪن جي لاءِ سهج سياوَ ۽ سرل، سليس ٻاشا ۾ ٻال ساهت ڪي ڏايو آهي. سندس نيٺ سنڌي ٻوليءَ جو اِستعمال ۽ محاورا ٻہ ڏيان ٿا ڪائين. مثال ؛

ڪائين جوگڏھ پريو هڪ گهنٽيءَ مان پئي لنگهيو.

گڏھ جي مٿان ڪاٺ جو هنو ٿيندو آهي.

ليلا ڪنگهندي-ڪنگهندي ٻڏي ويئي.

ٻوليءَ جون خوبيون آهن.

مٺا مٺا ٻول

دیا لکي جشناڻي سال - ۱۹۹۹

ليکڪا جي رچنائن جو هيءُ ڇوٿون مجموعو آهي، جنهن ۾ سند
سکيادائڪ، وندرائيندڙ ۽ آدرشي ساهتيہ آهي. ”مٺا مٺا ٻول“ عنوان مان ئي
خبرپوي ٿي تہ ڪتاب ٻارن جي ڪومل من لاءِ مٺي مٺائي آهي ۽ ٻال ساهت
مسان وابسط آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيون، ڪوتائون ۽ ليکہ آهن. جوش ۾ هوش
وڃائجي، هوش سالم هوندو تہ ڪم برابر ڪري سگهبو. سادن سودن ماڻهن سا
انڪلبازيون نہ ڪرڻ گهرجن. هر ڪنهن کي محنت ڪرڻ گهرجي. مائٽ جي
مارٻارجي سنوار ٿيندي آهي. ڊاڪٽر اُهي جيڪي مريض کي اِنسان سمجهي
پنهنجو سکہ آرام ڦٽائي دل وَ جان سان علاج ڪن. رشتيدارن ۾ پيار ۽ ممتا هئڻ
گهرجي. پيارو ٻارو ! بي زبان جانورن کي تنگہ نہ ڪرڻ گهرجي. ماءُ-پيءُ ڀڳوا
جو روپ آهن، سندن چيو مڃجي. سنو تاڳرڪ ٿيڻ گهرجي. هاٿي حڪ وفاد
جانور ٿيندو آهي، سندس سنگهڻ جي طاقت تيز پر نظر ڪمزور ٿيندي آهي
مطلب تہ ڪتاب جي جملي-جملي مان ٻارن کي ڪا نہ ڪا نئين ڳالهہ سک
لاءِ ملي ٿي.

جهولي لال جي ڪهاڻي، قومي تراني جو اِتهاس، گنگا نديءَ جو پرٿوي
تي اچڻ، ڪرشن ليلا، رامچندر جو راڄ تلڪ ڪهاڻيون بہ نئين سِر سرل ۽ اٿرد
ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. الڳہ-الڳہ ڌرم ايشور کي پائڻ لاءِ الڳہ-الڳہ مارڳہ آهن. سيني کي
پنهنجي-پنهنجي ڌرم انوسار هلڻ گهرجي. ڇيٽي چند ڏينهن سڄي دنيا ۾ سنڌي
ملهائيندا آهن. هن ڏينهن ڪانوني سنڌين جو نئون سال شروع ٿو ٿئي. سنڌي
ٻهراڻا ڪڍي، جوتيون ٻاري، دهل ۽ شہنايون وڃائي، ڇيڄ وڄندا آهن.

ٻارن کي سکيا ٿي ملي تہ ووٽ قوم جي اَمانت آهي، جڏهن توهير
وڏا ٿيو تہ اُن جو اِستعمال سنڀالي ڪجو. ننڍڙا ٻارڇون ٿا تہ، ”همٿ منهنجي
رهبر ٿيندي، قسمت کي چمڪائيندي!“

ڪجھ آپ بيتي ڪجھ جڳ بيتي

ڈاڪٽر موتيلال جوتواڻي سال: ٢٠٠٥ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

پدم شري ڈاڪٽر جوتواڻيءَ جي ڪهاڻي سنگره بابت رايو ٻڌائڻ کان اڳ مان هن گهڻ ڪنڊي مايناز سنڌي ساهتڪار جي بہ ٿوري واقفيت ڏيڻ ضروري ٿي سمجهان. ڈاڪٽر جوتواڻي نہ صرف سنڌيءَ ۾ پڻ هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ بہ گهڻو ئي لکيو آهي ۽ ڪن اديبن جون اثردار ڪهاڻيون هنديءَ ۾ انواد ڪري ٻين ٻولين جي اَدبي ڪيترن ۾ ڪين جاءِ وٺي ڏني آهي ۽ اُنهن سان سنڌي ساهتيہ جي سڃاڻپ ڪرائي آهي. ڈاڪٽر جوتواڻيءَ جي قابليت ۽ رچنائن جو قدر ڪري سرڪار هن کي پدم شري جو خطاب بہ عطا ڪيو آهي. هو ڪهاڻي نويس، شاعر، ناٽڪ نويس، مضمون نگار، کوجنيڪ ۽ عالم تعليمدان آهي.

'ڪجھ آپ بيتي جڳ بيتي' ڪهاڻي سنگره ۾ ڪل ١٢ ڪهاڻيون آهن. 'حق' ڪهاڻيءَ جي نائڪا شلپا جذباتڻ هئي. پر جڏهن دماغ جو اِستعمال ڪري سوچيائين تہ پوءِ مرد وانگر حق گهريائين. هن ڪهاڻيءَ ۾ پاءُ پينرن کي ملڪيت مان حصو نٿو ڏيڻ چاهي. پينر بہ پاءُ سان ڪُلي ٻالهائي رشتو نٿيون ٻگاڙڻ چاهين. تؤهين ٿيڻ تي هوءَ پيڪو ٿي ڪائي ۽ حق حاصل ڪرڻ لاءِ ڪورٽ وڃڻ جي ڌمڪي تي ڏئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ زالن جي اڳئين سوچ ۽ جديد سوچ ۾ للجيڪل فرق ڏيکاريل آهي. نائڪا شلپا چست ۽ درست دماغ وارين زالن جي عيوضياڻي آهي. هوءَ پاءُ کان ڊنل ۽ گهبرايل ڪونهي. هيءَ نئين ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ناريءَ جي بدليل سوچ جي تصوير آهي.

'اَڪيلي اَڪيلي هوءَ' ۾ بہ ماسي هڪ اَهڙو ڪردار آهي جنهن کي احساس آهي تہ مٽن-مائٽن کي هن لاءِ وقت ڪونهي. 'پائي ڏس تہ سهين' ماسي پورن ديويءَ جو تڪيہ ڪلام آهي. سندس جيون جو فلسفو آهي جيئن پاڻ کي هيرجي تيئن هِري ٿو وڃجي. زندگي دم گذر آهي.

'آتنڪواد جا شڪار' ڪهاڻي حقيقت ۽ اِتهاسڪ گهٽنائن واري آهي.

رات گذري ويندي (ڪهاڻي سنگرهه)

منوهر چگهه سال - ٢٠١١، ممبئي

هن مجموعي جي ١٥٠ صفحن ۾ ٢٥ نئين ڪهاڻيون آهن.
ڪهاڻيءَ کي علحدو ۽ نئون مقصد آهي جيڪو نئين يگ جي حالتن
وايومنڊل، زمان ۽ مڪان سان ٺهڪندڙ آهي. سڀ ڪهاڻيون نئين وشيه بابت
پاٺڪن کي ڪونه ڪو نئون سنديش ڏيون ڏين. سنڌين جي گهرو ۽ سماجڪ
سوچ ۽ وهنوارسان تمتار آهن. سيني ۾ سنڌيت سان وابسط دک ۽ سک جي مهڪ
آهي. سنڌي ساهتيه ۾ اڳتي، پختو ۽ ڪامياب قدم آهن. هر ڪهاڻيءَ
هڪ گهٽنا، هڪ وشيه، هڪ واردات ۽ سؤلا ڪردار آهن. ڪي ڪهاڻيون عام نه
خاص غير رواجي وشين تي لکيل آهن. هن ڪهاڻي سنگرهه جو مال، خيال
ويچار، پيش ڪش، ٻولي ۽ عبارت عمدا آهن. مطلب ته عمدو مال ريشمي
رومال ۾ ڪلا ۽ ڪاريگريءَ سان ويڙهيل آهي. واقع نگاري، ڪردارن ۽ گفتگو هر
ڪهاڻي اڳتي انت طرف وڌي ٿي ۽ ڪونه ڪو سڪدائي سنيهو ٿي ڏئي
گهڻيون ڪهاڻيون اِستري وادي آهن. مهاپارت ۽ آزاد پارت ڪهاڻيءَ ۾ دروپدي
اعلان ٿي ڪري ته مان نئين يگ جي ناري آهيان. پنهنجن حقن لاءِ لڙڻ
ڄاڻان ته جيئڻ به ڄاڻان. 'نئون سويرو' ڪهاڻيءَ ۾ ديپا جو سوايمان آهي
'پل-پل جو مؤت' ڪهاڻيءَ ۾ ڪبير جون ٻئي مائرون سدا ۽ شڪيلا بانو ٻ
وقتوئي جيئري مؤت ٿيون مرن ته ٻيءَ ڪهاڻيءَ ۾ شانتي ديوي مڙس گوبند
کي طلاق ڏيئي آديواسين جي شيوا ٿي ڪري. 'اَنمول جي آڇ' ڪهاڻيءَ ج
سشيلا سنيل سان شادي ڪري سکي ٿيندي ته وري 'طوفان ڪانپوءِ' ڪهاڻيءَ
سجاتا ڪردار جو چريتر اُپريل آهي جو انت ۾ هن پنهنجي بلڊ ڪئنسر ڪر
ڪيل قربانيءَ کي ظاهر ڪيو آهي. 'جامڙو' ڪهاڻيءَ جي رجني به مرڻ م
مکيه ڪردار کي محسوس ٿي ڪرائي ته هو جامڙي جو جامڙو رهندو!

ليکڪ منوهر چگهه جي سنڌي نيٽ ۽ محاوريدار آهي. ساڳئي وق
سرل، سهج ۽ سليس پڻ آهي. ڪهاڻي رچنا ۾ سندس خاص مقام آهي.

نسي جي نشي ۾ رشتن جي سچائيءَ وڃائي ويٺو آهي ۽ سندس گرهستي
ڪارو جهنگل بڻجي پئي آهي. جنهن لاءِ ڪجهه قدر هو موتيءَ کي جوابدار ٺهرائي
رائي. هيءَ عنوان تمثيلي آهي. لالٽين وانگر سندن ماضي ڌنڌلي روشنيءَ
ڏريو آهي. هڪ ٽيوب لائيٽ آهي ته بيو شئنڊليئر. هن ڪهاڻيءَ ۾ سياويڪ
حقيقي گهٽنائون ۽ درگهٽنائون آهن.

'ٽڪرا ٽڪرا زندگي' ۾ ڀن-ڀن زندگين جا انيڪ پهلو ڏيکاريل آهن.
ڪئرولينا اسٽريٽ-واڪر مرد کان بدلو وٺڻ لاءِ کين ايڊس بيماريءَ جو شڪار
بڻائڻ لاءِ خواهان آهي. پروفيسر جوڙي مسٽر ۽ مس ايڊورڊ پارٽ جي راجستان
ثقافتي ۾ ڦهليل وٿشيا ورتيءَ تي تيار ڪيل فلم باستن شهر ۾ ڏيکاري ماڻهن
کي آگاهه تي ڪري. ٦٠ منٽن جي فلم دهليءَ کان شروع ٿي ٿئي ۽ دهليءَ ۾
پوري ٿي ٿئي. سچي فلم 'پئليس آف ويلس' ريل گاڏيءَ ۾ فلمايل آهي.

'هڪ عورت جو ٻيءَ عورت کي تحفو' ڪهاڻيءَ جي ڪردار ڪئرولينا
آهي ۽ گهٽنا اِسٿل آهي جيسلمير جو شهر. جيسلمير جي جوانن جي
پوشاڪ، ڳالهائڻ جو نمونو ۽ سؤديبازيءَ وارو انداز آهي. فلم هلندي ايڊس
خلاف اشتهارپڻ ڏيکاريا ويا. جنهن مان ڪئرولينا تي اثر ٿيو ته جي پرم سنگهه
کي ايڊس ڏيندس ته ضرور اُها سندس پتنيءَ کي به ملندي. هوءَ صرف پرش
کان بدلو چڪائڻ ٿي چاهي ۽ نه عورت کان. اِهو هڪ عورت جو ٻيءَ کي انمول
تحفو آهي.

هنن ڪهاڻين جو مرڪز ناري آهي ۽ لڳ ڀڳ سڀ ڪهاڻيون اِنساني
جيون جي نون مؤضوعن، مسئلن ۽ وشين تي لکيل آهن. پر موتيلال جوتواڻي
جيون جي رواجي گهٽنائن ۾ لڪل سچ کي کولي لکيو آهي.

'آپ بيتيءَ' جي ڳالهه ڪندي عام، ماڻهن جي جيون جا حادثا ۽
ٽ ڪلائمڪ ڍنگ سان لکيا آهن.

هيءُ ڪهاڻيون ننڍي ڪهاڻيءَ جي دائري ۾ آهن. هن سنگره جي
هڪ ڪهاڻي پڙهڻ لائق آهي جو اُها سوچائي ۽ اندر ۾ ولوڙو ٿي وجهي. ليکڪ
ڀ انيوتي پختي قلم سان قلمبند ڪيل آهي. ليکڪ جي ٻولي نج سنڌي،
ڪ ۽ سوادي آهي. اِظهارپڻ صاف، شفاف ڀاشا ۾ سلجهيل آهي.

پارت ۾ افغانستان جو نائڪ مسود خليلي ليڪڪ جو هم ڪلاسي ۽ افغانستان جو رهاڪو هو. هيءَ ڪهاڻي دشمني ۽ آتنڪواد جو مثال آهي.

’بستري تي غير موافق‘ ڪهاڻي آسٽريا جي وائنا شهر جي ’ڪوين جي وڻ‘ جي جاڻ تي ڏئي. ڪوي پنهنجا ڪتاب ڇپائڻ جي عيوض ڪوتا لکي ڪاغذ جا ٽڪرا اُن وڻ ۾ لٽڪائي ڇڏيندا هئا. اُهو وڻ هڪ ڇٽي خاصي ڪوتا مخزن هو. جنهن ۾ انگريزيءَ ڪانسواءِ ٻين ٻولين ۾ به ڪوتائون هيون. هرهنڌ پرش کي استرين کان وڌيڪ اَجوڳ فائدا ٿا ملن. آفيسن ۾، هوائي جهازن ۾، اِشتهارن ۾ وغيره هن پاوناکي ڪوتا جي روپ ۾ لکي ليڪڪ اُن وڻ تي لٽڪائي آيو. لنڊا نالي نائڪا اُها پڙهي ۽ ليڪڪ سان سمپرڪ ڪيو. ليڪڪ کيس سمجهايو ته هن اِستري ۽ پرش جي سمانتا تي زور ڏنو آهي.

’هڪ شخص جهڙو ورتاءُ‘ ڪهاڻي مڙني ڌرمن کي سمان سمجهڻ، سڀ اِنسان هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي هجڻ، عورت ذات جي بچاءَ، ايمانداري، سدڀاونا ۽ آتم سويڪرتيءَ واري ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ اِستريون ۽ پرش هڪ-ٻئي سان هڪ اِنسان ۽ شخص جهڙو ورتاءُ ٿا ڪن. ڪهاڻي فيلسوفاڻي انداز واري آهي.

’۴۸ ۽ ۸۴‘ ڪهاڻيءَ ۾ اِندرا گانڌيءَ جي سرگواسي ٿيڻ جو نظارو، سک ۽ هندو ڌرم ۾ تفاوت آهي. هيءَ ڪهاڻي اِتهاسڪ گهٽنا جو اَحوال آهي.

’ٻڍو ٻڍي‘ ڪهاڻيءَ ۾ جوانن جو بزرگن ڏانهن غلط لاڙو تي ڏيکاري. پٽ ننهن ٻارکي گهمائي ايندا آهن پر ماءُ-پيءُ رڳو ڪين پئسو ۽ ٻيو سات ڏيڻ لاءِ آهن. هو گهر ۾ هڪ ئي هنڌ پيا سڙندا آهن. ماءُ-پيءُ ۽ اولاد جي رشتن ۾ وشالتا ۽ گرمائش ڪونهي. آخرين به ڪهاڻيون ’مان ته آهيان نمت‘ ۽ ’ڪرڻ ڪرائڻ وارو سائين‘ ليڪڪ جي آتم ڪٿا جا اَنش آهن. ڪهاڻيءَ ۾ اَڪيلائپ ۽ هيڪلائپ ٻن اَکرن جي اَرٿ ۾ تفاوت سمجهايل آهي ته اِنسان کي اڪيلائپ سماج طرفان نه چاهيندي به ملي ٿي ۽ ڪنهن وقت تي هو سماج کان، رشتيدارن کان هيڪلائپ به چاهي ٿو ۽ نه ملڻ تي ورچجي ٿو.

’لالٽين ٽيوبلائيٽ ۽ شئنڊيليئر‘ ٻن دوستن جي ڪهاڻي آهي. جيڪي رشتي ۾ سنڌو به آهن. موتي تعليم يافته پروفيسر آهي ۽ گوپال واپاري. گوپال

ڀڳوان ٻڌ جون ٻٽيهه ٻڌ ڪٿائون

ڦتن پرسوائي   سال: ١٩٩٩   پريات پبليڪيشن

شري ڦتن پرسوائي بنيادي طور هڪ ڪهاڻي نويس آهي. هو رِزرو بئنڪ جي 'الڪا' جو سمپادڪ هو ۽ ڌارمڪ، آتمڪ آدرشي ڪهاڻين جو ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ اَنواد ڪري آتمڪ رَسُ وٺائيندو آهي. پريات پبليڪيشن پاران ڇپيل سندس ڪتابن ۾ ڪهاڻيون، سفرناما، خط ۽ خيال آهن. هوُ اِنساني من تي شَبدن جو ٻج ڇٽيندو آهي تہ جيئن سنڌي پاٺڪ جو هِردو آنند وچان جهومي. اِنڪري رڻاير ڪرڻ کانپوءِ پنهنجو وقت ساهت شيوا ۾ ارپڻ ڪيائين. سندس رچنائن ۾ اُتساهہ، قومي ايڪتا، ڀارت جي سڀيتا جو ورثو، نشڪام ۽ نسوارٿ شيوا ڀاوَ سمايل آهي. سندس ٻولي سهڻي ۽ سلوڻي آهي. سندس رچنائون ايڪاگرتا سان پڙهڻ جهڙيون آهن. اِتهاس جي ڪن اَهم گهٽنائن کي وارتائن ۽ ڪهاڻين جي روپ ۾ لکي نئين ٽهيءَ جي جاڻ ۽ سِمرتيءَ کي تازو ڪيو اٿائين.

ٻڌ جي آدرشن، اُصولن ۽ سکيائن سان ڀرپور سندس ڪٿائون پڙهڻ سان رس ۽ آنند پراپت ٿئي ٿو. مهان آتما ڀڳوان ٻڌ جي جيون جون چونڊ ڪٿائون اَڄ بہ ڀارت ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ پڙهيون وڃن ٿيون.

ڀڳوان ٻڌ جو ماڻ ۾ اُپديش، سندس نِهار ۾ ڪروڻا ۽ ديا آهي. سندس اُپديش آهي تہ اَسنتوشي ماڻهو دکي ۽ اَشانت هوندو آهي پر سنتوشيءَ کي ڪابہ تَمنا نٿي رهي. 'ڀڳوان ٻُڌ جون ڪهاڻيون' پڙهڻ بعد اندر ۾ آنند جو ڏيئو ٿو روشن ٿئي ۽ پرم اَوستا کي محسوُس ڪبو. ڪشٽ گهٽجي ويندو.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

رتائي هجن پر هجن حيات (ڪهاڻي سنگرهه)

پونم هيرو واڌواڻي — سال : ٢٠٠٠

هيءُ ڪهاڻيون سچ-پچ پريم ۽ پريم سان لاڳاپيدار قرباني ۽ جي پ
سان ڀمتار آهن. هنن ۾ جذبو آهي. ڪهاڻي ڪلا جو فن، ٻوليءَ جي چاڻ
ڳهلنائن ڪي سلسلي سان پيش ڪرڻ جو هنر به ليکڪا ڪي آهي.

سڀ ڪهاڻيون سنڌي گهرو جيوت سان واڳيل آهن ۽ ڪردار به سن
هجڻ جو احساس ٿا ڏيارين. آشاوادي نظريو اٿن. ممتا جي گود ۾ ڪهاڻي
قبول ڪيو ويو آهي ته ماڻيلي ماءُ ۽ ٻارن جي وچ ۾ ويڇو وجهڻ واري دقيانو
خيالن جي آهي. اُها به ماءُ ئي آهي پر سوارٿي آهي. پيار ۾ قرباني ۽ غلط
لاءِ پڇتاءُ هوندو ته ڪهاڻيءَ ۾ آدرش جو رنگ پرجندو آهي.

اوناش، انجلي، نيلما نالن وارا ڪردار عام آهن. سينيُ ڪهاڻين ۾
محبت عشق جو نئون-نئون روپ آهي. پر پيار ۾ وڇوڙو مليل آهي، يا د
پيار ۾ يڪدم ته جيت ڪونه ٿيندي آهي. سنگهرش ضروري آهي. هن سنگ
ليکڪا جي رچيل ١٠٠ کن ڪهاڻين مان ١٦ چونڊ ڪهاڻيون آهن.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

اڪيلي هوءَ'' نون پيدا ٿيل مسئلن بابت آهن، نئين چيتنا وارين ڪهاڻيون آهن ۽ سچائيءَ بابت حقيقتن بابت آهن. ٢١ صديءَ جي هنن اٺن سال ۾ ٻيا بہ ڪي ڪهاڻي سنگره ۽ ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن. ''ڪارڻ جي تلاش'' سان گڏ ڪلا پرڪاش جي ''اِنتظار'' ڪهاڻين جي مجموعي بہ ليکڪ جو ڌيان ڇڪايو آهي.

''ڪارڻ جي تلاش'' مجموعي جو ليکڪ هيرو شيوڪاڻي گنڀير، ڏيرينو، گهڻ ايپاسي ۽ ماهر نقاد آهي. هو هڪ تعليمدان ۽ مضمون نويس پڻ آهي.هن اڄ جي ڪهاڻيءَ تي اوڪہ ڊوڪہ ڪري ڪيترا ساهتڪ تنقيد وارا ڪتاب لکيا آهن. جيئن تہ جدت جو مفهوم ۽ سنڌي ڪهاڻي، سرجڻ جو سنڪٽ ۽ سنڌي ڪهاڻي، سنڌي ناول ڪٽگهري ۾، ادبي شخصيتن تي لوڪ لهوارو وهي، نون اوچو وَهہ اوپار جائزو، نقط نظرءَ ادب جا معيار. هنن تنقيدي ليکن جي مجموعن ڪانسواءِ هيري شيوڪاڻي ''زندگي ۽ ڪئڪٽس'' ڪهاڻي سنگره بہ لکيو آهي. جنهن جي ڪهاڻي هڪ پيءَ جو پورٽريٽ بہ هن ڪهاڻي سنگره ۾ شامل آهي.

هن سنگره جي پٺئين ڪور تي، شيام جئسنگهاڻي، جديد ڪهاڻيءَ جي مجيل سنگہ ميل ۽ mile stone لکيو آهي تہ هن مجموعي جون ڪهاڻيون اڳئين مجموعي جون ڪهاڻيون هيري شيوڪاڻيءَ کي ڪنهن اهڙي اوچي آستان تي ٿيون براجمان ڪرائين جو مان هن جي پوڄا ۽ سنمان ڪرڻ لاءِ پوڄا جي سامگري کڻي سرسوتي ماتا جي مندر جي ڏاڪڻ تي انتظار ۾ بينو آهيان. هڪ پيءَ جو پورٽريٽ ڪهاڻي لکي ڪجهہ سال اڳہ هن ڪهاڻيءَ جو گ ٽ ڪرئش ڪري سنڌي ڪهاڻي سنسار ۾ هڪ مقام حاصل ڪيو آهي ۽ اڄا بہ ن مقام تي براجمان آهي. هيري شيوڪاڻي روايتي رسمي ڪهاڻيون ننڍيون ڻيون جديد ڪهاڻيون، مِني ڪهاڻيون، اَڪهاڻيون ڪونہ لکيون آهن پر سنڌي ڪهاڻي سنسار ۾ سڌو پوسٽ ماڊرن ڪهاڻيون لکي ثابت ڪيو اَٿائين تہ هو ڪ سپرمئن وانگر ڪهاڻي سنسار ۾ آيو آهي.

کارڻ جي تَلاش (پوسٽ ماڊرن ڪهاڻين جو مجموعو)

پرنسيپال هيرو شيوڪاڻي   سال : ٢٠٠٨

دنيا جي ٻين ٻولين وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ ۽ ناول جي ڀيٽ ’ڪهاڻي‘ وڌيڪ لکي ويئي آهي. تنهنجو ڪارڻ به شايد اِهو ئي آهي ت ڪهاڻيءَ ۾ منتظريءَ جو تتوَ وڌيڪ آهي ۽ پڙهڻ لاءِ وقت گهٽ ٿو لڳي. پوءِ ب ٢٠ صديءَ جي پوئين ڏهاڪي کان سنڌي ڪهاڻيءَ جا پاٺڪ گهٽجندا ئي ويا آهن. ٻوليءَ ۽ شبدن جي ڏات ۽ ’ڪجهه به‘ لکندڙن جو انداز جهجهو آهي ۽ هو اجان به ڪهاڻيون لکن ٿا پر هينئر ٢١ صديءَ ۾ تبديل ٿيل مالي، سماجي ۽ ٻين حالتن ۾ ڪي ٿورا تخليقي ڪهاڻي نويس انساني زندگيءَ ۾ ’ڪهاڻيءَ جي تلاش ڪري، چيتنا جي سجاڳيءَ سان اهڙيون نيون ڪهاڻيون خلقين ٿ جن کي ٢٠ صديءَ جي ماڊرن ڪهاڻيءَ کانپوءِ پوسٽ ماڊرن ڪهاڻيڪار چئي سگهجي ٿو جيئن هن مجموعيءَ جو ليکڪ آهي.

سنڌي ڪهاڻي پنهنجي شروعاتي دؤر کان سفر ڪندي، اُسرندي پنهنجا ساهتڪ روپ بدلائيندي ٢١ صديءَ ۾ اچي پهتي آهي. پرپوءِ به موضوع جي کهنائپ ۽ ساڳيائپ momotony جي ڪري پاٺڪ جو ڪهاڻيءَ مان چاه نڪري ويو آهي. ڪي ڪهاڻيون جيون جي مٿاڇري تان مسئلا ڪٺي وشيه بڻائي لکيل آهن. اُهي رسمي ۽ روايتي آهن. اُنهن ۾ جيون جي اوکه ڏوکه کيل ڪونهي ساهتيه ۾ آدرشوادي نظريعي ۽ ڪلپنا جي زوردار اُڏام ۽ سطحي سچاين تي منحصر ڪي ڪهاڻيون لکيون ويون هيون ۽ اجا به لکجن پيون.

٢١ صديءَ ۾ چوطرفين بدليل حالتن ڪري فرسٽريشن، تناءُ ۽ اخلاقي ڳراوٽ جو رولڙو ۽ رد عمل هنن ڪهاڻين ۾ آهي. ڊاڪٽر موتيلال جوتوانيءَ جون ٢٠ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ لکيل ڪهاڻيون ”حق“ ۽ ”اڪيلي

اهڙو طنزي ڪيل آهي جو آشرم ۾ ڦٽ واري ٻائي جي ڪمري جو نظارو اڇي ٿو اکين اڳيان بيهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پنهنجي سوچ کي اظهار ڏيندي لکيو آهي ته ”اڄ گلوبل ليول تي جيڪي سوچ ويچار ۽ دليلن جون هوائون لڳي رهيون آهن ۽ انهن تي منهنجي جهڙيا ساحاوي بڻجي رهي آهي. منهنجي جهڙيا ساچرم سيما تي تڏهن پهتي جڏهين مون ٻائي جي مٽئين پروفائيل ۽ گهوري نهارڻ جي اندازکي ڏٺو.“

هن سنگره جي ”هڪڙو هو ماستر“ ڪهاڻي هڪ مڊل ڪلاس سنڌي جوان جي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ جو اندازي بيان اهڙو آهي جو احساس ٿو ڏئي ته پڙهي نه پر ڪهاڻي ٻڌي رهيا آهيون يا ڪو نائڪ ڏسي رهيا آهيون جيئن ته ”سائين منهنجا! نائڪ کي نريش ڪمار نالو ٿا ڏيون ”قصو ڪوتاه“ بي جوڙ ۽ بي بها محبت جو هيءُ قصو ۽ ڪهاڻي جي نائڪا پونم بابت ”پونم ته بس پونم هئي چوڏس جي تجليدار چاندوڪي!“ شادي ڪري وڃي ٻبر شينهن ڪلهي چڙهي“ ۽ عام طور چئبو آهي وني ويو پر هن ڪهاڻيءَ ۾ ”کوني ويو.“ هيءُ سنڌي جي اُپياشا لاڙيءَ جو لهجو آهي. ٻوليءَ ۽ انداز بيان جي هنن خوبين ۽ خاصيتن سان گڏ سرل، سهج ۽ رسيلي ٻولي، گفتگو ۽ عبارت ۾ هيءَ ڪهاڻي سڪانت آهي جو نائڪ ۽ نائڪا انت ۾ هڪ ٻئي سان لنبي انتظارکانپوءِ گڏ آهن. ڪهاڻيءَ جي وچ ۾ به ٻنهين مان ڪير دکي ڪونهي. دکه واري صرف هڪ گهٽنا آهي جو ماستر کي نوڪريءَ تان استعيفا ڏيڻي پيئي پر اُها به هنجي مستقبل کي روشن ٿي ڪري. هو ڪٽنب پريوار سان خوش آهي. انت ۾ ماستر نريش ڪمار جي زال جي مؤت کانپوءِ پونم جو اوچتو ظاهر ٿيڻ چرم سيما آهي. سڄي ڪهاڻيءَ ۾ منتظريءَ جو انش موجود آهي.

آتم هتيا هاڻي ائبسرڊ فئنٽسي آهي. هڪ روپڪ آهي. روپڪ هجڻ جي ڪري، موضوع ڪري ۽ ڪهاڻيءَ جي پيش ڪش جي انداز ڪري ئي هيءَ ڪهاڻي پوسٽ ماڊرن آهي. جنهن ۾ نائڪ ”هوبهو دوست امر سندس ئي ڀاڃو آهي، ٻيو روپ آهي جنهن معرفت ”هو“ ڪردار جي مانسڪ ڪشمڪش

عام طور ڪهاڻين ۾ وشيہ اُها ئي هوندي آهي جنهن جو ليکڪن ک
شخصي آزمودو ملندو آهي يا پنهنجي آس پاس ۾ ڪجهہ ڏسندا ۽ ٻڌ
آهن. ڪهاڻين ۾ نواڻ آڻڻ لاءِ پاوپڪش ڪلا پڪش يا رومال ۽ مال معرف
اهڙي مٺيا يا ڪشش هوندي آهي جو پاٺڪ منتظر هجن ۽ ڪهاڻين ج
ڪردارن کي بہ وساري نہ سگهن. هيري شيوڪاڻيءَ جون هي ڪهاڻيون اهڙ
داد جي قابل آهن.

''پورٽريٽ هڪ پيءُ جو'' جهونين ٻي مطلب سماجڪ ۽ گهرو ريتي
رسمن خلاف شانتيڪي بغاوت بابت ڪهاڻي آهي. نائڪ پيءُ جي مؤت ت
وار نٿو لهرائي ۽ پئسي جي تنگيءَ سبب پيءُ جو پورٽريٽ نهرائي گهر ۾ ٻ
وانگر نٿو ٽنگي. ماءُ ناراض ٿي ٿيس ۽ رشتيدار بہ نڪ ٿا موڙين. نائڪ کي
لهرائڻ ۾ ڪابہ خاص مطلب واري ڳالهہ نظر نہ ٿي اچي ۽ پئسا هٿ ڪر
جڏهن پيءُ جو پورٽريٽ نهرائي ٿو تہ ماءُ جو غصو اڏامي ٿو وڃي. هيءَ ڪهاڻ
سرل سپڪ سوليءَ روانيءَ واري سنڌيءَ ۾ عمدي عبارت ۾ لکيل آهن. مکي
هتنا جي آس پاس ٻيون بہ گهٽنائون آهن. ڪرسمن خلاف هجڻ ڪري هي
بولڊ ۽ چيتنا جاڳائڻ واري ڪهاڻي آهي.

''ڦٽ وارو ٻائو'' عنوان مان ئي مذاق جي خوشبوءِ ٿي اچي. ڪهاڻ
جو پهريون اڌ تہ بقول شيوڪاڻي بلڪل حقيقت ۽ سچائي آهي. نائ
حڪومت ڪاسائيءَ کي ماري ڀڄي اچي آشرم ۾ ٻائو ٿي رهيو آهي. ڪهاڻ
کي وڏيڪ خوش مزاج ۽ نئين چيتنا بابت سوچائيندڙ بڻائڻ لاءِ ٻائي جي ڦ
معرفت سادن سودن، ٻالن ٻولن ماڻهن جو علاج ڪرڻ واري گهٽنا محض ڪل
آهي. جنهن لاءِ پنهنجي پيٽ جي سهري جو وشواس ڏسي ليکڪ کي بہ وشوا
ڪرڻو پيو هو. هي ويچارا بيمار ماڻهو انڌ وشواس جو بہ شڪار ٿا ٿين. پلا م
ڪيا نہ ڪرتا. هو سوچين ٿا تہ ڪڏهن لڪ لٽائجن ٿا تہ ڪڏهن ٽڪي جو ع
بہ فائدو ڪندو آهي. ٻاون جي پوترتا ۾ وشواس رکڻو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾
نهاد ٻاون تي طنز ڪيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ زمان ۽ مڪان عناصرن جو ٻ

ڪن ٿا. ۽ اهڙين ڪهاڻين کي ٻرڪائي هضم... ٿا ڪن، گهڻا ئي پاڻ اهڙين ڪهاڻين کي ٺوڪارين ٿا.

هت هن وادوواد ۾ ڪنهن جو ڪنهن سان پاسخاطريءَ يا اداوت جو سوال ڪونهي. پاڻ ۽ عام ماڻهو ڪهاڻيءَ لاءِ ڪونهن پر ڪهاڻي پاڻ لاءِ آهي، ليڪڪ ۽ پاڻ ٻئي سماج آهن. سماج جي نيمن جو اُلنگهن ڪري نئين سماج اڏڻ جي بهاني 'ڪير' به اندروني خيالن سان گڏ ڪرتبن جو لفظي فوٽو ڇپيندو ته ڪوبه اُن 'ڪير' کي روڪيندو ڪونه. هن ڪهاڻيءَ ۾ نائڪا پمي ءَ جي هيءَ تصوير ٢١ صديءَ ۾ وڪاس ڪيل مهلاڻن کي اوچائيءَ تان هيٺ ڪِي ڦٽو ڪري. پمي ڏنڌي واري نه آهي پر مالي طور هيٺئين طبقي جي آهي. ڪنهن غريب جي زال ٽن ٻارن جي ماءُ آهي. تنهن جي شخصيت جو بنا سبب اهڙو چِٽ چِٽڻ جو ضرور ڪونهي. هيءَ ڪهاڻي سنڌي شاعريءَ جي اُنهيءَ دور جي ياد ٿي ڏياري جڏهن ڪي شاعر بند ڪمري وارن مشاعرن ۾ پنهنجيون شاعريون پڙهندا هئا ته جيئن اُهي گهرن اندر نه پهچن. هيءَ ڪهاڻي به ائين آهي لڪائي پڙهڻ لاءِ.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

جو انت ٿو اچي. مالتي ڏيءُ رتوءَ سان ڳڌ رسي هلي ويئي اٿس. ٽن سالن
جگر جي ٽڪري رتوءَ جي سويٽ بيبيءَ جي ياد ستايس، ”بيبيءَ جو
مٽول چهرو آتشبازيءَ جي چڪريءَ جيان ذهن ۾ ڦرڻ لڳس.“ نائڪ جي ض
وويڪ ۽ خوديءَ کي قتل ڪرڻ جو بيان نانڪي ۽ علامتي لکيل آهي. پنهن
سچائي ضمير کي مارڻ به پنهنجو نڪ ڪٽڻ سمان آهي. هو پنهنجي خود
۽ ضمير امر جو لاش هڪ پيٽيءَ ۾ بند ڪري اسٽور روم ۾ ٿو رکي. اِهو سمورو
علامتي آهي. مالتي رتوءَ کي وٺي گهر آئي. هيءُ ڪٽنب خوشحاليءَ ۾ ع
جيون جيئڻ لڳو. وقت ڇڻن-ڇڻن کي سڌاري ڇڏيندو آهي. پتي پتنيءَ
روبوٽ بڻجي پيو. باس کي ڇئي سالي کي امپورٽ ليسن وٺائي ڏنائين. ج
عيوض روبوٽ باس سان ها ۾ ها ملائي خوش ڪندو هو ۽ مالتي سوکڙ
پهچائيندي هئي. روبوٽ انسان تڏهين بڻجي پيو جڏهين باس چيو
”مالتيءَ کي منهنجي گهر موڪل.“ گهر اَچي ضمير جو لاش پيٽيءَ مان ڪ
ڏنائين ته اهو اڃا مشڪي رهيو هوس. شايد ڇئي رهيو هوس ته هينئ
ڪندين؟ پنهنجي ضمير کي اڃان هيٺ ڪيراءِ يا باس سان بغاوت ڪر. ب
حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ همت ڪر. هيءَ آهي وچولي ڪٽنب جي آتم ڪ
زندگيءَ جون ڪجهه وڌيڪ سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ وچولي ڪٽنب جي مان
جدوجهد.

”شرير ڌرم“ ڪهاڻي رسمي ڪهاڻيون لکندڙن ڪانسواءِ جيڪي ڪل
جيان، سچائي چيتنا کي خوش ڪرڻ لاءِ اِنساني زندگيءَ جي آس پاس ڪهاڻ
جي تلاش ڪري پوءِ لکن ٿا. اُنهن لاءِ نواڻ واري آهي. جدت جي موه وس
هو ڪي اهڙا به وشيه اُکن ٿا جيڪي سماج جي مڃتائن ۽ سنسڪارن کي ڏڌ
ٿا ڏين. محض بولڊ ڪهاڻي لکڻ لاءِ. هنن ليکڪن جي ڪلپنا انوسار شرير
ڪو ڌرم آهي ۽ نه ڪو سنسڪار. هن لوڪشاهي سيٽ اپ ۾ ليکڪ کهڙيون
ڪلپنائون ڪن ته پاڻ به آزاد آهن. پاڻ تي بولڊ، ترقيپسند پاڻ جو
هٽائڻ لاءِ ڪي تيز فهم پاڻ به هنن ڪهاڻين کي مناسب سمجهڻ جو ا

١- ڀارتي ساهتيہ ۾ ڀڳتي هلچل ۽ سنڌي صوفي ڪاويہ.
٢- سنڌيءَ ۾ سگڻ ڀڳتي ڪاويہ.
٣- نوري گرنٿ سنڌي ڀڳتي ڪاويہ جو انمول خزانو.
٤- سنت گيانيشور ۽ سنت ڪبيرداس.
٥- سنڌي مسلم شاعرن جي شاعريءَ ۾ ويدانت.

هنن سڀني مقالن ۾ ڏنل گيان سنڌي ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي اِتهاس جي ڪڙيءَ سان ڪڙي ملائڻ ۾ مددگار آهن ۽ سنڌي ڀڳتي ڪاويہ ڌارا تي آس پاس جي پرانتن جي ڀڳتي ڌارا جو ڪهڙو اثر پيو اُهو پڻ واقف ڪيل آهي. صوفي شاعرن بہ ويدانت ۽ برهم جي سگڻ روپ جو ورنن ڪيو آهي، جيڪو من کي شانتي ۽ آنند ڏئي ٿو. ڀارت ۾ هيءَ ڌارا ٨ صديءَ کان شروع ٿي. ١٣، ١٤ صديءَ ۾ زور پڪڙيو ۽ راڄنيتي ڪارڻ ڪري ١٦، ١٧ صديءَ کان سنڌ جي ڪاويہ جي ڀاوَ ۽ ڪلا پکش تي اَثر ڪيائين. ١٩ ۽ ٢٠ صديءَ کان سنڌ ۾ ڀڳتيءَ جي سگڻ ڌارا زور پڪڙيو. اهنسا پرمو ڌرم، اهم برهم اسمي ۽ تت توم اَسي جا ويچار سمايل آهن. شانت رس، گيان رسُ ۽ پريم رس جي پراپتي ٿئي ٿي. سنڌ ۾ سگڻ اُپاسنا جو پرواهہ ١٠ صديءَ ۾ اُڏيري لال جي اُپاسنا سان شروع ٿيو جنجا پنجڙا ڪهڙن شاعرن رچيا، چئي نٿو سگهجي.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

موتي چڳن هنس (مقالا)

ڊاڪٽر ديال 'آشا' سال: ١٩٩٥

'موتي چڳن هنس' ڀڳتي ڪاويہ ڌارا تي ڪوجناتمڪ ۽ تواريخي پنجن مقالن جو مجموعو آهي. جنهن جو ليکڪ آهي پرنسيپال ڊاڪٽر ديال 'آشا.' هن پنهنجي آتمڪ ڦلواريءَ مان هڪ سڳند ڀريو پشپ چونڊي عوا جي اڳيان آندو آهي. هن رچنا جو مهورت مهاراشٽر سرڪار جي منتري پرمو نولڪر ١٥ مئيءَ ١٩٩٥ع تي ڪيو. هن ڪتاب جا ورق ورائيندي ئي منڙيءَ سرل، سڀاجهيءَ ماترڀاشا سنڌيءَ ۾ ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي سمپورڻ ڄاڻ سان آس-پاس جو واتاورڻ سڳندت ٿئي ٿو. ڀڳتي ۽ گيان جا ڪئين جذبا مغز ۽ من ۾ هلچل مچائن ٿا. هيءُ پستڪ ليکڪ جي ماحول، منوورتيءَ ۽ زندگيءَ جي تصوير پڻ پيش ڪري ٿو. ڪيس ننڍپڻ کان ئي ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي اڀياس رچنا سان لڳاءُ آهي. وقت بہ وقت ٿيندڙ سيمينارن ۾ پڙهيل مقالا ظاهر ٿا ڪن تہ ليکڪ روحاني پنڌ ۾ ڀڳتي ۽ ڪرم مارگہ جو پانڌيئڙو آهي.

سندس ٻولي سرل، سليس ۽ شبداولي آتمڪ واٽيءَ جهڙي آهي. ه خيال جي پشتيءَ لاءِ بيتن جا نهڪندڙ مثال ڏيئي ثابت ڪيو اٿائين ت سندس ويچارن کي ساهتڪ ۽ اِتهاسڪ پنيرائي آهي. ويدانت، تصوف، نرگڻ ۽ سگڻ ڀڳتي ڌارائن کي سمجهائڻ لاءِ پڻ وڏن شاعرن جي ڪاويہ مان مثال ڏ اٿائين. هي ڪتاب ڀڳتي ڪاويہ ڌارا جي اتهاس ۽ اوسر کي سمجهڻ لاءِ هڪ مڪمل ذخيرو آهي.

ڀڳتي ڌارا ساهتيہ جي اهم ڌارا آهي. هيءُ ڪتاب ساهتيہ جي طالب ۽ سالڪن جي رهنمائي ڪري سندن دلچسپي وڌائيندو. ليکڪ سنڌي هند شاعرن ۽ ڀڳت ڪوين جا نوان نالا جوڙي اِضافو آندو آهي، جن برهم جي نرگ ۽ سگڻ پنهنجي روپن جو ورنن ڪيو آهي. جن جون رچنائون مسلم راڄنيتي جي ڪري هن وقت تائين گمنام رهيو آهن. ڪتاب ۾ ڪل پنج مقالا آهن

سان گڏ اِنساني زندگيءَ جي اَزلي اُصولن ۽ اِنساني سياوَ جي مسئلن جي بہ اوک ڊوکہ هجي. هر ساهتيڪار پنهنجن خيالن جي اِظهار ڪرڻ ڪانسواءِ هڪ ٻيو اهم مقصد بہ رکي ٿو تہ سندس ٻولي بہ زنده رهي. اُسات روِمانوي افسانو آهي. مکيہ گهٽنا ۾ ڊپ، شڪ ۽ حراس بہ آهي تہ سنسني ۽ رومانچ بہ ضرور پيدا ٿيندو ٿي ۽ منتظري بہ پيدا ٿيندي. مکيہ گهٽنا سان ٻيون بہ ڪيتريون گهٽنائون ۽ ڪردار ناول ۾ آهن. هِن ناول جي ٿيم آهي ورهاڱي ڪري سنڌ ۾ جيڪو مذهبي ماحول، راڄنيتي چالاڪن پيدا ڪيو تنهن جو ڪراچي شهر تي اثر ۽ عام ماڻهن، عام هندن جي دربدر ٿيل جيون ! ڪيتي اولاد ماءُ پيءُ ڪان وڇڙي ويو. دوست دوست ڪان تہ عاشق معشوق ڪان. مکيہ ڪردارن ذهره ۽ عينشيءَ جي ۽ سندن ڪٽنبن جي گهٽنائن سان ناول جي رڳا رڳيل آهي. ليکڪ عشق جي اِظهارکي اَثردار بڻائڻ لاءِ قدرتي نظارن جو رنگين بيان ڪيو آهي. جيئن تہ ذهره جي سونهن جو بيان ڪرڻ لاءِ گلن، پکين ۽ اَجنتا جي تراشيل بت سان ڀيٽ ڪئي آهي ۽ عشق ۾ نائڪ عينشيءَ کي محسوس ٿو ٿئي تہ قدرت جي اَسيم سونهن، پوري آڪاش مٿان ڇانيل آهي. عنوان 'اُسات' جو مطلب ئي آهي نہ ٻجهندڙ پياس. ڪيترو بہ پاڻي پيئڻ سان اُڃ ڪين لهي. ذهره ۽ عينشيءَ جو عشق بہ اَئين آهي. جڏهن ڪراچيءَ جون حالتون سازگار نہ هيون، ڪراچيءَ جي هائيدوس مٿل ماحول ۾ ٻن پريمي پوپٽن پنهنجا پرپکيڙيا. سندن عشق جو اِظهار بہ نظرن، اِشارن، زبان ۽ موقعو ملڻ تي ٻانهن ۾ سمائجي وڃڻ تائين آهي. واعدا ۽ اِظهار بہ ڪيائون. دعائون ۽ دلاسا بہ ڏنائون، پاڻ کي جنم جنم جو ساٿي بہ بڻايائون. زهره تہ ڌرم بدلائڻ لاءِ بہ تيار ٿي پر اگر خدا سهايتا ڪري تہ ! سندس بابا اهڙو آهي جو ڪيس ٽڪرا-ٽڪرا ماري ڇڏيندو، پر هندوءَ سان ملڻ نہ ڏيندو. سندن عشق جي اُسات پوري نہ ٿيندي.

عينشي صاف دل ۽ اوجل سياءُ وارو جوان آهي. پيار تي ڪنهن جو وَس ڪونهي. زهره جو ڪٽنب ورهاڱي وقت هندستان مان لڏي اچي خوشيرام

'اُسات' - اصلوڪو ناول

ليکڪ: هري همٿاڻي

هري همٿاڻيءَ جي ناولن ۽ ڪهاڻين جي ڇاپ سنڌي ساهتيہ سنسار
تي آهي. ياڻڪن اُنهن کي پڙهيو ۽ ماڻيو آهي. ساهت اَڪاڊميءَ کيس اَوارڊ ب
ڏنو آهي. پبلشر طور بہ هن ڪيترن ٻين ساهتڪارن جا ڪتاب ڇپايا آهن
ڪونج جي سمپادڪ جي لفظن ۾ اُهي ڪتاب هريءَ جي سنائيءَ، سچائيءَ
۽ اَدب لاءِ پيار جو ثبوت آهن. مال ۽ رومال جي لحاظ کان هري همٿاڻيءَ جي
اُجري اَندر جو ثبوت آهن. هري جذبات کي اَکرن ۾ اُتاري ٿو. هن ليکڪ کي
ڪيترن سرڪاري ۽ نيم سرڪاري اَدارن مان اَوارڊ مليا آهن.

'اُسات' ناول ۾ ديش جي ورهاڱي جي ظالم حالتن جو چِٽو چِتر چِٽيل
آهي. لڏڻ وقت سنڌي هندن کي، بندرگاهہ يا اِسٽيشن تي سڄي پيٽي خالي
ڪري ڏيندا هئا. ڪا ٻڍڙي ٻاڏائي چوندي هئي: ''هيءَ چانديءَ منهنجو
اوڇڻ آهي.'' پر ظالم عملدارن تي اَثر ندارد هوندو هو. هِن ناول جي ڪٿانڪ
انوسار ماءُ پيءُ دل تي پٿر رکي جوان پٽ کي ڪراچيءَ ۾ ڇڏي، پاڻ لڏي ت
وڃن. اُن وقت ڪراچيءَ ۾ حيبتناڪ وايومنڊل هو. دور دور تائين باهہ جا ڀنيت پي
ڏسجن. زمين هيٺئن تپندي ۽ لوساٽي سا ڙي ڇڏيندي ڪنهن ڪونہ ٿي ڄاتو.

ڪٿي ائين پڙهيو هوم تہ سنڌين کي وطن وڃائڻ جو صدمو ايترو نہ
رسيو آهي جيترو ٻين ڄاتين کي! تڏهن ئي تہ ورهاڱي جي درد سان پرپو
ساهتيہ ايترو نہ لکيو ويو آهي. جڏهن اُسات ناول پڙهندا تہ ڇئي سگهندا
ورهاڱي جي ظالم حالتن بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ اجان پيو ساهتيہ لکجي جڏهن
ٻين ڄاتين جي ساهتيہ ۾ هِن مؤضوع تي ماڻائي آهي. کين وطن جو ڪو ن
ڪو ٽڪرو مليو جو ويو آهي. ناوَل ساهت جي اُها شاخ آهي جنهن ۾ زندگي
جي پن پن روپن کي ماحول، زمان ۽ مڪان مطابق، ڪنهن خاص مخصوص
ڄاتيءَ جي چوند ڪردارن جي آرٿڪ، سماجڪ ۽ راڄنيتي مسئلن جي اُپٽ

هِن ناول ۾ سنڌ ۾ راڄنيتي حالتون، مذهبي جنوُن ۽ هندن سان ٿيندڙ ڦهرئي ڪلنائڪ جو پارٽ اَدا ٿا ڪن. ڪٿا وستوُ ۾ بہ ٻن پيڙهين جو ذڪر آهي. هِندن جا هانوَ ئي نہ، پر وطن جا وڻ بہ اندران پورا ٿي ويا هئا. چوچ مان وهندڙ درياه بہ مانو پٽي وهيو. ڪير هنجي تڙ تي اَکو پائڻ ايندو ! سڀ ڏيئا ئي وسامي ويا هئا. لڏي آيل سنڌي هم وطني مسلمان ڀائرن جي حب ڪي ڀلائي بہ نہ سگهندا. مسلمان ڀائر بہ وساري نہ سگهندا تہ هِنن ڳهرن ۽ گهِٽين ۾ ڪنهن وقت سنڌي هندو رهندا هئا. ٽانگي واري بہ چيبن تہ، ”پنهنجا هليا ويندا، ڌارين سان پلئہ اَٽڪندو اَسانجو.“ عينشي چيس، ”اُتي هِنن ٽانگن ۾ چڙهڻ لاءِ سِڪنداسين.“

عينشي ذهره جي وڇڙڻ ڪري ائين پئي تڙفيو جيئن پاڻيءَ بنا مڇلي. پوني ۾ رهندي بہ ڪيس عشق جو گهُٽو ڪائيندو رهيو. وقت گذرندي ذهره لاءِ ڇڪ بي ٽُڪي نظر آيس. نيٺ اَمان ڪي خوشيرام جي ڌيءَ راڌا سان شاديءَ لاءِ سويڪرتي ڏنائين. عشق جي ڇولين جو ڇوهہ بہ گهٽيس.

هُتي ذهره جي بہ اَلطاف سان شادي ٿي. زندگي گهڻن وقتن تي عجيب کيل کيليندي آهي. پر ڪي کيل عجيب ۽ نرالا هوندا آهن. ذهره ۽ ڀاڻس پنهنجي هم سفرن سان اَجمير گهمڻ آيا. عينشيءَ جي گهر ۾ اَچي رڪيا جو راڌا ۽ ٻار پوني ويل هئا. زمان ماضيءَ جو پيار عينشيءَ جي اَڳڻ ۾ پنهنجي ميان اَلطاف سان پڌاريو تہ اوسان خطا ٿي ويس. هيءُ آهي اِسراري سنجوڳہ، پر ٻنهي جي ملاقات نہ ٿي. پاڻيءَ مٿان جهوپڙا پر هيءُ مورکہ اُڇ هئا.

عينشيءَ جي اَندر جي ڪشمڪش جاري ٿي هئي. سنڌ مان آيل غير سنڌي واقفڪارن ڪي گاڏيءَ چاڙهي روانو ڪري آيو. پوءِ بہ نائڪ ۽ نائڪا ٻنهي ڪردارن خالتن سان پاڻ نهڪايو، تنهن ڪري ناول سڪانت آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

جي خالي مڪان ۾ رهيو هو. عينشي ۽ زهره جي مڪانن جون بالڪنيون سند
ڳونگي ۽ شانت پيار جون شاهد هيون. هيءُ قدرت جو ڪرشمو هو، حادثو هو
اِسرار هو جو عينشيءَ جي شڪل زهره جي مٽيتر يعقوب جهڙي آهي. يعقو
ڪي ساڃيءَ اَڪ هينان تِر هو جيڪو عينشيءَ کي ڪونهي. يعقوب مري چڪ
آهي. زهره ۽ سندس ڀاءُ محبوب به عينشيءَ کي ڏسي پنيلڇي ويا هئا. جنا
ڪئپ، ڊريس ۽ ڪاري چشمي سانْ عينشي پڪو مسلمان لڳندو هو. سندن ب
نوان پاريسڙي هئا ريمي ۽ اولاف. هِن جوڙي کي عينشيءَ جي عشق جي پرو
پئجي ويئي هئي. هِنن عينشيءَ کي سمجهو هو ۽ ڪيس سڪون پائڻ ۾ مد
ڪندا هئا. سندن سلوڻي صحبت ۽ پيار ۾ عينشيءَ کين ڪراچيءَ جو سئر ب
ڪرايو هو ۽ سندن ٻارن لاءِ سوکڙيون به آنديون هيون. ناراض ٿيا ته کين چيائين
”پڪيءَ جي پيئڻ سان ڪڏهن تلاءُ مان پاڻي کُٽو آهي ڇا؟“ ٻنهين عاشق
جو من هرڻ وانگر رڃ ۾ پيو پتڪي. ٻنهين کي پڪڙجي پوڻ جو خوف هو. ناو
جي ڪٿا وستوءَ جي رٿا عينشيءَ ۽ زهره جي زندگيءَ جي الڳ-الڳ حصن ک
پيش ڪرڻ لاءِ ٻن مکيه حصن ۾ آهي. پهرين حصي ۾ عشق ۾ مبتلا ملاقاتون ۽
ڏجاڻيون ڪراچيءَ جا نظارا آهن؛ ٻئين حصي ۾ ٻئي ڪردار شادي شده آهن
عينشي اَجمير ۾ رهندو آهي ته زهره به شوهر سان گڏ اَجمير درگاهه ۾ آئي آهي
پهرين حصي ۾ پاڻکن کي اَسيم اِنتظاري آهي. ٻنهين جو وڇوڙو ناٽڪي اَنداز وا
آهي. زهره ۽ عينشي گهمڻ پيا وڃن. زهره برقو پاتو هو ۽ عينشي به مسلمانڪ
لباس ۾ هو. بولٽن مارڪيٽ جي هوٽل ۾ وڃي ويٺا مس ته فساد اَچي ڇڙيو. جڏه
فساد بند ٿيا ته ٻئي هوٽل کان ٻاهر اَچي ٽانگي ۾ چڙهيا. زهره گهروٽ لٿي ۽ عينش
پيو ڪٽي لٿو. فساد ڏسي زهره جي ڪمزور دل سَهي نه سگهي. ڪيس اهڙو تيز بخ
ٿيو جو اَمبولنس ۾ اِسپتال جي آءِ.سي. يونٽ ۾ داخل ڪرايائونس. عينشيءَ ج
پيءُ به اُنهيءَ سمي اِنڊيا مان آيو ۽ دوڪان، جاءِ وڪڻي پاڻ سان وٺي ويس. ٻنهي ک
هڪ ٻئي کان موڪلائڻ جو وقت به نه مليو. عينشيءَ پنهنجي تڙق ريميءَ سان سل
پرپوءِ حالتن سان پاڻ نهڪايائين. جو بابا ٻڌايس ته هندستان مان جيڪا ماڪڙ آئ
آهي اُها ٻڪي ۽ خونخوار آهي.

”مِيرا“ آدياتمڪ ناول

هوللرام هنس، ٽانٽي

هيءُ ناول بيسٽ سنڌي سيا ۲۰۰۵ ۾ ڇپايو آهي. بيسٽ سنڌي سيا جو روح روان هوللرام هنس آهي. بيسٽ سنڌي سيا ۱۹۵۸ کان ۲۰۰۵ تائين ڪل ۴۸ ڪتاب شايع ڪيا آهن، جن جي لسٽ هن ناول جي شروعات ۾ آهي. انيتاليهن ڪتابن مان ۱۹ ڪتاب هوللرام هنس جا لکيل آهن، جنجا مؤضوع علحدا-علحدا آهن.

”مِيرا“ ناول صرف ۷۲ صفحن وارو ننڍڙو ناوِلٽ آهي، جنهن ۾ ڪل يارهان باب آهن. هيءُ ناول ڪو عام رواجي ناول نه آهي، جنهن ۾ پريم ڪهاڻي، رومانس، چرم سيما، سنگهرش، گهٽنائون ۽ پڇاڙي هجي ۽ گهٽنائن جو به زمان ۽ مَڪان مقرر هجي. عام ناولن جون ڪَٿا وَستوُ سماجڪ ۽ راڄنيتي اَهميت سان گڏ وندر ۽ سکيا ڏيندڙ ٿيندڙيون آهن. دنيا جي ودوانن، ساهتيه جي هِنَ وِڌا لاءِ ڪي بُنيادي نيمَ به مقرر ڪيا آهن.

”مِيرا“ ناولِٽ سنڌي ڪلاسيڪي ساهتيه جو هڪ اَهم حصو آهي، جنهن ۾ پارت ۽ دنيا جي فيلسوُفن جي ويچارن جا جهرڻا اهڙيءَ نه زوُم سان ٿا وَهن، جو اُهو پاڻي سورج جي تيز ڪرڻن مان آرپار لنگهڻ ڪري پاڻ سان ڪيميائي اثر ڪري اِندلني رنگن ۾ ٿا ظاهر ٿين. پوءِ اُهي پاڻيءَ جي جهرڻن جون بوندون نه، پر هيرا، لال، زمرد ۽ ياڪوُت بڻجي ٿا پون. هن ناوِلٽ ۾ پريم رس سان پريل رومانوي ڪٿا وستوُ هجي ها نه عام ناولن جي قطار ۾ شُمار ٿئي ها، پر ليکڪ جي ذهن تي مهان فيلسوفن جي نيتين، مارگن ۽ مَتَن جو اثر آهي ۽ هن ’ميرا‘ ناول ۾ اُهو ظاهر ڪيو آهي، اِن مقصد سان نه پين ڪي به چاڻ پوي ۽ آنند ماڻين. ليکڪ جو ويچار آهي نه برابر گروءَ بنا گَتِ ڪونهي، پر گرو ڪنهن کي ڪجي ۽ هن پاڻ ئي جواب ڏنو آهي نه گرو اُنهيءَ کي مڃجي، جنهن جي سنمڪه ٿيڻ سان من ۽ آتما ترپت ٿين، شانتي ۽ آنند جو رس پراپت

”زبان بي زبان“ اسلوڪو ناول

ليکڪا: - ريتا شهاڻي   اپريل: ٢٠١٠ - ايم. سي. ايس. پبلشرس، پٽني

ريتا شهاڻيءَ ساهتيه جي هر شاخ ۾ انيڪ موضوعَ وشين تي تخليقي ساهتيه لکيو آهي. هن ميران ٻائي، ڪبير، دادا جشن واسواڻيءَ اوشو جي جيونيءَ به لکي آهي. افسانوي ادبَ ڪٿا ساهتيه لکڻ جو ڪيس پختو فن آهي.

ناول يعني ڪجهه نئون. هر ناول ۾ ڪو نه ڪو نئون فلسفو هوندو آهي. نئون سنديش، نئين ڄاڻ ڏيڻ ناول جو مقصد آهي، ڇاڪاڻ جو اُهو نياپو پاڻڪ جي اندرين من کي ڇهي، ڏونڌاريءَ سجاڳ تو ڪري. ريتا شهاڻي هن ناول جي ڪٿانڪ، گهٽنائن، ۽ ڪردارن موهت، رَما ۽ مايا جي سيرت معرفت ماحول جي ترجماني ڪئي آهي. گهٽنائون روانيءَ سان مرڪزي خيال طرف ڪٿا وستوءَ کي وڌائين ٿيون. هيءَ ناول سماج جي اوچي ورگه جي ڪردارن بابت آهي. واتاورڻ ۾ منورنجن سان گڏ سکيا پڻ آهي. ناول سماجڪ آهيَ ٻال منووگيان سان جڙيل آهي. ٻال ڪردار موهتَ رَما ڄائي ڄمر کان بدني نقص وارا آهن. اَهڙن ٻارن جي مائٽن جي مسئلن، مشڪلاتن، سلگهرشَ جُفاڪشيءَ طرف ساهتيهَ ميڊيا جو به ڌيان ويو آهي.

ريتا شهاڻيءَ تمام گهڻو ذهني پورهيو ڪري ڪردارن لاءِ مؤضون وايومنڊل، پسگردائي، زمانَ مڪان کي خيال ۾ رکي رچنا ڪئي آهيَ اَهڙن ٻارن جي مائٽن جي رهنمائي ڪئي آهي ته هو جديد ڊاڪٽريَ وگيانڪ ساڌنن کان مدد وٺن. ناول ڪَرُڻ رَس وارو آهي. جنهن ۾ رومانچَ رومانس آهن. ٻالڪ موهتَ رَما اِشارن واريءَ ٻوليءَ ۽ چپن جي چرپر معرفت هڪ ٻئي جي جذبات، اُمنگنَ خيالن کي سمجهي ٿا سگهنَ رد عمل ٿا ڏين. رَماَ موهت کي مايا مدد ٿي ڪريَ وڏي قرباني ٿي ڪري. به فزيڪلي امپيئرڊ جوان ٻار ’ايڪ دوجي کي ليئي‘ آهن. مايا لاءِ رويءَ نالي همسفر خلقيو ويو آهي جيئن جوڙو پورو ٿئيَ جوڙ جوڙ سان ملي وڃي. هيءُ خود ساختو اسلوڪو ناول هڪ ٽرئجڊي آهي پر پوءِ به دکانت نه آهي جو موهتَ رَما جي مائٽن وٽ سيني مهانگن ساڌنن لاءِ پئسو آهي. ناول سکانت آهي.

ڪرڪيٽ اُها راند آهي جيڪا ٻارهان بيوقوف رمن ٿا ۽ هزارين بيوقوف ڪم ڪار ڇڏي ڏسن ٿا. فلاسافارن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي به فيلسوف بڻجڻو پوندو. فيلسوفَ، سنت، سائنسدان وگيان ۽ ڌرم جي اُپيوگ سان لوڪ ڪلياڻڪاري تي سگهن ٿا. سڀ ڌرم، نيتي شاستر يعني ايٿِڪس تي ٻڌل آهن ۽ سيکارين ٿا ته اوچ اِخلاق ۽ ايشور ۾ وشواس رکڻ گهرجي.

نائڪا ميرا ديويءَ جو چوڻ آهي ته وِديا، تعليم ۽ ساهتيه اِنسان کي سازيءَ ۽ سلوُڪت ۾ رهڻ ٿو سيکاري. زندگيءَ جا آزمودا انت تائين ڪجهه نه ڪجهه سيکاريندا ٿا رهن. جي ڪرشنا مورتيءَ جو ويچار آهي ته، گرو ڪرڻ جي ضرورت نه آهي، صرف پنهنجي آتما جو آواز ٻڌو. هولارام هنس پنهنجي فيلسوُفاڻي اَيِياس جو نچوڙ هن ناول جو بنياد بڻائي اِظهار ڪيو آهي. هيءُ ناول نه دڪانت آهي نه سڪانت، صرف نيڪ جيون جيئڻ لاءِ صلاحون آهن.

ٿئي. ڀارت جا مهان فيلسوف چئتنيہ مها پرڀوُ، سوامي وويڪانند وغيره پڻ سائي سکيا ٿا ڏين. دنيا ۾ ٻارهان وڏا ڌرم جاري آهن، جن جا پوئلڳہ انڪل ڇهہ سؤ ڪروڙ اِنسان آهن. پوءِ بہ هوُ هڪ ئي ڪٽنب جا آهن، جيڪي مڃين ٿا تہ پرڀوُءَ کي پائڻ جو آسان طريقو آهي، پرڀوءَ جي هستيءَ ۾ وشواس رکڻ. وشواس جو واسطو دل سان آهي ۽ نہ دماغ سان. هن ناول ۾ ڪل چار ڪردار آهن، نائڪا آهي 'ميرا.' نائڪ گرديوَ جي ڌيءُ آهي، مان ڪردار ۽ سندس دوست نرمل. چئني ڪردارن جي گفتگو سندن چريتر مطابق آهي. گرديو ۽ ميرا اَپار گيان ۽ ڀڳتيءَ جا ساگر آهن. باقي بہ ڪردار جگياسوُ آهن. دنيا جي وڏن فيلسوفن جون نيتيون، سکيائون ۽ پرارٿنائون گفتگو معرفت لکڻ ليکڪ جي ڪشلتا آهي. فيلسوفاڻا خيال ۽ اِظهار جي ڀاشا ۾ سَتيہ، شِوَم ۽ سندرم آهي. وايوُمنڊل ۾ قدرت جي سوُنهن ۽ آشرم جهڙو مَڪانُ گروديوَ جي ڪَشش ڪندڙ موُرت ۽ ميرا جي سيرت، سڀ سندرم آهن. مان ڪردار هڪ هنڌ چيو آهي تہ ڀارت جي رشين-منين جون رچنائون ۽ فيلسوفيءَ جا پستڪ انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿي رهيا آهن، تہ جيئن دنيا اُنهن کي پڙهي ۽ اِندين فلسافي هڪ آئيڊيالاجي آهي. سياست بہ هن فلسافيءَ جي مکيہ شاخ آهي. اِنجي پٺڀرائيءَ ۾ ليکڪ پلوُٽو جو حوالو ڏنو آهي تہ ''اُهي شخص، جيڪي راڄُ هلائڻ ۾ ڀهرو نٿا وٺن، تن کي اَيائن جي سرڪار ٿي ملي.''

''جڏهن-جڏهن جاتيءَ ۾ ڪلا ۽ ساهتيہ جي گراوٽ ٿي اَچي، تڏهن جاتيءَ جي بہ گراوٽ ٿي ٿئي.''

''گهٽ سمجهہ وارا وڌيڪ شڪي آهن، جو هوُ ٻِنا واد وِواد جي وِشواس ڪندا آهن. سياڻا دکي آهن، جو هر ڳالهہ لاءِ ڇو، ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪنهن پڇندا وتندا آهن.''

''آدي شنڪر آچاريہ ايترو تہ آشاوادي هو، جو سکيا ڏنائين تہ ''ڪجهہ بہ ناممڪن ڪونهي. پڻ جي مدد سان سمنڊ مان ڦڙو-ڦڙو ڪري پاڻي ٻاهر ڪڍندين تہ ڪو وقت ايندو سمنڊ بہ خالي ڪري سگهندين.''

مالهيءَ جو آخرين ناول ’پاپي‘ دل تي تَرِي آيم. ’سون ورني ڪنوار‘ جي ڪٿاوستو جون سڀ گهٽنائون منڍ کان اَنت تائين سنڌ جي سرزمين تي آهن. جتان لڏي اچڻ کان ٦٠ سال پوءِ ليکڪا ڪلپنا ۽ يادگيريءَ جي ڪَريءَ سان ڪَري ملائي ڪهاڻي اُڻي آهي. ڪلپنا ۽ يادگيري جاڙيون ڀينر آهن. هر هر افساني جي بنياد ۾ حقيقت هوندي ئي آهي ۽ اُها حقيقت ۽ سچائي ناول جو ڪرنگهو ٿيندي آهي. اِنهيءَ ڏنل، ٻڌل، پوڙهيل حقيقت کي وڌائي، اهڙو روچڪ بڻايو ويو آهي جو ناول جا پنا اُٿلجندا وڃن ۽ اُڪنڊ وڌندي وڃي پوءِ ڇا ٿيو!

گهرو زندگيءَ تي رچيل هيءُ ناول آزاديءَ کان اڳ واري دؤر جي سنڌين جي سماجڪ تصوير ٿو پيش ڪري. انگريز هندستانين سان خراب وهنوار ڪندا هئا پر ڊاڪٽر مارٽن ۽ ڪلائيو مٽيءَ جي مدد ڪندي وسارين ٿا تہ ڪو مٽي بہ غلام ملڪ جي باشندي آهي. تنهن زماني ۾ حيدرآبادي ڀائيبند ڇوڪرا ڪمائڻ لاءِ ولائت ويندا هئا. هن ڪٽنب جي وهنوارمان جاڻ ٿي پوي تہ ان وقت جي اسانجي سماج ۾ اخلاقي مريادا جي ڪوتاهي هئي. نارومل جي وهنوار مان جاڻ ٿي پوي تہ هو سوارٿي ۽ بدمزاج آهي. هيءُ ناول اُن دؤر جي ترجماني ٿو ڪري جڏهن ٻن ٽن ٻارن وارا شاهوڪار رنڙ ننڍين ڇوڪرين سان پرڻبا هئا. پاڻ پوڙها وڃي سرڳ ۾ سکي ٿين. ويچاريون سندن وڌوائون ڀيون سورسهن ۽ سماجڪ برائين جو شڪار بڻجن. شڪر آهي هن ناول جي ڪابہ اِستري ڪردار چِرتر هيڻ ڪونهي. ڏيءُ وڌوا ٿيندي هئي تہ اُها بہ اَچي پيڪن ۾ رهندي هئي ۽ ائين گهر جي مشڪلاتن ۾ اِضافو ايندو هو. گڏيل ڪٽنبن ۾ هڪڙا پيا آرام ڪندا هئا تہ ٻيا پيا تپندا هئا. هيءُ ناول اَهڙن حادثن جو دستاويزي ثبوت آهي.

لڳي ٿو انگريز ڏاريا هئا پر سنڌ ۾ سڌارا ۽ سڄاڳي اُنهن آندي. ڊاڪٽر مارٽن ۽ ڪلائيو مٽيءَ کي مدد ڪري گهر جي غلاميءَ مان آزاد ٿا ڪرائين. اُهي گهٽنائون هن ناول جي ڪٿاوستوءَ جون چرم سيما واريون گهٽنائون آهن ۽ ناول کي اَنت طرف آڻين ٿيون. شاهوڪاري ٻار تہ اڄ بہ بگڙيل شهزادا آهن جيئن هن ناول جو ڪردار ڪِڪو. ڪِڪو مکيہ نائڪا مٽيءَ جو گهوٽ هئڻ ڪري ناول

سون ورني ڪنوار (ناول)

رتنا گوديا ''رولاڪ''

- ناول نائڪ، نائڪا ۽ ٻين ڪردارن جي جيون ڪهاڻي آهي. مکيه ڪردارن جي هڪ جنم جي نه پر اڳين ۽ پوين پيڙهين جي جيون ڪهاڻي پڻ آهي. ناول ٻئي نموني ۾ سڏريل جاتين جي اَدب جي مکيه ۽ اهم شاخ آهي. ساهتيه ۾ اِنسان جي اُمنگن، جذباتن، سوچن ۽ آزمودن جو صدين کان هلندڙ هڪ لکيل سلسلو آهي. جڏهن ڪا گهٽنا گهٽجندي آهي ته عرصي کان پوءِ به اُن تي ناول جي عمارت کڙي ڪري سگهبي آهي. ناول نويس نائڪ نائڪا جي جيون تان هڪ-ٻئي پٺيان تهن جا تهه ويندو آهي پري ڪندو ۽ راز کلندا ويندا آهن. 'سون ورني ڪنوار' فڪر، سوچ جو اَحساس جاڳائيندڙ سماجڪ ۽ گهرو لاڳاپيداريءَ وارو ناول آهي. اسان جي سنڌي جاتيءَ جي گهرو جيون جي فلسفي ۽ نئين وڪاس شيل ڪلپنا سان پريل آهي. هن ناول ۾ اُهي سڀ تناوَ ۽ سنگهرش مؤجود آهن جيڪي حقيقي عام اِنساني جيون ۾ سامهون تا اَچن. هن ناول ۾ اَصلوڪي طبئزاد ناول جون سڀ ڪلاتمڪ، ڪٿاتمڪ خوبيون آهن. هڪ طرف هيءُ دڪانت ۽ سمويدنا شيل ناول آهي ته ٻئي طرف سڪدائي ۽ ناريءَ جي همٿ حوصلي جو ترقيپسند نظرئي وارو پڻ آهي.

مکيه نائڪا مٽيءَ جي جيون ۾ ڊاڪٽر مارٽن ۽ ڊاڪٽر ڪلائيوَ جي مدد سان انقلابي ڦيرو ٿو اَچي. ڪن جي لاءِ ته هيءُ گهر ۽ سماج سان ناريءَ جي بغاوت آهي پر ذهين طبقي وارن لاءِ هيءُ ڦيرو ناري وڪاس ۽ وانڌاري لاءِ به قدم اڳتي آهي.

ليکڪا ٢٢٠ صفحن ۾ ڦهليل وڏو ناول لکڻ جي جيڪا جُريت ڪئي آهي، اُها به داد جي مستحق آهي. اڄ جو افسانا نويس، ناول جو ته سوچي ئي نٿو سگهي. هو ته ڪا لنبائيءَ ۾ ڦهليل ڪهاڻي لکڻ جي به همٿ ڪونه ٿو ڌاري سگهي. ننڍي ڪهاڻي، اَڪهاڻي، مِني ڪهاڻي ۽ ناول جي بدران ناولِٽ لکڻ ۽ پڙهڻ جو دؤر به گذري چڪو آهي. 'سون ورني ڪنوار' پڙهيم ته گوبند

کاري سونهن (ناول)

رتنا گوديا، پٽي

’کاري سونهن‘ ناول لکڻ کان اڳ ۾ ئي رتنا گوديا ڏهه داستان لکيا آهن. هي سندس يارهون ناول آهي. رتنا ساهتيه جي کيتر ۾ دير سان قدم رکيو آهي، پوءِ به دلڪش داستان لکيا آهن. نه صرف ناول پر ڪهاڻيون به عمديون ٿي لکي. کيس لکڻ جو شؤنق ۽ شعور بئي آهن. ’کاري سونهن‘ آفريڪا کنڊ جي يوگنڊا ملڪ جي هڪ ڳوٺ جي ڪهاڻي آهي. جتي ناول جي نائڪا امينا سيني جون دليون جيتيون آهن. ڪارن حبشين جي ڳوٺ جي امينا شڪل جي ڀاهوڪي ۽ موهيندڙ ته آهي ئي پر سندس آتما به نيڪ ۽ سهڻي آهي. عنوان مان ئي ظاهر آهي ته هن ’کاري سونهن‘ ۾ ضرور ڪجهه خاص آهي ۽ اُهو آهي امينا جو ٻليدان !

ليکڪا پنهنجي ڪم جو وڏو حصو ناڻو ڪمائڻ خاطر وديشن جون ياترائون ڪيون آهن، سفر ڪيا آهن. جن دؤران هن ڌيان سان ابياس ۽ جاچ ڪئي آهي ته اُنهيءَ خاص خطي جي ماڻهن جي رهڻي-ڪهڻي، وهنوار ۽ ويچارن جو ويجهڙائيءَ تان ابياس ڪري سندن چرتر جي لفظي تصوير اهڙي نه پيش ڪئي آهي جو اُهي بيان ۽ جملا پڙهي سيني پڙهندڙن جو هڏ اُنهن ڪردارن لاءِ، ڪُڙڪندو آهي. رتنا گوديا پنهنجي ساديءَ، سِڌيءَ، سرل ۽ سليس سنڌيءَ ۾ ناول جي سيني تتوَن سان نباهي ٿي. گفتگو، مرڪزي گهٽنا، آسپاس جون گهٽنائون، زمان جو ايترو ته اونو رکي لکي ٿي. ”هيءُ ناول آفريڪا ۾ رهندڙ ڀارتي نسل جي ڇوڪريءَ بابت آهي.“ هن جملي ۾ زمان، مڪان ۽ ڪردار سڀئي جڙي ويا آهن. دنيا جو اِتهاس شاهد آهي ته گهڻن ملڪن ۾ آزاديءَ کانپوءِ غريبيءَ ۽ بي روزگاريءَ جو راڄ ظاهر ٿيندو آهي، جنهن کانپوءِ ملڪ جون واڳون اهڙيءَ حڪومت جي هٿ اينديون آهن جيڪا ڌرم، سماج ۽ آرٿڪ ڍانچي ۾ قبضو ڪندي آهي. ’کاري سونهن‘ ۾ ليکڪا پاڻ ڪردار بڻجي يوگنڊا ۾

جو نائڪ هجي ها. پر هو سچي ناول ۾ حاضر ڪونهي ۽ ڪرتوتن ڪري نائڪ
بدران کلنائڪ آهي ۽ سندس نائڪ واري خالي جاءِ اُتم نالي ڪرداريري آهي
هن ناول ۾ گهڻا ڪردار، گهڻيون گهٽنائون ۽ ڪيترا نظارا آهن. ڪردارن
پنهنجي-پنهنجي حيثيت انوسار گفتگو ڪئي آهي. ناول ۾ سک ۽ دک ٻئي
آهن پر دک جون گهٽنائون ڪي قدر وڌيڪ آهن جنهن ڪري من ڏڏڪا ت
کائي. خاص ڪري مٽيءَ جي زندگيءَ جو سفر ڏکيو آهي. جڏهن-جڏهن هوءَ
ظاهرا سکي ٿي لڳي تڏهن بہ سندس انترمن ۾ سنگهرش ۽ دک آهي. اُهو دک گ
هوت جو وڇوڙو، گهوت کان دوکي جو وهنوار ڪيس اڌهيءَ وانگر ڪائي ٿو پورو
ڪري ۽ اڌ عمر ۾ ئي هوءَ ستنام سنگہ هئہ ٿي وڃي ها. زندگيءَ ڪيس اهڙي ٻ
واٽي تي آڻي بهاريو آهي جتان هڪ راهہ تہ صفا بند آهي ۽ ٻيءَ راهہ تي هلڻ
لاءِ قدم اڳتي نٿا وڌنس. ڪيترا ئي دفعا بند ٿيل راهہ کي کولڻ جي ناڪام
ڪوشش ڪري ٿي. گهر جا واڳهو ڳرڪائڻ لاءِ وري-وري اڳيان ٿا اچنس. ڪيس
سس جو سهارو آهي. سندس مري وڃڻ کانپوءِ ٻارسکي آهن. اُتم ۽ سسٽس جي
ڪري ناول دکانت مان سکانت ٿو ٿئي.

ناول ۾ ڪيترا اِستري پاتر آهن جن جا پاڻ ۾ ڏار-ڏار رشتا آهن. سس ۽
نونهن جو رشتو بہ ڪيترن روپن ۾ عيان آهي. ننهي پٽن جو ماءُ سان وهنوار
ٻيو-ٻيو آهي. ڏيراڻيون نورجون ويرياڻيون آهن. هيءُ نج گهرو ناول سمورو ئي
ڪلپنا ڪونهي. پر اِهو ڳولهڻو پوندو تہ ڪهڙي حقيقت ڪي ڪٽي وڌاءُ ڪيل
آهي. نائڪا مٽيءَ جو صبر سهنشيلتا ۽ مريادا اندر رهڻ ليکڪا جي شخصيت
تي روشني ٿو وجهي.

هن ناول جي ڪنوار مٽي سون ورني آهي سو تہ ناول پڙهڻ کان پوءِ پتو
پوندو تہ هن جو قدر گهر ۾ نہ ٿيو. گهرڪان ٻاهر نڪتي، نرس ٿي تہ ماڻهن ڪيس
خوب پيار ڏيئي قدر ڪيو. هيءَ هڪ ٽرئجدي آهي. ليکڪا جي عبارت، ٻوليءَ
جو رس ۽ رواني دلڪش آهن.

لڇو لغڙائي (ناول)

ليکڪ: ڀڳوان ڪلناڻي

هي ڪتاب آڪٽوبر ٢٠٠٨ع ۾ ڇپجي مان شايع ڪيو ويو آهي. ڀڳوان ڪلناڻيءَ ”نيٽ“ ناول کان پوءِ هيءُ ناول ڏنو آهي. هن لکيو آهي ته وڏي عمر ۾ مشغول رهڻ لاءِ لکندو آهيان.

هن ناول ۾ ڪولهاپور پمپريءَ ممبئي ۾ ڏار-ڏار طبقن جي سنڌين جي جيون ريت جو ذڪر آهي. ڪهاڻيءَ جون گهٽنائون به اٽڪل ٣٠-٣٥ سال پراڻيون آهن. جڏهن اڃان ٽي-وي. ڪونه هئي جو هڪ پني ۾ لکيو اٿس ”لڇو ريڊيو تي نيوز ٻڌندو هو.“ ڪردارن جي وهنوارءَ نالن مان زمان ۽ مڪان جي ڄاڻ ٿي پوي.

لڇوءَ کي مائٽن ڪولهاپور مان پڙهڻ لاءِ پمپريءَ موڪليو هو. پر ڪيس لغڙن اڏائڻ، ناهڻ، ڏورکي ونڻ، ڪاٽا ڪرڻ ۽ پڻنچ لڙائڻ جو شونق شِدت تي هو. لڇوءَ پڙهڻ ڇڏي لغڙن جو ڌنڌو ڪيو ۽ تي پيو ”لڇو لغڙائي.“ هڪ دفعي سيٺ ڪرسيجا جي ڇت تي وڃي لغڙ ڪريس ته ڪٽڻ ويو. اُتي ڪرسيجا جي ڌيءُ پوري تلسيءَ کي پاڻي ڏيڻ آئي هئي. لڇو جذباتي، اُتساهي ناهوڪو جوان هو ۽ پوري جريت ۽ فلڪ واري هئي.

ناول نويس ٻنهي جي پيار جو دلڪش نموني ذڪر ڪيو آهي. لڇوءَ سيٺ جي ڌيءُ پوريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ وڏو ۽ شاهوڪار ماڻهو ٿي موٽرونڻ جو اِرادو ڪيو. پر هو اڻ پڙهيل هو، برجستو هو. سو ممبئيءَ اچي چانهه جي دڪان تي نؤڪر ٿيو. چانهه جي دڪان واري سيڪاريس ته ”هيءَ بمبئي آهي. هت وڏو ماڻهو ٿيڻ لاءِ سچائيءَ ۽ سنائيءَ جا ويچار ڪم نه ايندا.“ ائين ليکڪ پنهنجي خيالن جو اِظهار ڪردارن معرفت ڪيو آهي.

لڇو چنچرجي موڪل تي لغڙ اُڏائيندو هو ته هڪ مل مالڪ جي پٽ جي نظر سندس ڏورکي ونڻ جي هنر تي پيئي. ڪيس مِل ۾ ان ڪم لاءِ ئي نؤڪري ڏنائين ۽ لڇو محنت ڪري مِل جو مئنيجر بڻيو.

ڀڳوان ڪلناڻيءَ گهٽنائن جي سلسلي جي سگنڌ کي اهڙيءَ ته ڪاريگريءَ ۽ ڪلا سان جوڙيو آهي جو ڪٿي به ڪا ڪڙي ڪٽل ڪونهي.

سنڌي سنڌي گهر جي ’اَمان‘ سان پائيواريءَ ۾ ڏڪان کوليو آهي، جتي ئي سندس ڏيٺ-ويٺ اَمينا سان ٿي آهي. اِتهاسڪ پس منظر ۾ خاص حقيقتن جي بنياد تي هن ناول جو ڍانچو بيهاري اهڙين گهٽنائن جو ذڪر ڪيو آهي جن مان ظاهر آهي تہ ڪن ملڪن جون ڌارمڪ ۽ سماجڪ فلسفو ڪيترو نرالو آهي. اهڙو ذڪر ڪندي هن ناول ۾ سنڌين جي جهلڪ بہ ڏيکاري آهي جو اَمان هر-هر ڪردار کي پوندو ٿي ڏئي جيڪو ڏسي پوگنڊا جو ڪارو ڏند ڪڍي کلي ٿو ۽ خوش ٿو ٿئي.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

وملاءِ پرت جي شادي ٿي. ٻئي حادثي جو شڪار ٿيا. پوري دليپ سان وفادار رهي ها ته شايد ناول سڪانت هجي ها!

زلزلي ڪري لڇوءَ جي مِل ۾ باهه لڳي، پاري مري ويئي. لڇو ٻچيو، پيو سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو. پوري ۽ لڇو واپس پمپريءَ ۾ اچي رهيا. نندا دڪان کولي آجيوڪا ڪڍيائون ۽ هڪ ڏينهن ٻئي حادثي جو شڪار ٿيا.

ناول جي ڪردار پمي نوڪرياڻي ناول جي وچ کان حاضر آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين جيئري آهي. پميءَ جو چرتر چٽڻ مهل ليکڪ خاص ڌيان ڏنو آهي. هوءَ پانڪ جي همدرديءَ جو پاتر آهي. هن دڪانت ناول جي پڇاڙيءَ ۾ به هوءَ بچي ٿي. هيءُ ناول رومانوي آهي ته رومانچڪاري به. حادثا، زلزلا ۽ باهيون ۽ موت به آهن. مکيه ڪردار مانسڪ تناوَ ۾ آهن. ٿن پيڙهين جي ڪهاڻي آهي.

پيگوان ڪلناڻيءَ جي ٻين ناولن وانگر هي ناول به ڇپائي ۽ گيٽ اپ ۾ عمدو آهي. ليکڪ ڪلاڪارپڻ آهي. سرل سليس ۽ روانيءَ واري عبارت ۾ لکيل هيءُ ناول يڪساهي پڙهڻ لاءِ آهي. هن ناول ۾ سڪه ڏيندڙ هڪ ئي ڳالهه آهي جو انت ۾ پوري ۽ لڇو موٽر سائيڪل جي ڌڪ لڳڻ سان مرن ٿا. هو جيئري گڏجي نه سگهيا. پوريءَ جي موت جي ڳالهه مبهم ٿو چوي. پمي نوڪرياڻيءَ جو ڪردار خلقڻ ۾ نواڻ آهي.

پوري لڇوءَ جي شاهوڪار ٿيڻ جو اِنتظار ڪندي رهي. هينئر لڇوءَ وٽ سڀ ڪجهه هو ليڪن ڊگري ڪونه هئي. بمبئيءَ جي سيٺ جو پٽ دليپ به پمپريءَ جي پوريءَ تي هرڪ هاري ويٺو ۽ مائٽن سال کن ترسي پوريءَ جي شادي دليپ سان ڪرائي! پوري دليپ جي گهر جي راڻي هئي پر سندس دل ۾ لڇو وسندو هو ۽ نه دليپ.

دليپ سماجڪ ٻنڌڻ هو ۽ لڇو دل جو بادشاهه هوس! دليپ، پوري ۽ لڇوءَ جي غمگين پيار جو ٽڪنڊو نهي پيو. جنهن ۾ پوريءَ جو پٽ پرت به شامل ٿيو. دليپ جاسوسي ڪري پوريءَ جي متاڇري وهنوار جو ڪارڻ ''لڇو'' ڳولهي لڌو! پر لڇوءَ نوڪري ۽ ڪوارٽر بدلائي ڇڏيو.

هينئر پوريءَ نئون ڊارو اُڇلي لڇوءَ جي شادي پنهنجي ساهيڙيءَ پاريءَ سان ڪرائي ۽ انهن فون تي بي ڏڙڪ ڳالهائڻ ۽ ملاقاتن جو سلسلو قائم ڪيائين. دليپ سهي نه سگهيو. هو پوريءَ کي ايترو ته پيار ڪندو هو جو ڪجهه به نه سگهيو. پر اندر ۾ ئي گهٽجي چتو ٿي پيو. ڊپريشن ٿي پيس. ڊرگس وٺڻ لڳو ۽ ڌنڌو به برباد ٿي ويس. هيترن سالن ۾ پوريءَ ڪڏهن به دليپ سان مشڪي ڪونه ڳالهايو. جيئن لڇوءَ سان. دليپ جي موت سان ناول ۾ ٽرجڊي ظاهر ٿي. اڳ ۾ لڪل هئي. ڪٿا وستو موڙ ڪائي ٻين پيڙهيءَ يعني لڇو ۽ پاريءَ جي ڌيءُ وِملا ۽ دليپ ۽ پوريءَ جي پٽ پرت طرف مُڙي آهي.

نائڪا پوري اوچ اخلاق واري گهرو ناري آهي. لڇوءَ سان شادي نه ڪري هن مائٽن جي مرضيءَ سان دليپ سان شادي ڪئي. هن دليپ کي ڪڏهن به پيار نه ڏنو. لڇوءَ سان وفادار رهي. سهي سهي نيٺ دليپ چتو ٿي پيو ۽ پاڳل ٿي مري ويو. ڌنڌو به بند ٿي ويس. پوريءَ جي پيار ۾ دليپ کي جان ڏيڻي پيئي. پوريءَ ڪا به قرباني ڪونه ڪئي. دليپ جي موت ڪانپوءِ لڇوءَ جو پيسو ۽ ساٿ وڌيڪ مليس. پوريءَ جي وهنوار دليپ کي موت طرف ڌڪليو. جيڪو دليپ جي موت بعد پوريءَ قبول ڪيو آهي ته ''دليپ! مون اِنسانيت جي لحاظ کان به توسان پيار پريو ورتاءُ نه ڪيو.''

ڳالهائيندو هوس تہ متان پاڻ ڪيول يا ٻين کي اسان ۾ شڪ پوي. تنهنجي نزاڪت پري، خوبصورتيءَ تي مان موهت ٿيو هوس. تنهنجو پيار ڀريو وهنوار ڏسي مون توکي صرف ڏيڻ پئي چاهيو ۽ مون توکي هر اِشاري ۾ پيار ڏنو.

هيءُ ناول ڏيريا چائيءَ جي شخصي اندروني بنا ليبل، بنا رشتي ناتي، جي پيار بابت بہ آهي. هيءُ انوکو اندر ۾ اُتپن ٿيل پيار آهي، پهرينءَ نهار سان ا ناول ۾ پيار جا ناتا ٻيا بہ آهن. ماءُ پيءُ ڏانهن پيار، ڪيول ۽ جوتيءَ ۾ پتي پتنيءَ جو رومانوي پيار، ڪيول، ڪندن ۽ چيتن ٽن دوستن جهڙن ڀائرن جو پيار، مائٽن جو ٻارن لاءِ پيار. ناول ۾ پيار ئي پيار آهي. نائڪا جوتي، خوبچند ارواڻيءَ جي ڌيءُ آهي. سندس پڙهائي پوني ۾ ختم ٿي آهي ۽ ملاڻي ڪٽنب ۾ شادي ڪري بمبئي ٿي اچي گهر وسائي. جوتيءَ کي سنڌي ڪونہ ايندي آهي. ڪندن جي موت ڪانپوءِ پنهنجي آتم ڪٿا انگريزيءَ ۾ لکي ڪنهن ڄاڻو سنڌيءَ کان ترجمو ڪرائي نيو انڊيا پريس جي مالڪ کي ڇپڻ لاءِ ڏنائين.

جوتي خوبصورت ۽ موهيندڙ هئي. ملاڻي پريوار ۾ پرڻجي آيل سڀ وهرون، ممي، جوتي ۽ سرلا سونهن ۾ سرس آهن. ڪيول جوتيءَ جو گهوٽ ڊاڪٽر آهي. هو رومانٽڪ سڀاءُ جو آهي. ڪندن بلڊر آهي. ڪافي پئسو ڪمايائين پر شادي نہ ڪيائين. سٺي سڀاءُ جي ڪري ڪندن سڀني جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ينو آهي. هو سگريٽ گهڻا پيئندو آهي. جوتيءَ کي ڏير ڪندن جي سگريٽ يئڻ مان خوشبوءِ ايندي هئي. جوتيءَ ڪندن جي نہ ڳالهائڻ جي شڪايت ڪيول سان ڪئي تہ ڪيول ناراض ٿي چيس، ”ڀلي نہ ڳالهائي نہ، تو سان رويرو ڇو ڳالهائي؟“ جوتي پنهنجي مسئلي جو حل ڳولهيندي ٿي رهي پر يئڻ ڪيول کي خبر نہ پوي. جوتيءَ جو ٻيو ڏير هڪ واپاري آهي. جوتي نهنجي ماسات سرلا سان هنجي شادي ٿي ڪرائي. ٻيئي ڀائر پراون پنهنجا هن. ماءُ پيءُ ڏانهن جوابدار آهن.

ننڍڙو ناول ''نيٺ''

پڳوان ڪلناڻي، ڊسمبر ۲۰۰۷، پٽي

عمدي وڏي ٽائيپ سيٽنگ ۾، پڪي پختي شاندار ڪَوَرَ ۾ سميٽيل، جڻ تہ هڪ سهڻي رومال ۾ ويڙهيل، هي ناول ''نيٺ'' پڳوان ڪلناڻيءَ جي شاعراڻيءَ ڪلپنا جو نثر جي فارم ۾ سڪميہ داستان، افسانو يا فڪشن آهي. نائڪا جوتيءَ جي قلم مان نڪتل آتم ڪٿا فارم ۾ آهي. ۱۸۶ صفحن ۾ سهڻو ۽ دلڪش ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيم تہ پوري ڪئي بنا رهي نہ سگهيس. جو عمدي رومال ۾ اوچي ڪوالٽيءَ جو مال ميسر آهي. ليکڪ ۱۹۵۰ ۾ ''ماستر'' ۽ ۱۹۵۱ع ۾ ''راجو'' ناول لکيا آهن، ۽ ڇهہ مجموعا شاعريءَ جا ڇپايا آهن. چترڪاريءَ ۽ ڪارٽون ڪڍڻ جو شغل ايترو تہ اٿس جو انعام حاصل ڪيا اٿائين. اُردو ٻوليءَ جو اپياس ڪري غزلن جو مجموعو 'دکي چنگاريان'' شايع ڪري دليپ ڪمارڪان مهورت ڪرايائين. سنگيت جو شونق بہ اهڙو اٿس جو پنهنجا غزل پاڻ ڳائيندو آهي. ۸۵ سالن جي عمر ۾ هي ناول لکڻ شروع ڪيائين ۽ پورو بہ ڪيائين.

''نيٺ'' ناول ۾ ڪهاڻي ڪٽنب جي ننڍين وڏين گهٽنائن جي آهي. ٻيا سڀ ڪردار پنهنجي-پنهنجي شخصيت سان جوتيءَ جي ارد گرد آهن. جوتيءَ لاءِ هڪ سوال، هڪ مسئلو، سندس نجي زندگيءَ ۾ آهي. ''ڪندن ڏير شاديءَ ۾ مونکي هڪ ئي گلاب جو گل ڏنو جنهن تي 'With all my Love' ليبل لڳل هو. پر اُنهيءَ ڏير ڪندن سڄي عمر مون سان ڳالهائڻ جي پرهيز ڪئي. جيتوڻيڪ ڪندن منهنجي هر ڳالهہ، هر مرضي رکندو هو، خيال رکندو هو ۽ سڀ ڪم ڪندو هو پر چپ- چاپ ڇو؟'' سڄي ناول مٿان هي مسئلو، سوال، جنهن ۾ ڪو دکہ درد ڪونهي پر ميناج سمايل آهي، ڇانيل آهي ۽ جوتيءَ آتم ڪٿا ۾ وقت بہ وقت اهڙو اِظهار بہ ڪيو آهي. نيٺ جوتيءَ ڪي پنهنجي دل جي ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ جو حل، ڪندن مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ٻڌايو ۽ پنهنجي نہ ڳالهائڻ جو راز سليو تہ نيٺ... نيٺ مان توسان ڳالهايان ٿو. مان توسان نہ

دوستي (ٻال ناول)

برهم ڪتري منگهارام چيتنديو ”ديوانو.“ سال: ۱۹۹۸ - جيتپور

ٻال ساهتيه ۾ گهڻو ڪري بيت، ناول ۽ آکاڻيون لکيا ويا آهن. منهنجي نظر ۾ هيءُ ناول پهريون خود ساختو ٻارن ۽ صرف ٻارن لاءِ آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جا پيش لفظ لکيل آهن. ائڊريس مان ئي پڌرو آهي ته ليکڪ منگهارام واڌاري هوندي به ساهتيه سان پيار رکي ٿو ۽ آزمودي سيڪاريو اُتس ته ٻال ساهتيه جي گهرج وڌيڪ آهي. هن ويهارو ڪن ڪتاب جن ۾ ٻال ڪوتائون ۽ ڪجهه جاسوسي ڪتاب به لکيا آهن ۽ ڪجهه سنڌيءَ ۾ هندي ۽ گجراتيءَ تان انواد به ڪيا آهن. پنهنجي جيون جي تمنا ته ڪو سچو دوست ملي، اِجهو هينئن هيءُ ناول ’دوستي‘ لکي پيش ڪيو اٿائين. خاص ڪري ٻارن کي سچي دوستيءَ جو سنديش ڏنو اٿائين. دوستي معنيٰ قرباني ۽ مدد لاءِ هر وقت تيار رهڻ. هيءُ ناول ٻارن لاءِ نه صرف سکياڏائڪ آهي پر ناول ۾ اهڙي رواني، رس ۽ سلست آهي جو ڪير به هڪ دفعو هٿ ۾ کڻندو ته پڙهي پورو ڪرڻ کانسواءِ نه رکندو. ننڍڙن ٻارن ۾ ته اُٿل-ٿڦل وڌيڪ ٿيندي آهي ته پوءِ ڇا ٿيو! ناول ۾ ٻه ڪردار آهن - ڪرشن ۽ سُڏامو؛ تن جي دوستيءَ جو داستان آهي. نه صرف گڏ پڙهيا ۽ رانديون ڪيائون پر مصيبت وقت به هڪ-ٻئي کي اهڙي مدد ڪيائون جو لڳي ٿو سچا ڪرشن ۽ سُڏامو آهن. هڪ-ٻئي کي مصيبت ۾ مدد ڪري ٿوڙ ٿا نباهين. ڪرشن شاهوڪار جو پٽ آهي ته سُڏامو غريب جو ٻار آهي. ناول ٻارن لاءِ پريرڻا آهي.

دنيا ۾ اسانجي ڌرم گرنٿن ۾ به اهڙن دوستن جون ڪٿائون آهن. ٻارن لاءِ هن ناول ۾ سکيا آهي ته دوست اهو جو ڏکئي وقت ۾ ڪم اچي.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

جوتي نائڪا آهي تہ نائڪ ڪيول ڊاڪٽر آهي پر جوتيءَ جي خيالن تہ
ڪندن بہ ڇانيل آهي! لڳي ٿو نائڪ ڪندن بہ آهي. ”نيت“ ڪندن دل جو
جوتيءَ ڪي ٻڌايو ۽ غلطفهمي دور ڪئي. هن جوتيءَ جي عزت بچائڻ ۽ عز
وڌائڻ لاءِ قرباني ڪئي هئي. ڪيول جو پيءُ پرارٿنا ڪندو هو ”جيڏو تنهنجو نان
ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان.“ هن جا ٻار سنڌي نہ ڄاڻندا هئا تہ مطلب بہ نہ سمجهن
هئا پر ٽُڪ ياد ڪئي هئائون.

سڄي ناول تي پيار ۽ سٺي گهرو وهنوار جي فلسافي ڇانيل آهي ۽ ڪ
فيلسوفاڻا نقطا ٻوليءَ جو سينگار آهن. جيئن تہ "Time is a great Leader
ڪنهن وقت گهر ۾ نہ شهزادا هئا. هڪ پري هئي. اڄ اُن ملائي پريوار ۾ نہ ٿي
شهزادا هئا ۽ نہ پري هئي جو سڀ ٻڌا تي ويا هئا. ناول جي ڪٿا وستوءَ ۾ ڪو
ٻيو خاص سنگهرش، ڇڪتاڻ، ڪشمڪش يا تناءُ ڪونهي جو ڪو بہ ڪل نائڪ
آهي ئي ڪونہ. سڌي سنواٽي سڪدائي ڪٿا آهي. جوانيءَ ۾ جوتيءَ جي ما
پتا جو ديهانت بہ وهنواري آهي ۽ عمر سارو آهي. هيءُ سنڌي گهر پريوار ج
ناول آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ سماجڪ برائي جهڙوڪ ڏيتي ليتي، سس نونه
جي اڻبڻت، دڪہ درد جا داستان ڪونهن. ناول سرل سپڪ ۽ روانيءَ واري سنڌي
۾ لکيل آهي. ڪيول ۽ ڪندن جو وڏيءَ عمر ۾ موت بہ عام رواجي گهٽنائو
آهن.

اُها گفتگو جيڪا جوتي ۽ ڪندن جي وچ ۾ اسپتال ۾ ٿي آهي، تنه
ڪانپوءِ هيءُ ناول تڪڙو انت ڏانهن ٿو وڌي. هيءَ گهٽنا ناول جو Climex چر
سيما آهي. ناول ۾ منتظريءَ جو عناصر وجود ۾ آهي. سکانت ناول آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

پائي ٿا ڪڍن. سچ-پچ تہ مذاق اُھو بادبان آھي، Ventilation آھي، جنھن مان اندر جو ٻخار ٻاھر ٿو نڪري.

ڊاڪٽر ايسر پاروائي ھڪ سٺو اَخبار نويس ۽ ليکڪ آھي. تازو ئي ھن جيڪي سامي صاحب جي سِلوڪن مان نوان ويچار ڳولھي مقالو لکيو ۽ پڙھيو تنھن مان ثابت آھي تہ ھيءُ جيڪو سٺو ليکڪ آھي سو ڪوجنيڪ بہ آھي. ھن کي ڀاشا تي ظابطو آھي. جيڪو لکي ٿو سو سرل، سليس ۽ سوادي سنڌيءَ ۾ رواني ۽ وھڪري واريءَ عبارت ۾ لکي ٿو. 'مفت اگني سنسڪار' ناوليٽ ۾ موجود مواد ڄاڻ وڌائيندڙ آھي تہ پرشناچارجي خالي چڪرويوھ ۽ رئڪيٽ جو خاڪو اَچي ٿو اکين اڳيان ٻھي. پر سنڌي ساھتيہ ۾ مذاق گھٽ لکيو ويو آھي. ڇاڪاڻ جو ھن جاتيءَ جي حصي ۾ قدرت سنگھرش ۽ ڪشٽ ڪشالا وڌيڪ لکيا آھن. سو مذاقي ليکڪ گھٽ آھن. سنڌي ساھت ۾ ٧٠ سالن جو ھيءُ جوان ٻي ڊپو ۽ ڪلمڪہ ليکڪ اُنھن ٿورن مذاقين مان ھڪ آھي.

اَڄ ڪالھہ بجليءَ تي انتم سنسڪار ڪريا ڪرڻ جو زمانو آھي جو ڪاٺين جي ٻرڻ سان پردوشڻ ۽ پوليوشن تہ ڦھلجي ٿو پر ڪاٺين ڪپڻ لاءِ جھنگل ۽ ٻيلا صاف ڪرڻ ڪري ايڪوللجيڪل نقصان بہ ٿو ٿئي.

مفت اگني سنسڪار سان گڏ ھن شمشان ڀوميءَ پرسان ويٽم گھر کولڻ جي فئنٽسي بہ لکي آھي. شايد اُتي مُردن کي ڪٽي آيل مَردن ۽ خود مُردن کي ...ہ جِن ڀوُت جمن ! ماڻھو جمن ۽ مرن بہ اُتي ئي، اھڙو بندوبست ڪرڻ ٿو چاھي. اھو فئنٽسي ناول جي پلاٽ ۽ ڪنسيپٽ آھي. پر ويچارا ماڻھو جم ۽ موٽ جي وچ وارو عرصو ڪيڏانھن ويندا... اِن سان ڪوبہ واسطو ڪونہ ٿو سمجھہ اَچي جنھن ڪري ضرور ھن ئي شھر ۾ رھندا نہ !

ڪتاب ۾ ڪل ٦٤ صفحہ آھن، جنھن ۾ ١٥ باب 'مفت اگني سنسڪار' بابت ۽ اوترا ئي باب رنگہ بہ رنگي ليڊرن بابت آھن جن ۾ اِتھاسڪ ھستين جي عيش عشرت، جا چٽا چوکا انگہ اکر گڏ ڪيل آھن. مرھٽا پيشوائن، مغل بادشاھن، باجيراءُ مستاني ۽ نانا فرنويس جي نجي جيون ۽ سندس حرم بابت

مفت اَگني سنسڪار (ناوليٽ ۽ ليڊر)

ليکڪ : ڊاڪٽر ايسر پارواڻي   سمپادڪ : وڪيل اندر لعل سوماڻي   سال : ٢٠٠٦

ڊاڪٽر ايسر پارواڻي هوميوپيٿي ڊاڪٽر آهي. ’ٻارهان ڊوائون هزار بيماريون‘ هنجو هوميوپيٿي علاج بابت لکيل ڪتاب ڪافي لوڪپريه آهي. ڊاڪٽر هجڻ سان گڏ ميونسپل ڪائونسلر، نؤجيون بئنڪ جو پروموٽر ۽ ماستر صاحب رهي چڪو آهي. ’ديش ڀڳت‘ روزاني اخبار ۾ ’سچ ٿا مرد چون‘ ڪالم لکي شهر جي ماحول ۽ ماڻهن تي مذاق ۽ طنز لکندو آهي. ڊا. ايسر پارواڻي جهڙو ئي ڳالهائڻ ۾ بي باڪ آهي اَهڙو ئي طنز ڪرڻ ۽ لکڻ ۾ بہ بي ڊپو آهي. هن جي طنز چڀيندڙ آهي. هنجو مذاقي ليکہ ’پئنچو منهنجي ڀڳڙين تي اَڇجو‘ لوڪپريہ ٿيو هو. ’وڪيلن جو پاڙو‘، ’هن پاريا هن پار‘ بہ سندس لکيل ڪتاب آهن.

طنز سان مذاق جو عنصر هجي تہ اُها چڀيندي گهٽ ۽ تکي ڪؤڙي گهٽ لڳندي آهي. جي ڪڏهن طنز ڪنهن کي ننولي لڳي ۽ ڪاوڙايو بہ ڪٿي تہ چئبو ’’مون تہ چرچو پئي ڪيو، تو سچ سمجهو ڇا!‘‘ ڊاڪٽر ايسر پارواڻي ۽ جو مقصد آهي طنز، مذاق ۾ لکي ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ! جڏهن عام ناگرڪ سوچيندا آهن ’مُردو نرڳہ وڃي يا سُرڳہ منهنجو ڇا؟ مان تہ مِيان مري تہ بہ حلووکان ۽ جي بيبي مري تہ بہ حلووکان.‘‘ تڏهن هي ۽ ليکڪ مهاشيہ خاص ناگرڪ جو فرض نڀائي کي ثبوت ۽ سڳہ هٿ ڪري پاڻ تہ مزو ٿو وٺي پر ٻين کي بہ مزو وٺائيندو آهي. طنزي مذاق لکڻ اڄ سيني ٻولين جي ساهتڪ رچنائن جي خاص خوبي ۽ الڳ ساهت ٿي اُسري رهي آهي.

راڄنيتي ۽ سان واسطيدار گهڻنائن ۽ ماڻهن جي مٿان ڀرشٽاچار ۽ رشوت جو پوش چڙهيل آهي. لوڪشاهي معنيٰ ڀوڪشاهي آهي. سو لوڪ پنهنجي ملڪ جي مدبرن کي بہ بخشين ڪونہ ٿا. ڪين ڇاڇي ڇاڇي ڇئي ڇهنڊڙي

احساس (ديوناگري ناول)

ليکڪا-سمپادڪا : شريمتي اُشا سارسوَت، دهلي　　آگسٽ ٢٠٠٧

هيءُ هڪ پاريوارڪ ناول آهي. ناول نويس اهڙو احساسي ٽيندو آهي جو دورڪاهه ئي ڏئل يا ٻڌل گهٽنائن ۽ درگهٽنائن جا زخم دل ۽ ذهن تي محسوس ڪري اُنهن کي ڪلپنا سان لکندو آهي. درد نه صرف من جي ذهن تي پر آتما تي به محسوس ڪندو آهي.

The term novel means face of a new order. Novel is not an individual story but a collective force of stories, written under the influence of a different way of looking at the world.

هن ناول ۾ گهٽن ئي ڪردارن جي سماجڪ، مالي ۽ گهرو حالتن جو عڪس آهي. ناوَل جي گهٽنائن مان سماجڪ تبديلين جي ڄاڻ به پاڻکي پوي ٿي. چوندا آهن ته ناوَل هڪ وڏي ڪهاڻي آهي. اِظهار جو وڏو ۽ سؤلو طريقو آهي. صرف لکڻ لاءِ صبر ۽ وقت جي درڪار آهي. هن ناول ۾ مکيه اهڙي سنڌي پريوار جو داستان آهي جيڪو ورهاڱي کانپوءِ سنڌيت جي سڃاڻپ ساڻ ڪٽي آيو آهي ۽ هِت بلسپور ۾ رهي اُنجيٰ مهڪ ڦهلائي رهيو آهي. هِت کين زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ سهوليتون مليون. هوُ مڪاني ماڻهن سان رِلي مِلي ويا آهن ۽ پنهنجي سنسڪرتي ڦهلائي اَٿائون. ٻين ذاتين ۾ شاديون ڪري ڪشادگيءَ جو ثبوت ڏنو اَٿائون.

پاروَتي ۽ پرشوتم چترڪار جي پريوار سان ڀيانڪ حادثو ٿيو. خود هنن ٻنهي جي شادي به هڪ حادثي جو رد عمل آهي. وري سولنگه ۾ رهندي پرشوتم سان درگهٽنا ٿي ۽ هوُ مري ويو. ننيان نندڙو روپ ڪمل ۽ پاروَتي بچيا. پاربواڙا ديانند ۽ جهرڻا سندن ٻارهيتي ۽ بسنت پاروَتي ۽ روپ ڪمل جو خاص ڌيان رکندا هئا. پاروَتي پڙهيل هئي. ٻال مندر هلائي، پرت ۽ سُبڻ جي مشين هلائي ڪمائيندي هئي.

روپ بسنت وڏا ٿيا ته سولنگه جي پهاڙي علائقي ۾ سيلانين جا گائيڊ بڻجي، سندن سيوا ڪري کين ڪاريا بس ۾ گهمائي ڪمائيندا هئا ۽ پڙهندا به هئا. ديانند جو ڪٽنب پهاڙي آهي.

حقيقتون آهن ۽ ڪابہ طنز يا مذاق ڪونهي. صفحہ ۴۵ تي لکيو ويو آهي تہ ”مهاراشٽرا ۾ مسلم راڄ ٿورو وقت هليو تہ اُتي پردي جو رواج ڪونهي. اِستريون مردن سان هر ڪيتر ۾ کُلهو کلهي سان ملائي هليون آهن ۽ آزاد رهيون آهن. ڇو ته بہ ٿي ويون آهن.“

ليڪڪ پنهنجي هن راءِ جي پٺڀرائيءَ ۾ هڪ اِستري وزير جي شخصيت ۽ چريتر بابت بيان لکيو آهي، جنهن جو شايد هن وٽ ثبوت آهي ۽ منهنجي ويچار ۾ تہ هيءَ ناري نندا آهي. صفحہ ۴۷ تي وري بيان ڏنو اٿس تہ ”مهاراشٽر ۾ ڪيترن پيشوائن کي زهر ڏيئي ماريو ويو.“ جيڪو اِتهاسڪ ڪوجنا جو وشيہ آهي ۽ نہ مذاق جي. صفحہ ۴۸ تي نائون نمبر ست ۾ اوچ مقصد واري مهلا ۽ نرسمهاراءُ جي بابت جهلڪ آهي. ساڳئي نموني جو بيان راڻي ڪئڪيئي بابت پڻ آهي ۽ اڳيئي لکي ٿو تہ ”ڪيتريون اِستريون منتري يا مکيہ منتري ٿي ويون آهن، اُنهن کي مٿي اچڻ لاءِ ڪيترا پاپڙ ويلڻا پيا هوندا اُهو هرهڪ اٽي پاءُ کائيندڙ سمجهي سگهي ٿو.“ مونکي لڳي ٿو ليڪڪ مهاشيہ وڏن عهدن ۽ پدن وارين مهلائن جو ڏنگيل تہ آهي پر مهلائن لاءِ دل ۾ ڪجهہ اَٿس. جي مهلائون پاپڙ ٿيو ويلين تہ مرد ڇا ڪير ۾ ڏوتل آهن؟ جڏهن ليڊرن جي پارٽي بدلائڻ ۽ دَل بدلائڻ لاءِ لکيو اٿائين، گنڀير ٿيڻ لاءِ آگاهہ ڪيو اٿائين. ڪي سماج شيوڪ شيوا لاءِ خرچ پکي جي روپ ۾ ميوا گهرندا آهن. نہ تہ پلجندا ڪيئن؟ هيءُ حقيقتن لکڻ جو نمونو ۽ ڍنگہ مذاقي آهي. ليڊر رنگہ بہ رنگي نمبر ۱۰. سنڌي محاورن جو سهڻو مثال آهي تہ لوڻو ۽ لنگوٽي گڏ ڪڻڻ، ربڙ جو ڪڙ نہ گهر هجڻ، زبان درازي ڪرڻ، پئسا ڇڏائڻ جي ڪلا ۾ ماهر ٿيڻ، سچا ماڻهو سائيڪلن تي ۽ ڪوڙا ماڻهو ڪارين ۾. اندر ڪمار گجرال، ڪرشنا مينن ۽ سري جئہ پرڪاش نارايڻ جا پول پڌرا ڪيا اٿائين. آزادي هلچل جي نوُر جا ديش ڀڳت ۽ اهي حقيقتون بہ مذاقي عبارت ۾ لکي هيءُ باب لکيو ويو. جن ۾ ڪابہ طنز ڪونهي، پر ليڪڪ جو نجي اِظهار آهي. مذاق خوشي ۽ مانسڪ تندرستيءَ جو مفيد علاج آهي ۽ نہ ڪنهن زال ذات يا ٻئي ڪي اِکنو ڪرڻ جو ڪهاڙو. هنن مذاقن ۾ ڪوبہ سنديش ڪونهي! پهرئين ڀاڱي جي مذاق جو مزو بہ ماتِ ڪائي ويو آهي.

ي ڪلميہ ڍنگہ سان ناول جي گهٽنائن ۾ نائڪا جي زبان سان سرل سپڪ سوادي
سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي ٿي.

نائڪ روپ ڪمل جو بہ ڪاردرگهٽنا ۾ موت ٿيو. نائڪ ۽ نائڪا هڪ ٻئي
ان الڳہ هئا پوءِ بہ ٻنهي سنسار مان گڏ مڪتي پاتي. هيتيءَ جو ساهڙو نالو آهي
پشما. سنڌس پيرن ۾ ڌيرج ۽ مريادا جا، پرمپرائن جا ٻنڌڻ آهن. پرالبڌ جن پيار
ڪندڙ آتمائن کي الڳہ ڪيو پر موت ٻنهي جو ساٿ ئي وقت گڏ ٿيو.

اَمباشنکر پنهنجي ڪيل ڪرتوتن تي پڇتايو ۽ چيو، ”مان معافيءَ
جو حقدار بہ نہ آهيان. مونکي سخت ۾ سخت سزا ملڻ گهرجي.“

ڪٿاوستوءَ جي شروعات ۾ ئي انساني ملهن ۽ چرتر جي واکاڻ آهي.
سچو ناول سولنگہ جهڙي پهاڙي ڳوٺ بابت آهي ۽ قدرتي نظارن جو سهڻو
يان آهي. زمان ۽ مڪان جو خاص ڌيان رکيو ويو آهي. ”چا تہ دل فريب نظارو
اهي. نارنگي رنگہ جو آسمان، پهاڙن پٺيان لڪڻ لاءِ بيتاب سج، ڪارا ڪارا
ڪڙ، هيٺ وهندڙ بياس نديءَ جو ڪَل ڪَل ڪندڙ آلاپ. پرهہ ڀاڪون ڪيون،
هاڙن جون چوٽيون برف سان ڇانيل هيون. ڊگها-ڊگها چير، ديودارءَ اکروٽن جا
ڻ مستيءَ ۾ جهومي رهيا هئا. برفيلن پهاڙن جي پٺيان اُيرندڙ سج ۽ برف تي
وندڙ سونهري، ڪرڻا، ساون وڻن جي وچ ۾ لياڪا پائيندڙ سنڌوڙي رنگہ جا
ادل، اِئين پئي لڳو ڄڻ سج جي ڪرڻن بادلن جي ڪارڻ کي گلابي اڇي ۽
سنگتري رنگہ جي مليل جهليل پوتي پهرائي ڇڏي هجي!“

”پهاڙي پيچڙن تي هڪ-هڪ ٿي گهر مان نڪري ماڻهو پنهنجي
ڪرت کي لڳي رهيا هئا. چوطرف انوکو سنگيتميہ ماحول هو. زمان ۽ مڪان
جي حسين اِظهار کان وڌيڪ ڪردار جي گفتگو ڏانهن ليکڪا ڌيان ڏنو آهي.
اراٽي گفتگو، جوانن جي رومانوي پيار جي اِظهار لاءِ گفتگو، بزرگن جي گفتگو،
وٽل مالڪ ۽ ڊاڪٽر سڀ پنهنجي-پنهنجي جاءِ تي نهڪندڙ اَلفاظن ۽ جملن
و اِستعمال ٿا ڪن. جنهن جي ڪري نہ صرف ناوَل جي ڪهاڻي وڪاس ڪري
رم سيما تي ٿي پهچي پر سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ رواني ٿي اچي وڃي. ناول دکانت
هي پر نصيحت آهي نائڪ ۽ نائڪا کي گڏ مڪتي ملي.

▪▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪▪

هيتل ۽ روپ جوان ٿيا ته پريم جي ڏور ۾ ٻڌجي ويا. مائٽن به پاڻ ۾ پڪ ڪري ڇڏي. هيتل (هيتي) سنڌي ٻولي ۽ سنڌي طور طريقا سکڻ لڳي. هوءَ ٻڪ ٻڪي چنچل ۽ ڏاڍي معصوم پياري هئي.

هيءُ احساس ناول جي ڪٿا جي شروعاتي گهٽنا آهي. نائڪ روپ جيران ٿي رهيو آهي. ناول ۾ ٻين پيڙهي آهي. ناول ۾ نائڪ ۽ نائڪا جي ٻن پيڙهين جو ذڪر آهي. سکر سنگهه نشئيءَ جو جوان پاروتيءَ تي حملو، سندس موت ۽ پرشوتم چترڪار جو موت، سنسنيخيز وارتائون ۽ گهٽنائون آهن. روپ ڪمل ۽ هيتيءَ جو پاڻ ۾ رومانس پيار شاديءَ جو اِقرار مکيه گهٽنا بڻجي ٿي ته سندس آس پاس ٻيون ڪيتريون ئي گهٽنائون پيدا ٿين ٿيون جن ۾ مکيه آهن اَمباشنڪر جو هن ڳوٺ ۾ اچي وڏي هوٽل کولڻ جو اِرادو. ديانند بسنت، روپ ۽ هيتيءَ جهڙا پڙهيل ۽ پهاڙي گائيڊ ڪيس مدد ٿا ڪن پر اَمبا شنڪر جي من ۾ آهي هيتيءَ جهڙي هوشيار ڇوڪريءَ کي پنهنجي پٽ نرنجن سان پرڻايا. تنهن لاءِ هوُ ديانند کي لالچ ڏيئي ڇل ڪپٽ سان اِهو ڪم ڪري ٿو.

ناول ۾ اَمباشنڪر جي دکمَيه نِجي جيون جون گهٽنائون به آهن جي به دکه ڀريون سوزناڪ آهن.

روپ ڪمل جي پتا پرشوتم چترڪار جي ڪٽنب جي هڪ نرالي ڪهاڻي آهي داستان آهي. ڊاڪٽر جيوترام پرشوتم چترڪار جو گهرو دوست نڪتو. روپ جي شڪل به پيءُ جهڙي هئي. هن دوستيءَ جا داستان پاروتيءَ کي ٻڌايا. هيتيءَ جي شادي نڳيءَ سان روپ ڪمل بدران نرنجن سان ٿي. نرنجن جي ماءُ هيتيءَ کي پيار ۽ همدردي ڏني. هيتيءَ به نرنجن سان نباهيو ۽ چيو، ''مون مريادائن موجب سنسارڪ نيمن ۾ رهندي نرنجن ڏانهن فرض نباهيو آهي. ڪجهه به هن کان لڪايو ناهي ۽ نه ناراض ڪيو آهي پر منهنجي روح تي اڄ به روپ ڇانيل آهي. هينئر مان مران ٿي شل ايندڙ جنمن ۾ منهنجي روپ سان ملاقات ٿئي.''

ليکڪا اِستريءَ جي قربانيءَ جي ۽ فرض اَدائيءَ جي جيڪا لفظي تصوير پيش ڪئي آهي تنهن مان ظاهر آهي ته هوءَ ناري هردي جي فلاسافيءَ

۾ انگريزن جي نؤر ڪان ڪي ڪانڊيرا وڻ پوکيا ويا هئا. ناول نگار هن گهٽنا جو ورنن ڪندي لکيو آهي تہ هيءُ پرڏيهي ٻير ٻنيءَ لاءِ راڪشس آهن. لڳي ٿو هڪ ڏينهن هيءُ راڪشس پاڻ کي بہ کائي ويندا. هن ليکڪ ٻنيءَ جو سماجي، سيٽڪ، سانسڪرتڪ ۽ آنچلڪ چِتر چٽيو آهي. سنڌي ناولن ۾ سنڌي ڪردار سنڌي ماحول، سنڌي فضا ۽ مٽيءَ جي مهڪ آهي.

هتان جو ٻير هڪ هاءِبريڊ پرڏيهي وڻ آهي جيڪو رڻ جي زمين جو پاڻي ٿو چوسي وٺي. ڪلاڌر مِتوا هن وڻ پاران ٻنيءَ ۾ ٿيل روڳ ڏسي ڪيس ”شيطاني چنبي وارو پاڳل وڻ“ ڪوٺيو آهي. انگريز سرڪار ۽ واپارين کي هن وڻ مان ڪوئلو ۽ ڪوئلي مان ڪارو ناڻو ٿو ملي. انگريزن هيءَ هڪ راڄنيتي حرڪت ڪئي ۽ نون سياستدانن بہ هيءَ حرڪت دهرائي آهي. ليکڪ من جي پيڙا جو آواز اُٿاريو آهي ولايتي ٻبرن خلاف.

هيءُ ناول سليس ۽ چيديءَ ٻوليءَ ۾ آهي. ٻوليءَ جو لهجو ڪڇي آهي. وشيہ ۾ پڻ نواڻ آهي. مکيہ ڪردارن جي اوسر ۽ جاگرافيائي ۽ آنچلڪ اُکت ۾ مڪاني يونءَ جي سرهاڻ آهي. گلڻ ۽ سوهڻيءَ جي سچي پيار سماج خلاف بغاوت ڪري ۽ پيار جي سچائيءَ سان، رڪاوٽن تي جيت پاتي آهي ۽ انت تائين سسپينس آهي.

گلڻ ۽ سوهڻيءَ ڪانسواءِ زمين، ڳوٺ جي ٻني ۽ چؤپايو مال، چؤطرف رڻ-پٽ. اُن جي وچ وارو زمين جو پٽو، گانيون، کوهہ، پنيون ناول جا ڪردار ۽ ڪٿا وستوءَ جا مرڪز آهن. مٽي محبت پري آهي تہ مينهن بہ مرڪز آهي.

ناول نويس پنهنجي جنم ڀوميءَ جي ذري پرذي اوکہ-ڏوکہ ڪري کهاڻي يا ڪٿا اُکي آهي. گلڻ ۽ سوهڻي بہ تمثيلي ڪردار آهن. ليکڪ رڻ پٽ جي خوبين ۽ اُتان جي رهواسين جي سوچ، فلسوفي، رهڻي ڪهڻي ۽ رواجن کي اُپاريو آهي. ٻنيءَ جي زالن جي مست ڪلا جي ڪاريگريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. تنهن ڪري هيءُ آنچلڪ ناول آهي.

رڻ پٽ جي زالن جي دستڪاري ۽ اُتان جي سنڌي سماج ۾ پيرٽ پرڻ جي ڏاڍي اهميت آهي. نہ صرف اهميت آهي پر ڏيهي ۽ پرڏيهي سفيرن لاءِ

رڻ جا رنگ (ناول)

ڪلاڌر متوا سال - ٢٠٠٢

ناول نويس ڪلاڌر متوا ٻنيءَ جهڙي پڇڙيل علائقي جو آهي. ڪيس
نندپڻ کان پڙهڻ لاءِ شوق هو پر غربت ڪري گهڻو پڙهي نہ سگهيو آهي
گجراتي ۽ ڪَڇي ٻوليءَ ۾ بہ لکندو آهي ۽ هنجون اُهي رچنائون ڪَڇ جي
مڪاني اخبارن ۾ ڇپجنديون آهن. مادري زبان سنڌي اُتس پر مطالع گهٽ
هئڻ ڪري سنڌيءَ ۾ لکڻ ذرا اوکو ٿو لڳيس. سنڌيءَ ۾ سندس پهرئين کهاڻي
سنگرهہ ”موتيءَ داڻا“ تي گجرات ساهت اَڪادمي طرفان ٻيون نمبر اِنعام
مليل آهي.

جنم ڀومي ٻني ڳوٺ جي ڪامڻگار ڪلچر ۽ قدرتي سونهن واريءَ
سنسڪرتيءَ مان ڪلاڌر متوا کي ناول لکڻ لاءِ نواڻ جو جذبو مليو آهي. جيئن
تہ مؤضوع گهٽنائون، حادثا ۽ رومانس سڀ نواڻ ڏانهن مائل آهن. ناول لکڻ
ڪلا آهي، ناول زندگيءَ جو اُهو نثر آهي جيڪو اِنسان جي شريرڪ، ذهني ۽
مانسڪ شڪتيءَ جي تصوير ٿو پيش ڪري. ناول ڪلاڌر مِتوا جي ناول ”رڻ جا
رنگ“ ۾ نئون ڀاو ٻوڌ ۽ سيپتا جو وهڪرو آهي. ناول الڳ-الڳ اتفاقن، گهٽنائن
۽ حادثن سان ڀرپور آهي. هن ناول ۾ ڪٿا تت اَهم آهي. ان سان گڏ ڪي خيال
۽ سپني جا تصور بہ آهن.

نائڪ گلڻ ۽ نائڪا سوهڻيءَ جو عشق آهي. هر عشق وصال جو روپ
وٺي ممڪن نہ آهي. پر گلڻ سپنو سجايو تہ جڏهن سوهڻي جو گهونگهٽ
لاهيندم تہ لڳندو ”ڪوراجنيتا ڪنهن مهان اِنسان جي پتلي جو انوارڻ ڪري
رهيو آهي.“ واهہ! ڪهڙي نہ جديد تشبيهہ آهي. بلڪل نئين آهي.

ٻنيءَ جي سماج ۾ مٽي-مائٽي، عشق يا واقفيت تي نہ پر ’بدي‘
نموني ڪندا آهن. مطلب ڏيءُ ڏيئي نونهن وٺن. اَسان جي سماج ۾ هن ڪي
ڪنوَٽي چوندا آهن. هاڻي گلڻ ڀيڻ ڪٿان آڻي جو ڏيئي سوهڻي وٺي!
’رڻ جا رنگ‘ جي مرڪزي وصعيت آهي شهري ڇهاو کان بچيل ٻنيءَ جي
ڳوٺ جو سماجڪ نظريو ۽ جيون ريت عام ڳالهيان اِظهارڻ. ڪڇ جي هن علائقي

آشيرواد (ناول)

دادا شيوڪ پوڄراج

هن ناول جو پهريون ڇاپو ۱۹۳۲ع ۾ ڇپيو هو. ليکڪ، راڄنيتي قيديءَ طور جيل ۾ هيءُ ناول لکيو هو. سنہ ۱۹۹۴ع ۾ هن ناول جو ٻيو ڇاپو گجرات سنڌي اَڪادمِيءَ پاران شري چِئن لال آهوجا جي سرجوشيءَ سان ڇپيو آهي. جنهن جو مهاڳہ ڊا. شري ڄيٺي لالوائيءَ لکيو آهي.

آزادي آندولن وقت سوتنترتا سئنانين کي ننڍي وڏيءَ تهمت هيٺ جيلن ۾ نونسيو ويندو هو. سنڌ ۾ ڪانگريس پاران آزادي آندولن وقت لوڻ ناهڻ جو قاعدو ڀڃڻ، سِول نافرماني هلچل ۽ سوديشي هلچل ۾ سرگرم رهڻ ڪري شري شيوڪ پوڄراج کي جيل اُماڻيو ويو هو. جيل جي خشڪ ۽ نيرس جيون کي رونقدار بڻائڻ لاءِ، روز ٿورو-ٿورو لکي ۱۵ ڏينهن ۾ هيءُ ناول لکي پورو ڪيو هئائين. ليکڪ هند ۽ سنڌ ۾ ٻالڪن جي ٻاري جي اِستاپنا ڪرڻ ڪري ''دادا سيوڪ'' طور پرسڌ آهي. هن محسوس ڪيو هو تہ ٻارئي آزاد ڀارت جو بنياد ٿيندا. تنهنڪري سندن دلي، دماغي ۽ سريرڪ وڪاس لاءِ ٻالڪن جي ٻاريءَ کي عملي روپ ڏيئي ديش جو بنياد پڪو ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي.

سنڌي آزادي آندولن ۾ ڪيترا سرگرم رهيا، ''آشيرواد'' اُنجو ثبوت آهي. ليکڪ پنهنجي جيون جي آزمودي جون ڪي حقيقتون گهٽنائن جي روپ ۾ لکيون آهن. ''شيام'' مکيہ نائڪ جي شخصيت ۾ ليکڪ جي پنهنجي شخصيت تي جهلڪا ڏئي. آتم ڪٿن جي نموني ۾ لکيل هيءُ ناول شيام، ڪملا ۽ سندر جي ڪردارن جي جيون - آدرشن سان گڏ سندن منو وگيانڪ تصوير پيش ٿو ڪري. شيام ۽ ڪملا گڏ پليا، نپنا، جوان ٿيا. وقت، حالتن ۽ عمر انوسار سندن مانسڪ اوستائن ۾ جيڪا تبديل آئي تنهنجو ورنن ليکڪ بي باڪيءَ سان ڪيو آهي.

ننڍڙي شيام جي دل ۾ ننڍڙي ڪملا جي مڱڻ تي شاديءَ وقت جيڪا اُٿل تٿل پيدا ٿي، جيڪي اَحساس ۽ ڀاو پيدا ٿيا، تن جي ڇٽي ۽ لفظي تصوير هن ناول ۾ پيش ڪيل آهي. ننڍپڻ ۾ پيدا ٿيل اُمنگہ جوانيءَ ۾ ٻيو موڙ ورتن ٿا. حقيقتن جي بنياد تي ڪيل هيءَ ڪردارنگاريءَ وارو ناول وقت جو سڏ آهي جنهن ۾ اسين پنهنجي اڳين پيڙهين جو درشن ڪري سگهون ٿا.

جي روز مره جي كشش جو مركز آهي. ٻنيءَ جي زالن جي دستڪاري ٻنيءَ جي
پرٽ پريل چولو جيون جو حصو آهي. ڪنواريون ڇوڪريون 'ڏيري' نالي پرٽ پريل چولو
ڪنجري يا ڪنجرڪ پائينديون آهن. پرڻجڻ بعد ڇوڪري وارن طرفان ڏنل ڪنجري يا ڪنجرڪ
شاديءَ بعد ڪنوار پائيندي آهي. جيڪو گهوٽ ماءُ ۾ پيڻ پريندي آهن. شاديءَ بعد ڪنوار
ستَ ڏينهن ساهري رهي واپس مائٽن وٽ ويندي آهي. ڇهن يا اٺن مهنن
۱۲ رليون ڪانپوءِ 'نکيتي' ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ ڪنوار ۱۲ ڪنجريون، ۱۲ رليون
پيڪن مان آڻيندي آهي جنهن کي ايڪويهو چوندا آهن.
هت رلين ٺاهڻ ۾ پرٽ پرڻ جي ڪلا جيون جو انگ آهي. هت ٻوناٽي
سچي رهاڻ جو منظر هوندو آهي. سڀ مرد وڏيءَ اوطاق ۾ گڏ ٿي نہ صرف سچي
ڪلام ڏينهن جو حال ۾ ديش وديش جو بہ حال اوريندا آهن. شاهہ لطيف جو ڪلام
ڳائڻ بہ هن رهاڻ جو حصو آهي.
ليکڪ شهري ۾ ٻوناٽي ماحول جي پيٽ ڪندي لکيو آهي، اڪ ٻڌ،
ونجهہ وڻي، انهي ذڪر، لنگڙي هت عام آهن. ڪرڪيٽ مهانگي تہ آهي ئي
پر ۱۱-۱۱ ماڻهو بہ کپن. اسان کي مزو نہ آيو هو. ٻوناٽن کي سنڌي ثقافت
واريون رانديون وڻنديون آهن.
ٻوٽ ۾ واندڪائي آهي. ڊوڙ ڊوڙان ڪونهي. هاٽي بہ تڪڙ ۾ جلدي نہ
آهن. ميدان بہ وڏا ۾ ويڪرا آهن. شهرين کي اهي نصيب ڪونهن. ٻوٽ ۾ مينهن
پون تہ ميلا مچن. 'ملهہ' جو نظارو بہ دلڪش هوندو آهي. هت ڏڌ، کير جي
ديئري بہ گهٽو پوءِ ٿي جو ٻنيءَ جا ماڻهو چوندا هئا، کير ۾ لؤلد وکبو ڪونہ آهي.
هينئر کير جا پئسا اُن جي قيمت جي آڌارتي وٺندا آهن جنهن کي ماپڻ لاءِ اوزار اٿن.
ناول جي ٻوليءَ ۾ نئون ۾ تازو لهجو آهي. ٻوناٽو ماحول ۾ ٻوناٽي
ٻوليءَ جا نوان عڪس آهن جن ۾ مڪاني هڳاءُ آهي. هت جا ماڻهو پيرو کڻڻ
جي هنر ۾ ماهر آهن. پربوار جو پرمپراوادي ارٿ گهٽجي رهيو آهي. گهرو معاملا،
وچولي طبقي جون سمسيائون، ڏيتي-ليتي، پرشناچار، ذهني ڪشمڪش
گهٽ آهن. هن-نئين چيتنا جي دؤر ۾ ناول کي هڪ سَند جو رتبو حاصل ٿي
سگهي ٿو.

”ڪوئا ڦاس“ طويل ناٽڪ

لکمي کلاڻي

لکمي کلاڻيءَ جو هي چوٿون طويل ناٽڪ شايع ٿيو آهي. هن جا اڳيان ناٽڪ آهن ”ڳڏا ڳڏيون“، ”واريءَ سندو ڪوٽ“ ۽ ”پنهنجو دشمن“ ڪوئا ڦاس سنڌيت جي علمبردار دوست صاحب ٻجاڻيءَ کي ڀيٽ ڪيو ويو آهي. لکمي کلاڻي ’رچنا‘ جا سمپادڪي ليکہ لکڻ لاءِ بہ مشهور آهي جيڪي عالماڻا هوندا آهن. هن شعر، ڪهاڻيون، ناول ۽ ادبي ليکہ لکيا آهن. ناٽڪ سان بہ جيءُ جان سان جڙيل آهي. ڪن ناٽڪن ۾ ڪردار بہ نباهيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سنڌيت جو شائق آهي. ”ڪوئا ڦاس“ ۾ ڪل ڇهہ ڪردار آهن. نوجوان جوڙو ڊيپا ۽ هيري يعنيٰ هريش ناواڻي، بزرگہ جوڙو ساوتري ۽ ايشور ٽانواڻي ۽ ٻارن جو جوڙو سئنڊي ۽ رابن. هيءُ ڪٽنب واشنگٽن ۾ رهندو آهي ۽ وقت آهي شام جو پنج بجي ڪانپوءِ. ٻار اسڪول مان آيا آهن. ڊيپا ۽ هيري آفيس مان آيا آهن ۽ ايشور ۽ ساوتري سياڻي انڊيا لاءِ روانا ٿيڻا آهن. لکمي کلاڻي منچ جو خاڪو بہ تيار ڪري ڇڏيو آهي. ’ڪوئا ڦاس‘ پڇرو ٿيندو آهي. جنهن ۾ ڪوئا ڦاسائبا آهن. هن ناٽڪ جا ڪردار بہ پاڻ کي سوني ”ڪوئا ڦاس“ ۾ ڦاٿل ٿا محسوس ڪن. عام طرح ڪوئا ڦاس کي ڪوئا مار بہ چئبو آهي.

ناٽڪ پراچين ساهتيہ جو روپ آهي. سنسڪرت ساهتيہ ۾ ناٽڪ ڪاويہ فارم ۾ لکيا هئا جيئن مهاڪوي ڪاليداس جا ناٽڪ. ناٽڪ نئي ساهتيہ ليکبو هو. ان ڪانسواءِ ناٽڪن، منچ، ڪردار ۽ ٻولين تي ڀرت منيءَ ”ناٽيہ شاستر“ بہ لکيو آهي. هيءُ ناٽڪ پراچين ڪال کان پنڌ ڪندو ٢٠ صديءَ ۾ ڌارمڪ، اخلاقي، ديش پريم ۽ لوڪ ڪهاڻين وارو ناٽڪ، ايڪانڪي ناٽڪ، انواد ڪيل ناٽڪ بڻجي پيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي منچ تي منگهارام ملڪاڻي ايڪانڪي ناٽڪ جو ابو آهي. هن محسوس ڪيو هو تہ درشڪن کي وقت ٿورو آهي.

دادا شيوڪ پوڄراج پاڻ بہ مهاڳ ۾ قبول ڪيو آهي تہ ڪي حقيقتون مون پنهنجي جيون مان ڪنيون آهن. هيءُ ناول وقت سان گڏ ويچارن جي تڪڙي بدلجڻ جي تصوير آهي. هن مان پاڻڪ جي من ڪي سُڪون ملندو تہ سنڌ جا ٻار بہ دنيا جي ٻين ٻارن وانگر هئا، اُهي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ گهٽ نہ هئا. اُهي سنڌي سپوت بہ بهادريءَ، سورهيائيءَ ۽ قربانيءَ جا پهريان سبق ماتا جي گود ۾ ويهي آکاڻين ٻڌڻ مان سکيا. هيءُ ناول وقت جو سڏ آهي. اڄ ڪان چار پنج ڏهاڪا اڳ جي سنڌي گهرن ۽ سماج جي تصوير هن مان ملي ٿي. وڏوا سان سخت وهنوار ڪيو ويندو هو جنهنڪري ئي هن ٻيهر وواهہ ڪرڻ لاءِ اڳتي قدم وڌائڻ جي بغاوت ڪئي جنهن لاءِ ڪيس هلچل ۾ ٻهرو ونڻ جي پريرڻا ملي ٿي. سڄو ناول آزادي هلچل، ديش ڀڳتي، راشٽرپريم، سوديشي هلچل، پتي-پتنيءَ جي پوترپريم، عامل پائيبند، ماتا جي موهہ ۽ گهرو ملڪيت جي معاملن بابت آهي. جڏهن سڄي سنڌ مهاتما گانڌيءَ جي اثر هيٺ هئي، ڪراچيءَ ۾ لوڻ ناهي انگريز سرڪارجي قاعدي ڀڃڻ جو نظارو ۽ ٻن جوان دلين جي سچي پيار جو نظارو آزادي آندولن جي اتهاس سان جڙيل آهي.

نائڪ ۽ نائڪا جي پيار جي اِظهار جي عبارت اهڙي نانڪي آهي جو انهن لاءِ دل ۾ همدردي ٿي پيدا ٿئي. هنن جو فقط هڪ ٻئي ڏانهن لاڙو هو. اُن زماني ۾ پيار جو اِظهار ڪرڻ هڪ سماجڪ گناهہ هو. ٻنهي جي شادي ٻئي ٻئي گهر ۾ ٿئي ٿي. ليکڪ گهٽنائن جو تاڃو پيٽو اهڙو اُڪيو آهي جو آزادي هلچل ۾ ٻهرو ونڻ جي بهاني وري ٻئي ملن ٿا. پر زبان تي اُهائي مَرمَ جي مُهر اٿن. شيام ڪي سماج جي نيمن لاءِ عزت آهي. جيل مان ڇٽڻ ڪانپوءِ آزاديءَ جي مقصد جي ويجهو اچڻ وقت قدرتي نموني، هيءُ آدرشي جوڙو سماجڪ نيمن جو النگهن ڪري وڏوا وواهہ جو مثال قائم ڪري ٿو. جيئن سڪانت سئنيما جي انت ۾ ٿيندو آهي. ڪملا ۽ شيام ڳچيءَ ۾ ور مالها وجهي امڙ ڪان آشيرواد وٺڻ اچن ٿا. آشيرواد ڏيئي ''امڙ'' جو ڪردار امر ٿو ٿي وڃي.

ناول پڙهندي ملڙي-ملڙي هلڪي-هلڪي خوشي ٿي محسوس ٿئي. پوءِ ڇا ٿيو؟ ڄاڻڻ لاءِ منتظر ٿو رهجي. ڪي اکر ۽ جملا پڪا ٺيٺ سنڌي ڪم آندل آهن. جيئن تہ 'اوڏي پهرائڻ'. ناول ۾ ترقيپسند انسان، آزاديءَ، برابريءَ، امن ۽ برادري ڀاو جا آدرش وزندار آهن.

’اڻتيهه ڏينهن چور جا...‘ (ناٽڪ)

شري پرتاب مينگهراج پرسواڻي

شري پرتاب مينگهراج پرسواڻيءَ جو لکيل هيءُ ٻه فصلو ناٽڪ جيوتي پبليڪيشن ڀاران بمبئيءَ مان ١٩٩٨ع ۾ ڇپيل آهي. سهڻي ڪَوَرِ ڊزائين ۽ وڏي ٽائيپ جي ڪري ڪتاب ٻاهران ته دلڪش آهي ئي پر سندس عنوان به پڙهڻ لاءِ للچائي ٿو ته جي ’اُڻتيهه ڏينهن چور جا ته ٽيهون ڏينهن ساڌ جو.‘ گنهگار وڪيل جي مدد سان اُڻتيهه ڏينهن بچي سگهي ٿو پر هو جيڪو سچي دنياڪي سنڀالي ٿو گنهگار خلاف بي گناهه جي سارسنڀال لهڻ لاءِ، ٽيهون ڏينهن ضرور ڪندو.‘ هن فلسفي انوسار ناٽڪ جو اندروني مطلب آدرشي آهي. هن ناٽڪ معرفت ثابت ڪيو ويو آهي ته ڏوهارين جي دنيا جڳهه ڪان نرالي صرف پاڻ جهڙي ٿيندي آهي. هن کان اڳه شري پرتاب پرسواڻيءَ جا ٻه ناٽڪ ’بال برهمچاري ۽ ڪچا ڌاڳا پريم جا‘ منچ تي پيش ٿي چڪا آهن ۽ ثابت ٿي چڪو آهي ته هو هڪ قابل ليکڪ، هدايتڪار ۽ اداڪار آهي. هن ناٽڪ ۾ غير قانوني زندگيءَ جي زندهه تصوير پيش ڪيل آهي. هيءُ ناٽڪ سکانت آهي.

ناٽڪ سماج جو ترجمان آهي. ساهتيه ۽ منچ جو سنگم آهي. ناٽڪ نويس کي رنگه منچ جي جديد ٽيڪنيڪ جي ڄاڻ ضرور رکڻ گهرجي. صرف لکيل روپ ۾ ناٽڪ ساهتيه ۾ ناول ۽ ڪهاڻيءَ جهڙي اَهميت رکي ٿو. رنگه منچ ۽ درشڪ ناٽڪ جي اهميت ۾ چار چنڊ لڳائن ٿا. درشڪن کي مَن رسُ، ڪن رس ۽ درشيه رس ته ملي ٿو پر آنند، اُتساهه ۽ سکيا پراپت ٿئي ٿي. هن ناٽڪ ۾ عام سماجڪ مسئلو نئين نموني، ڍنگه ۽ طرز سان پيش ڪيل آهي. ناٽڪ سماج جو سچو ۽ حقيقي چٽڻ آهي ۽ اُن جي ڪاميابيءَ جو مدار ٻوليءَ جي رنگينيءَ رواني، سرلتا، گفتگو جي جملن، لفظن ۽ اُنهن جي مطلب اَنوسار اَداڪاريءَ تي آهي.

سنڌيءَ ۾ ايڪانڪي ناٽڪ نه صرف لکيا پر منچ تي پڻ پيش ڪيا ويا آهن، باقي وڏا ٻه فصلا يا ٽه فصلا ناٽڪ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ليکيا ويا آهن. جن مان رام پنجواڻيءَ جو ’آيو نئون زمانو‘، موتي پرڪاش جو ’پردي

يارت ۾ اڇي طويل ناٽڪ کي زور ونائڻ لاءِ سنڌو ڪلا مندر ايس. پي
مينگهاڻيءَ، رميش ڄاڄاڻي، پي. بي. چاند وغيره ناٽڪن جا ميلا ممبئي
اجمير، جئپور، احمدآباد وغيره ۾ ڪيا. ريلوي، بئنڪ، ڪسٽم، پورٽ ٽرسٽ
بيست جي سنڌي سيائن پاڻ ملهايو آهي. ناٽڪ لکڻ، انواد ڪرڻ، اُپارڻ، ڪردا
ٻولهڻ، منهن تي آڻڻ لاءِ اڳواڻي ڪئي آهي. تجرباتي، مذاقي، طنزي، سماجي
۽ گهرو ناٽڪ پيش ڪيا جن

سنڌين جي پسنديءَ کي سڄاڻي ڪيو آهي. ناٽڪ ۾ پيش ڪيل مسئلي جي
واسطو سماج، ڌرم، زندگيءَ جي بدليل طور طريقن ۽ سوچ سان هوندو آهي
ڪوئنا ڦاس ۾ به ائين ئي آهي. اسين ريس ڪندا آهيون سنڌي اين.آر.آءِ. سان
! هن ناٽڪ ۾ اُنهن جي جيون جون جهلڪون آهن سي آس ۽ نراس جي وچ
لوڏا ڏيون ڪارائين. اين.آر.آءِ. کي ضرورت آهي ولائت ۾ ٻار جي سنڀال لاءِ بزرگ
جي ۽ بزرگن کي اُتي اڪيلائپ تي چڪ پائي. هو آمريڪا گهمي ٻارن سان
ڏجي انڊيا واپس ٿا اچڻ چاهين. آمريڪا ۾ نوڪر نه ملڻ ڪري ڀارتيه زالن
جي حالت گهاڻي ۾ پيڙجندڙ بيلن جهڙي آهي. هو به مدد لاءِ پيون واجهائين
جوان مرد پئسي ڪمائڻ جي لالچ ۾ وڃن ڪاروبار وڌائيندا. هنن لاءِ فرض
ممتا پئسو آهي.

ليڪ ولائت ۾ رهندڙ سنڌين جي تن، من ۽ مغز جي سوچ جي تصوير
اثرائتي ٻوليءَ ۽ انداز ۾ ساوتري ۽ ديپا ڪردار معرفت ڪئي آهي. ناٽڪ تما
وڻندڙ آهي. انڊيا ۾ اسين ڪوئنا ڦاس ۾ آهيون نه ولائت ۾ ٻيا به ڪوئنا ڦاس
آهن. حياتي مايا ڄار آهي. هرڪو ٻئي کي پاڻ کان وڌيڪ سکي ٿو سمجهي
منهن تي هيءُ ناٽڪ ڏسڻ سان هوبهو تصوير سامهون ايندي.

سيني ڪردارن جو وارتالاپ مذاقي انداز وارو آهي. مذاقي خوراڪ سان ڀرپور آهي. مذاقي جملا سنگين مطلب وارا آهن ۽ دماغي مشق ڪرائين ٿا. راڄنيتي طنز پڻ آهي.

'ڏس امين مان ٿورن ڏينهن ۾ هڪ وڏي راڄنيتي پارٽيءَ طرفان اليڪشن ۾ جيتڻ وارو آهيان ۽ بس پوءِ ٿورن ڏينهن ۾ ديش جو منسٽر ٿيندس.' مطلب ڪڍڻ لاءِ سريتا ڪن موقعن تي ڀروپي بڻجي ٿي. چريتر جي هيءَ خاصيت هلندڙ زماني جي ضرورت آهي. اوچ اخلاق واري، شاهوڪار گهر جي ناري سريتا باعزت، هٺ جي ڪليل، قول جي پڪي ۽ ثابت قدم ڪٽندڙ آهي. ظاهرا نرم مزاج واري پر وقت پئي بي خوف آهي.

ناٽڪ پڙهڻ سان به رس آنند ۽ سڪون ملي ٿو. چور ڪيترئي به چالاڪي ڪري پر آخر پنهنجي ئي وڇايل جار ۾ ڦاسي ٿو. هن آدرش تي ئي سرشتي هلي ٿي.

هيءُ ناٽڪ ليکڪ جي اٿاهه محنت آهي. ناٽڪ نويس ڪي رنگه منچ جو آزمودو آهي تنهنجو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هيءَ اِسڪرپٽ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته اثردار نظارن کي وڌيڪ دلڪش بڻائڻ لاءِ هن اِسڪرپٽ ۾ اِشارا ڏنا آهن.

روشنيءَ جو ڪٽي ڪيترو فوڪس هجي، ڪٽي ڪي اداڪار نظارن ۾ فريز ڪيل به ڏيکاريا آهن. هيءَ هدايتڪاريءَ جي لياقت ۽ خاصيت آهي. جنهن لاءِ به ڪيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي.

آڳيان، پردي پنيان`، ڪرشن ڪنواڻيءَ جو 'آشيانو`، لکمي ڪلاڻيءَ جو " ڏا گڏيون` ۽ ڪي ٻيا خود ساختا ۽ سماجڪ ناٽڪ آهن. سنڌيءَ ۾ گهڻا وڏ ناٽڪ انواد ڪيل منچ تي پيش ٿيا آهن.

'اُٺيهه ڏينهن چور جا... جي ٿيم ۽ پلاٽ گهرو آهي. گهر جو نظارو هاءِ سوسائٽيءَ جو آهي، جنهن ۾ پرائيويٽ سيڪريٽري، شوفر ۽ باورچي گهر جي مالڪ يا مالڪياڻيءَ خلاف منصوبو ڪندا آهن. ناٽڪ ۾ ڪلنائڪ آهي بادل ڪمار عرف صاحب. ناٽڪ جي ڪٿا وستو سندس گنهگار جيون جي گهٽنائن جو اُڻيل ڄار آهي. بادل ڪمار جي ٻين زال سريتا مکيه نائڪا آهي. هيءَ ناٽڪ اِستري پرڌان آهي ۽ بادل ڪمار جون رئيسي ۽ مهانگيون عادتون ئي سندس گناهن لاءِ رستو گهڙين ٿيون جنهن ۾ ڪڏون ٿو ڪوني سندس ائڊووڪيٽ دوست ۽ نوڪر بي قاعدي زندگي جيئڻ وارو ٻهروپي بادل ڪمار پئسن جي ڪري پنهنجي پهرينءَ زال جو خون ڪري اُن کي آتم هتيا جو روپ ٿو ڏئي. شاهوڪا جو ٿيو سو سندس دوهري جيون ڪري قانون ڪيس ڇهي بہ ڪونہ ٿو ۽ هينئ ٻين زال سريتا کي ڏيتي ليتيءَ ۾ مليل لکن تي هٿ ڦيرڻ پنيان آهي. سچي ناٽڪ ۾ سنگهرش وارو وايومنڊل آهي. سريتا پنهنجا پيسا بچائڻ ۽ طلاق وٺڻ لاءِ سنگهرش ڪري ٿي ۽ بادل ڪمار کيس خون ڪري بہ پئسا هٿ ڪرڻ ٿو چاهي گهر جا نوڪر ڪوئي ٻلي واري راند ٿا ڪن. سريتا ڪليل ويچارن، روشن دماغ واري، همت ڀري سياڻي زال آهي. مکيہ طور ناٽڪ جي ڪهاڻي سريتا جي ئي سنگهرش جي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ اَميءَ جو ڪردار سندس مدد ۽ رهبري ڪري سندس مانسڪ شڪتي وڌائي ٿو. امي مدر انڊيا فلم جي نائڪا وانگ پٽ کي گولي ٿي هڻي ۽ چوي ٿي 'تون عورت جي طاقت کان ناواقف آهين، وقت اچڻ تي پستول تہ ڇا، پر ساري سنسار کي سنڀالي وٺندي آهي هوءَ!` ٻيا ڪردار بہ سنگهرش کي ڪڏهن وڌائين تہ ڪڏهن گهٽائين ٿا. ناٽڪ ۾ ثابت ڪيل آهي تہ عورت ڪهڙين بہ ڏکين حالتن ۾ پنهنجا فرض ماءُ ۽ زال جي روپ ۾ نڀائي سگهي ٿي. چرم سيما واري گهٽنا ثابت ٿي ڪري تہ برائيءَ جو نتيجو بروئي آهي.`

جي پيش ڪش سان سنڌي فلمي دنيا ۾ بہ پختا قدم رکي چڪو آهي. سنہ ۱۹۷۱ع کان پوءِ پريوار سوڌو لنڊن ۾ رهندي بہ سنڌي ٻوليءَ، ساهتيہ ۽ سنڌيت لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. بي.بي.سي. لنڊن تان سنڌي پروگرام پيش ڪري ولائت ۾ بہ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي سماجڪ ۽ سيپيتڪ سطح تي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهندو آهي. ڪجهہ وقت لاءِ لنڊن ۾ سنڌي ٽائيمس اخبار بہ جاري ڪيائين. سنہ ۲۰۰۴ع ۾ ٻارهون انٽرراشٽريہ سنڌي سميلن لنڊن ۾ هوسٽ ڪيائين. راج ڏاسواڻي سنڌي ڪلا، ساهتيہ، ٻوليءَ ۽ سنڌين کي نئين دِشا، نئون موڙ، نئون رخ ڏيڻ جي همٿ رکي ٿو. سندس هن رچنا جي بنياد ۾ بہ سنڌين خلاف حڪومت جي بي رخيءَ جي جهلڪ جو ذڪ ظاهر آهي جو ٦٠ سال ساندهہ آزاديءَ جو جشن ڏسندي ڪيس سنڌين جي باري ۾ ڪوبہ نظارو نظر نہ آيو آهي. راج ۽ گيتا جي جوڙيءَ جو سنڌي اَدب سان جهونو ناتو آهي. سندن ذڪر شيخ اَياز جي سفرنامي ۾ آهي. سندن ٻار بہ لنڊن ۾ سنڌيت جي سرهاڻ ڦهلائڻ لاءِ ساڻن گڏ مصروف آهن.

هيءُ پنج فصلو ناٽڪ سورمي جي سورهيائيءَ تي لکيل آهي، جنهن جي انتم قربانيءَ جي ڪلپنا ڪري وارتا ڪاندارجن ۽ اُن وقت جي نوجوانن جي قومي ڀاونائن تي فخر ٿو ٿئي. هيءَ ٽيليسڪرپٽ لاءِ فلمائي ٿي سگهجي. راج ڏاسواڻيءَ شروعات فليش بيڪ سسٽم سان ڪئي آهي. شروع ۾ ئي جوش، تناءُ ۽ منتظريءَ وارو ماحول آهي. خاص ڪري هيمونءَ جي آتما وارو درشيہ اَهم آهي.

ٻئي نظاري ۾ جيل ۾ هيمونءَ ۽ سندس ماتا جي اَهم گفتگو آهي. هيمونءَ ٻاران ديش تان قربان ٿي وڃڻ جا اِشارا آهن. اِسڪول ماستر جو ڪردار بہ هِت ظاهر ٿو ٿئي. ٽئين نظاري ۾ اُهو ماستر صاحب هيمونءَ ۽ سندس ساٿين کي پيچ ڊاهہ نہ ڪري اَهنسا تي اُپديش ٿو ڏئي جيڪو سياويڪ آهي. هيءُ ٽيون درشيہ جيل کان اڳہ ٻاهر جو آهي. ماستر صاحب هنن جوانن جي ٽوليءَ جو رهبر بہ آهي. هو مهاتما گانڌيءَ جو پوئلڳہ ۽ اهنسا جو عيوضي

هيمون ڪالاڻي امر شهيد

راڄ ڏاسواڻي   ميرج ساهتيه مالها   سال: ٢٠١٠

هيءُ پنج فصلو ٽيلي ڦلي راڄ ڏاسواڻيءَ سنڌي لپيءَ ۾ بزرگن لاءِ ۽ رومن لپيءَ ۾ جوانن ۽ ٻارن لاءِ شايع ڪيو آهي.

نؤجوان وير هيمون ڪالاڻي، سنڌين جي سورمي جي شان بابت داد جشن واسواڻيءَ جي منڙيءَ عبارت ۾ هيمونءَ جي شهيديءَ، همت ۽ ديش ڀڳتيءَ جي ڄاڻ ڏني آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ به ذڪر ڪيو آهي ته هيمونءَ سوريءَ جي سيج تي سمهي شهادت جو جام پيتو آهي. هيمونءَ جو نالو سنڌي ساهتڪارن، ڪلاڪارن، ناٽڪ ڪارن اَمر ڪري ڇڏيو آهي ۽ هيمون ڪالاڻي هڪ ليجينڊ تي اُسريو آهي. هيمون ڀارت جي آزاديءَ جو سنڌي سورمو آهي. جنهن جي قربانيءَ جو اَمر چِتر راڄ ڏاسواڻيءَ جي قلم مان ٽيلي ڦلي ٻڻجي دائما قائم ٿيو آهي.

هن ناٽڪ ۾ هيمونءَ جي ديش پريم جون گهٽنائون ۽ درشيه روچڪ ٻڌائي، گفتگو ۽ ڪردارن جي وارتالاپ جي روپ ۾ لکيون آهن. هيمونءَ جي شهادت واري ڏينهن ديش جي سنڌين جي دلين ۾ ماتم وارو ماحول هو ۽ اُن وقت کان اَڄ ڏينهن تائين ساهتيه ۽ ڪلا جي کيتر ۾ هيمونءَ جي نالي جو حوالو همت، بهادريءَ ۽ ديش ڀڳتيءَ لاءِ اِستعمال ڪيو ويندو آهي. رستن، سنستائن ۽ چؤنڪن تي هيمونءَ جا پتلا هنيا ٿا وڃن پر اُهو سڀ اَڄان ب اڻپورو آهي.

ليکڪ راڄ ڏاسواڻي ٻوليءَ، ساهتيه ۽ سنڌيت جي هلچل جو سورهيه سپاهي آهي. ڌار-ڌار وشين تي لکيل هنجا ناٽڪ منچ تي ماڻهن پسند ڪي آهن ۽ اُنهن مان ڪن کي انعامن سان پڻ نوازيو آهي. هن ناول ۽ ڪهاڻيون ب پختيءَ عبارت ۾ لکي ساهتيه جي کيتر ۾ نالو قائم ڪيو آهي. قلم هوجمال

دادل شاهہ - ساڌوُ واسواڻي (ناٽڪ)

ناٽڪ نويس : واسديو نرمل   سنڌو ڪلا مندر - نومبر : ٢٠٠٨ ۾

هن ناٽڪ جي اِسڪرپٽ جي ڇپائيءَ جي سونهن، وڏا اکر دادل شاهہ جو پورٽريٽ سڀ سونهن جو مشاهدو آهن. هيءُ من موهيندڙ ڪتاب سنڌي رنگہ منچ جي اعليٰ هدايتڪار سدا حيات رميش ڇاڇاڻيءَ کي سمرپت آهي. ماهر ناٽڪ نويس واسديو نرمل جون لکيل اصلوڪيون پنجويهہ کن ايڪانڪيون ڌار-ڌار مجموعن ۾ ڇپيل آهن. هيءُ ايڪانڪي ناٽڪ مذاقي ۽ سکيادائڪ آهن. هن کان اڳ بہ واسديو نرمل ٻارن لاءِ هڪ پاتري ناٽڪ لکيو آهي، ”اَمان توکي خبر آهي.“ جنهن جا بہ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. تازو ئي ”اَمان جو پينگهو“ ٻن اَنکن وارو ناٽڪ بہ شايع ڪيائين، جيڪو ڪيترا دفعا منچ تي پيش ٿيو آهي ۽ ماڻهن کي پسند آيو آهي.

هن ناٽڪ نويس پنج وڏا ناٽڪ ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪري ناٽڪ ڪلا جي شيوا ڪئي آهي اُهي ناٽڪ منچ تي اَچي چڪا آهن.

مئڪسم گورڪيءَ جو ناٽڪ Lower Depth ”پاتال“ جي عنوان سان ترجمو ڪيو اٿس. واسديو نرمل چونڊ مراٺي ڪهاڻيون ٻن ڀاڱن ۾ ترجمو ڪري هڪ سٺي ترجمان هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. هيءُ ناٽڪ نويس ئي نہ پر سٺو اُستاد شاعرپڻ آهي. غزلن ۽ شاعريءَ جا بہ مجموعا ظاهر ٿي چڪا اٿس.

سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۽ ناٽڪ-ڪلا جي وڪاس جي اِتهاس ۾ واسديو نرمل جو وڏو يوگدان آهي. مرڪزي ساهت اَڪادميءَ هن جي ناٽڪ نويسيءَ جي سلسليوار سفر جو قدر ڪندي ”وِڇون وَسڻ آيون“ تي سنہ ٢٠٠٧ع جو ساهت اَڪادمي اِنعام عطا ڪيو آهي.

ساڌو واسواڻي سنڌي سماج جو روح روان ۽ روشن مِنار فيلسوف آهي. تمڪ شانتي بخشيندڙ رهبر آهي جنهن جي آسيس منشن جي دلين کي نساهت ٿي ڪري تہ ڪرتويہ پاليون، شڀ ڪرم ڪريون، دان ڪريون، ديا ڪريون ۽ پريم ڪريون. هن مونو لاگ ۾ دادل شاهہ جو جيون درشن آهي دادل جي جيون سفر جون آدِ کان انت تائين انيڪ مشاهدا ۽ ملاقاتون، آزمودا ۽ آزمائشون بيان ڪيل آهن.

آهي. پر سندس جوان شاگرد جوش ۽ گرم وايومنڊل وارا سندس هڪ به نٿا ٻڌن
ماستر صاحب وديارٿين کي خاطري ٿو ڏئي ته مان توهان جي ڪم ۾ رڪاوٽ
نه وجهندس. چوٿون درشيه جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ جو آهي. جنهن ۾ دباءُ
بدني عذابن جي هوندي به هيمون اڏول آهي. هيمونءَ جي دليريءَ حولدار
به همدردي ۽ اِنسانيت جو جذبو ٿي پيدا ڪري ۽ چوي ٿو مان اِنسان پهرين
حولدار پوءِ آهيان. جيلر جو ڪردار ڪلنائڪ يا وِلين جو آهي. ٻيو ڪردار آهي
چمن ڪاڪا. هيمونءَ جي ماتا جو ڪردار به هڪ سورهيه ماتا جو آهي. هوءَ ب
پٽ وانگر ئي هماليه جيان اڏول آهي ۽ فخر ڀريو احساس ٿي ڏياري. هيمون
ماءُ جي پيرن جي خاڪ سندس ئي جهول ۾ ٿو وجهي ته هر گهر جي ماتا ڪي
خاڪ چپٽي ڏئي، هن کان ديش لاءِ سپوت جي گهر ڪجانءِ. هن ئي درشيه
هيمونءَ کي برف تي سمهارڻ جي گهٽنا پڻ آهي.

نظاري پنجين ۾ هيمونءَ کي ڦاسيءَ جي تختي تي چاڙهڻ جو د
اُٿاريندڙ درشيه آهي. انت ۾ هيمونءَ جون به خواهشون پوريون ڪيون ويون
١- هٿ ڇڙيل هجن. ٢- منهن تي ڪارو ڪپڙو به نه هجي. هيمونءَ پارٽ
ماتا جي جئه جو نعرو ٽي دفعا هنيو. جيل جي ٻين قيدين به ساڳيو نعر
بلند آواز ۾ هنيو. ڦاسيءَ جو تختو کسڪيو ۽ هيمون نه رهيو. پر هو هيمون
جي نالي کي متائي نه سگهيا.

پلئين ڪؤرتي هيمونءَ جي انتم سفر جي تصوير آهي، جيڪا اَمي
سومري وٽان ليکڪ کي حاصل ٿي آهي. هيمونءَ جي سکر واري گهر جا فوٽا
بالڪپڻ جا فوٽا آهن. ڪتاب هٿ ۾ ڪٽڻ سان هنن تصويرن جو عڪس اکين
ڪپي ٿو وڃي. ڦاسيءَ واري ڏينهن يعنيٰ ٢١ جنوري ١٩٤٣ع تي سکر جيل
جي قيدين به ديش ڀڳت لاءِ پيار جو ثبوت ڏنو. پنهنجي محنت جي پيس
مان اگربتيون گهرائي سڄي جيل ۾ واس ڌوپ ڪيائون. هيمونءَ جي آتما ڪي
جيل ۾ ڌوپ سڳنڌ سان واسي پنهنجي ساٿيءَ جي آتما کي سلام ڪيائون
چمن ڪاڪا ته گوڏن ۾ منهن لڪائي رنو هو.

آمان جو پينگهو (ناٽڪ)

واسديو نرمل   سال: ٢٠٠٥

ساهتيہ ۾ ناٽڪ جو آستان انوکو آهي. ناٽڪ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ معرفت ماڻڻ
ـي ڪلا آهي. ڪٿا وستوءَ جي وارتالاپ مطابق اداڪار نقل ڪري اَدائون ڪن
ـا ۽ ساتوِڪ ڀاونائن جو اِظهار ڪري مقصد طرف وڌن ٿا. سنسڪرت جي ’نَٽَ‘
ـان ئي ناٽڪ نهيو آهي. ڪن سچين حقيقتن کي وڌيڪ اثردار بڻائڻ لاءِ ڪلپنا
ـان مدد وٺي حقيقتن کي دهرايو ٿو وڃي. سٺو ناٽڪ اَداڪاري، سنگيت،
ـرتيہ، وارتالاپ جي پيداش آهي. ناٽڪ، رنگہ منچ تي چِترڪاري، پوشاڪن،
ـار سينگار، ناهہ نوهہ، آواز ۽ روشنيءَ جي مدد سان ڪامياب ٿا وڃن. ناٽڪ،
ـسڪرپٽ ۽ اِستيج ٽيڪنڪس جو سنگم آهي. عام ماڻهن کي اُهو ناٽڪ پسند
ـندو آهي جنهن ۾ هنن جا نِجي ۽ سماجڪ مسئلا گفتگو ۽ اَداڪارن معرفت
ـاهر ٿين ٿا. ناٽڪ ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو مکيہ مقصد ئي هوندو آهي وندروءِ سکيا
ـاصل ڪرڻ. ڀارت ۾ نرتيہ ۽ سنگيتميہ ناٽڪ تمام مکيہ ٿا ليکيا وڃن. جيئن
ـسديو نرمل جو ”آمان جو پينگهو“ ناٽڪ آهي، جيڪو واسديو ’نرمل‘ ميءَ
٢٠٠ ۾ پورنما پبليڪيشن ڀاران آرٽ ۽ اِميج پرنٽرس وٽان تمام سهڻي
ـپائيءَ ۾ شايع ڪيو آهي. ”آمان جو پينگهو“ هڪ طويل ناٽڪ آهي جنهن ۾
ـڪل ٻہ انڪ آهن.

پهرين انڪ ۾ ست درشيہ آهن جن ۾ سنڌي شاديءَ جا نظارا جيئن تہ
ـا، ڏاجو ڏيڻ وٺڻ، سيٽن جون ملاقاتون آهن. پهلاج ۽ هن جي ڪنوار نائڪ ۽
ـئڪا آهن. نائڪا کي ڪوبہ نالو ڪونهي. پهرين درشيہ ۾ فلئش بئڪ سسٽم
ـعرفت پينگهي لاءِ بي جوابداري ڏيکاري درشڪن ۾ منتظري ۽ اِنتظار پيدا
ـيو ويو آهي. هتان ڪان ئي پهلاج جي ڪنوارکي ’آمان‘ ڪوٺيو ويو آهي. ٻيا
ـي درشيہ سنڌ بابت آهن. پهلاج کي پٽ ڄائو تہ گهر ۾ ڀڳت وڄهائي باس
ـري تي ڪئي وڃي. پينگهو آمان کي ڏاجي ۾ سيج طور مليل آهي. حقيقت
آمان جي ماءُ کي ئي هيءُ وڏو پينگهو شاديءَ وقت ڏاجي ۾ مليو هو جيڪا
ـڻ وقت تاڪيد ڪري ويئي هئي تہ هيءُ پينگهو منهنجي ڌيءُ کي ڏاجي ۾
ـجو. پيڪن طرفان ڏاجي ۾ ملڻ ڪري آمان جو پينگهي سان جذباتي رشتو آهي.

هن ناٽڪ ۾ ڪل ٻه انڪ آهن. پهرين انڪ ۾ ١٨ درشيه آهن. جن
دادل شاهه جي ٢٥ نومبر ١٨٧٩ع کان وٺي، ٻالپڻ، ماتا پتا، ڀائرن، ڀينرن
دوست، اِسڪول جي هيڊ ماستر ساڌو هيرانند ۽ تعليم جو احوال دلڪش ۽ س
جملن ۾ دادا واسواڻيءَ جي سنگيتميه ٻوليءَ ۽ عبارت ۾ آهي. ڪلڪتي ج
ڪاليج ۾ پروفيسر هوندي مهاتما ڪيشب چندرسين جي ڀائٽئي جنهن ک
پيار وچان ''نالودا'' ڪري چوندا هئا تنهن کي ساڌو واسواڻيءَ مرشد مڃ
ڪانئنس جيڪو روحاني فيض پرايو تنهن جو ذڪر پڻ ناٽڪي انداز ۾ دادا ک
سوترڌار بڻائي، ڪجهه نظارا سئڪلوئما تي ڏيکاري ۽ ڪردارن کان ڊائلاگ چوائ
ڏيکاريل آهن.

دادل شاهه ١٩٥٠ع ۾ برلن ڌرمي ڪانفرنس تي ويا، لاهور ڪاليج
پرنسيپال ٿيا. حيدرآباد ۾ ١٩٢٩ع ۾ سکي ستسنگ شروع ڪيائين، ١٩٣٢
سينٽ ميرا اِسڪول کوليائين، هنن سيني پروگرامن سان گڏ آزاديءَ بعد سنڌي
هندن ۽ دادا جي پريوار جي لڏپلاڻ جو ذڪر به آهي هن پهرين انڪ ۾.

ناٽڪ جي ٻئين انڪ ۾ ڪل ١١ درشيه آهن جن ١٩٤٥ع کانپوءِ ج
دادا جو جيون درشن آهي. هن انڪ ۾ ٻالڪا ڪرشنا ڪماريءَ سان ڪيل رانديون
ستسنگ، ڪيرتن، دادا جي سکيائن، دادا جشن جي ڪن اهم جهلڪن ک
سواءِ سردار حڪم سنگهه، راڌا ڪرشنن، شري سري پرڪاش نارائڻ ۽ آچاريه ڪرو
جي ملاقاتن جو به ذڪر آهي. گنگارام ساجنداس، پوني ۾ سينٽ ميرا ڪالي
۽ ميرا مِشن جي ذڪر سان گڏ دادل شاهه جي انتم ياترا جو ذڪر به گفتگ
معرفت ناٽڪي انداز ۾ ڪيل آهي.

ليک واسديو نرمل سنڌيءَ ۾ هيءُ روحاني ناٽڪ لکي سنڌي جاتي
سان وڏو وَرُڪيو آهي. مشهور هدايتڪار ايس. پي. مينگهاڻيءَ کي اُميد ئي
پرپڪ آهي ته هيءُ ناٽڪ اِسٽيج يا ٽي.وي. تي ضرور پيش ٿيندو.

سان به ڪئي آهي ته ڊسڪو ڊانس ڪندڙ اولاد ڀڄن ڪي به ائين ڀڄا گهرن
ڏانهن تي روانو ڪري. پينگهو ۽ پڃري ۾ بند طوطو ناٽڪ جون تمثيلي علامتون
آهن. هڪ درشيه ۾ اَمان پينگهي ڏانهن مخاطب تي وارتالاپ به ڪيو آهي.

ناٽڪ ۾ ٢٠ اَداڪارن جي ننڍڙي بٽالين آهي. جيڪا سنڌيت جي
سرحد تي سنڀالي. هن بٽالين جا آفيسر آهن، هدايتڪار جڳديش شرما، لاثاني
ڳائڪ گهنشيام واسواڻي ۽ گيتڪار واسديو نرمل ۽ پريو وَفا. ’اَسين سنڌي‘ سنستا
جي جئرام روپاڻي ۽ سندس پريوار هن بئلي ڪي درشڪن تائين پهچائڻ جي
ذميواري نڀائي آهي.

واسديو نرمل شاعر، مضمون نويس، ناٽڪ نويس، اَداڪار، هدايتڪار
پڻ آهي. ننڍپڻ کان ناٽڪ لکڻ جو عبور حاصل ڪيل اٿس. ڀين ٻولين مان به
طويل ناٽڪ اُلٿو ڪري، ڪين سنڌي جامي ۾ ويڙهي پيش ڪندو آهي. ناٽڪ
نويسي ۽ رنگه منچ سان چاليهن سالن کان جڙيل رهڻ ڪري رنگه منچ لاءِ جديد
ٽيڪنڪ جي ڄاڻ تو رکي. گجراتي، مراٺي، بنگالي، هندي، اُردو ۽ تامل ناٽڪ
جيڪي ڪيس وڻندا آهن، تن جو لطف پنهنجي جاتيءَ کي ونائڻ لاءِ اُهي
سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪندو آهي. هن جا ناٽڪ وشيه جي خيال کان گنڀير ۽ پيش
ڪش ۾ مذاقي ۽ وندرائيندڙ آهن. هن جي ناٽڪن جا مجموعا آهن : -

١- ٻوڙا اَچي مڙيا ۾ (پنج ايڪانڪيون)
٢- بنا ڏيتي ليتي شادي ۾ (چار ايڪانڪيون)
٣- عوِرت ۽ ٻوتل
٤- سس ڙي سس (ڇهه ايڪانڪيون)
٥- اَمان توکي خبر آهي، ٻارن لاءِ مونو لاڳ آهي.

لاڏي لاڏي آندي، پلئه پلي، جڏهين مان نه هوندس، هڪ، ٻه... ٽي،
رات جو ١١ بجه، ضرورت آه جوءِ جي، مِس ريٽا لکيل هنجا ناٽڪ اِسٽيج تي
اچڻ جي اِنتظار ۾ آهن. ’هيءَ پياسو من منهنجو‘ ١٩٦٦ع ۾ مرهٽي ٻوليءَ
مان اُلٿو ڪيو اٿائين.

■■■■■■■■ ❖ ❖ ❖ ■■■■■■■■

سنگيت، گيت، نرتيہ ميہ ھيءُ ناٽڪ بئلي جو ھڪ دلڪش نمونو آھي
جنھن تي ناٽڪ نويس جي رنگہ منچ جي سوجھہ ٻوجھہ جي مُھر لڳل آھي.

ناٽڪ جي ڪٿانڪ جو موُل سوتر 'پينگھو' آھي. فئشن جي ھن دؤر
گھرن ۾ نہ پينگھون آھن ۽ نہ پينگھا. پينگھو ھن ناٽڪ جي پراپرٽي نہ پر ھڪ
ڪردار آھي جنھن گونگي ڪردار جي جذباتي زبان آھي اَمان ! ھوءَ بزرگن ڪي
ياد ۽ نؤجوانن ڪي چاڻ ڏيندي تي رھي تہ پينگھو سنڌي جيون ريت، سڀيتا
سنسڪرتيءَ جو مکيہ حصو آھي.

جيون جي سفر ۾ جيڪي رسمون رواج، خوشيون، ڏڻ وار آھن تن ج
سنڌي جيون ريت جي نسبت ۾، ھن ناٽڪ ۾ درشن ٿيندو ٿو نظر اَچي. ھن
ڪن وڏن گھرن ۾ چِت ۾ لٽڪندڙ پينگھون يا جھولا آھن. اُھي ڏسي ۽ اَمان جي
ھن سنڌي پينگھي کي ياد ڪري احساس ٿو ٿئي تہ مبادا پينگھي جو پارٽ
جي سڀيتڪ پرمپرائن سان ڪو آدي جڳادي ناتو آھي. ناٽڪ ۾ پينگھي
سان گڏ ٻيا سماجي ڪارج بہ آھن. مذاقي لاڏو 'گھاڙي جي مڇي جھينگو
نئين سِر ياد ڏياريو ويو آھي. ٻين لاڏن ۾ بہ نواڻ جو سواد آھي. نؤجوان ٿهي
کي سنڌي ورثن جي چاڻ ملندي. اڄ جي بزرگہ پيڙھيءَ تہ پينگھن ۾ نانين
ڏاڏين کان لوليون ٻڌي رس مائيو ھوندو. اَڄ جي نؤجوان پيڙھي، جيڪا اُنھي
اَلوڪڪ آنند کان وانجھيل آھي ۽ پينگھن ۾ لڏڻ بجاءِ ڊسڪو ڪري پنھنجي شر
کي ٿي لوڏائي، اُھا پيڙھي ھن ناٽڪ ۾ پريم رس جي درياھہ ۾ ضرور آنند مائيندي

پھرين انڪ جي ستين درشيہ ۾ پارٽ جي ورھاڱي جو ماحول آھي
ٻئين انڪ جا اَٺ ئي درشيہ ھِتان جي سوڙھين جاين ۾ پينگھي رکڻ لاءِ جاءِ
ھجڻ ڪري، اُنھيءَ کي گھر مان نيڪال ڪرڻ بابت آھن. ھيءُ اَنڪ اَمان جي
اُداسينتا ۽ حسرتن سان ڀريل آھي.

ڪاٺ جي پينگھي تي ڪلميہ نقش باندي جي ڪري پُراڻتوَ وياڳ
وڻان چئن لکن جي آڄ ٿي ٿئي پر اَمان پنھنجي جانِ جِگر کي گھر مان ڪڍ
رقم ولڻ جي خلاف آھي ۽ ڏرم جي پوٽيءَ پنڪيءَ کي پينگھو ڏاجي
ڏيڻ جي وصيت ٿي ڪري. پُراڻتوَ وياڳہ لاءِ ھيءُ A Lovely Antique
Piece of Art آھي. ۽ اَمان ناراضپي وچان ھن جي پيٽ گھر جي بزرگ

ڏيندا ۽ ڄاڻ پوندن تہ اَسانجا وڏا ڪير هئا، ڪٿي رهيا ۽ ڇو؟ پير حسام الدين راشديءَ جو مضمون ”سنڌ ڪي هندن اڏيو ۽ سينگاريو“ پڙهي ”اُهي ڏينهن ۽ اُهي شينهن“ پڙهڻ تي دل پئي ڏيندي. اِنَ مضمون پير علي محمد راشديءَ جا آهن. جيڪي وڏين هستين جي جيون تي روشني وجهن ٿا. وشنو شرما جو ”شري سنتو شهاڻي“، هري دلگير جو ”ڪاڪو پريداس ٽولاڻي“، آنند هگوراڻيءَ جو ”ڪرشن ڪرپالاڻي“ ڪرم يوگي سنڌين جون ڄاڻ وڌائيندڙ، ڳالهيون اوچو ڪندڙ جيونيون آهن. مانسنگهہ چوهرمل، منگهارام ملڪاڻي ۽ لالچند امرڏني مل جا مضمون پڻ قابل ذڪر آهن. سڀ مضمون تحقيقي ڄاڻ وڌائيندڙ آهن. هيءُ ڪتاب سمورو ئي اِسڪولي ۽ ڪاليجي درسي ڪتاب جي جاءِ وٺڻ جي لائق آهي. هن ڪتاب جي هر ليکہ کي پنهنجي اهميت، ڏاڪ ۽ سڳنڌ آهي. ٻي حقيقت اِها بہ آهي تہ شري رامواڻيءَ هن مشيني يگہ ۾ تهہ تڪڙ واري وقت ۾ وڏن بزرگہ ليکڪن جي رچنائن مان نچوڙ ڪڍي هڪ هنڌ ڇپايو آهي. سندس چونڊ بابت ڇا چئجي! هن جاتيءَ جي دل ۽ دماغ جي بکہ سچاڻي ئي وشين جي چونڊ ڪئي آهي. جاتيءَ جي اندر جو آواز اونايو اٿائين. محنت ۽ جفاڪشيءَ لاءِ داد لهڻائين.

سمنڊ سوجهيل سپون (مضمون سنگرهہ)

موتيرام ايس. راموائي سال : ۱۹۹۲

موتيرام ايس. راموائيءَ جو سمپادن ڪيل چونڊ مضمونن جو سنگرهہ
آهي. شري موتيرام راموائي ”هندواسيءَ“ ۾ لڳاتار سنڌي سنڌين بابت لکندو
رهيو. هينئر هن پنهنجا اُهي سڀ ليک، ”سنڌ ۽ اَسانجو ورثو“ جي عنوان
سان ڇپايا آهن. سنڌين جي دلين ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جي جوت جلندي رکڻ
هن ساهتڪار جو مکيہ مقصد هو. جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن تن، من ۽ ڌن
سان يوگدان ڏنو آهي. شري راموائي اُهو بزرگہ هو جنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۽
سنڌي ساهتيہ جي شيوا جي لڳن لڳل هئي. شاندار شخصيت، سادي لباس ۽
اوچيءَ سيرت وارو زندهہ دل، محنتي، اورچ، بزرگہ، سنڌ ۽ سنڌين بابت پراڻيون
حقيقتون ۽ اِتهاسڪ گهٽنائون هٿ ڪرڻ لاءِ ڇڳا جوڳہ پچائيندو هو. ساهتيہ
جي شيوا سندس دل کي فرحت ۽ ذهن کي آسودگي بخشيندي هئي. ساهتيہ
جو پراڻو قلداروڻ هو. ’سنڌ جي هندن جي تاريخ‘، امر ڏيرو لال، ٻلديو گاجرا ۽
سندس چونڊ رچنائون، چيتمل پرسرام ۽ سندس چونڊ رچنائون، نانڪ يوسف،
ساهتي رهاڻ جو سمپادن ڪري سنڌي ساهتيہ جو املهہ ڀنڊار ڀريو اٿائين.

’سمنڊ سوجهيل سپون‘ هڪ بي بها ۽ بي جوڙ ملهائتو اضافو آهي ۽
سمپادڪ جي اندر جي اُڇل جو نتيجو آهي، جنهن ساهتيہ جي سمنڊ ۾ ڀيهي
مٺيادار سپون هٿ ڪري، سوجهي، موتين کي سوڌي هن ڪتاب جي صورت
۾ آڻي سنڌين جي مدد ڪئي آهي تہ هو پاڻ کي ڄاڻن ۽ سڃاڻن.

ڀيرومل مهرچند آڏوائيءَ جي کوجنائمڪ ڪتابن مان چار ليکہ چونڊي
هن ڪتاب ۾ درج ڪيا ويا آهن.

”سنڌ مان سنڌين جي پهرين لڏ پلاڻ“، اروڙ ونسي“، ”هندن جو
سنڌ ۾ واپس اچڻ“ ۽ ”هندن جي لڏ پلاڻ جي تواريخ“ اتهاسڪ ۽ کوجنائمڪ
ليکہ آهن. ڀانڪ هيءُ ليکہ پڙهي ڀيرومل جون سڀيون رچنايون پڙهڻ لاءِ منتظر

ليڪ رواني ۽ واري ۽ ٻولي ۾ سري ڪرشن ڪنعيي جي ڪيترن چريترن جو ذڪر ڪيو آهي. مرڻ کانپوءِ موڪش جي خواهش رکڻ وارن کي جيئري ئي موهه جي مايا ڄار مان مُڪت ٿيڻ جي صلاح ڏيندي ليڪ هڪ بزرگ جي ڪهاڻي لکي آهي، جنهن ۾ مذاق جو تتو به آهي. تيابگه ياوَ سان، نرليپ ٿي سنسار ۾ سک ماڻڻ لاءِ پر اُپڪار جا ڪاريه ڪرڻ گهرجن.

ڪلجڳ ۾ ماڻهن جي مالي، سماجي، راڄنيتي ۽ ڌارمڪ درگتيءَ بابت ڀاڳوت پُراڻ ۾ اڳواٽ ئي اِشارا لکيل آهن ته لالچ، ڪام واسنا، پاکنڊ، رشوت، ڪپٽ، ڪروڌ زور وٺندا، جنهن ڪري ئي قدرتي ڪوپ به ٿيندا. پر جيڪي نشڪام ڪرم ڪندا، عيبن کان پاڻ بچائيندا، سڀني سان پريم پريو ورتاءُ ڪندا ته ڪين مصيبتن کان مالڪ بچائيندو. ليڪ هنن آدرشن کي وڌيڪ اثردار ڪرڻ لاءِ سنين ننڍين ڪهاڻين ۽ چُٽڪلن مان مثال ڏنا آهن. اُهي ڪهاڻيون حقيقتن جي بنياد تي لکيل آهن، جن جا آزمودا هيمن ڀائوءَ کي اڀياس ۽ سيوا ڪاريه جي دؤران پراپت ٿيا آهن.

هيمن ڀائو گرونانڪ صاحب جي پٽ جو پانڊيٽڙو آهي. گرونانڪ بابت به ليکه هن ڳنڍڪي ۾ آهن. ڀائوءَ جي عبارت ۽ خيالن کي پيش ڪرڻ جي ڏانوَ ۾ نواڻ آهي. ڪلپنا ۽ حقيقت جي آڌار تي آدرشي ڪهاڻيون آهن. جيڪي وري-وري پڙهڻ تي دل ٿيندي.

■■■■■■■■ ❖ ❖ ❖ ■■■■■■■■

ساوڌان !

هيمون ڀائو نانواڻي   سال : ٢٠٠٧، ڪنڊالا

ڀائو هيمن نانواڻي اَمرت ويلا آشرم جو نماڻو سيواڌاري ۽ ٻڌ جيوي شخص آهي. لکي ٿو ”وشوَ ۾ اکيچار پستڪ آهن جيڪي اِنسان جو مارگ روشن ڪن ٿا. ساهتيہ جي هن وشال ساگر ۾ هيءُ ’ساوڌان !‘ تہ هڪ بوُند برابر بہ ڪونہ آهي !“ حليمائيءَ جي هن مورتيءَ جي قلم مان ست ساهتيہ جو سواد ڏيندڙ سرل، سليس، سپڪ رواني‌ءَ واري‌ءَ سنڌيءَ ۾ هيءُ ڇوٽون ڪتاب آهي، جيڪو مڇي رڇي سينگار جي اِنسان کي ساوڌان ٿيڻ لاءِ للڪارينديءَ ظاهر ٿيو آهي. ساوڌان ۾ ڌرم-سيِيتا، سنسڪرتي، اِنساني وهنوارِ ٻولي، اِتهاس، راڄنيتي گيان-وگيان بابت ويچار آهن جيڪي خبردار ٿا ڪن تہ هن جڳہ يعنيٰ ڪلجڳ ۾ جنهن جي گهٽي ۾ گهٽي گهرج آهي سو آهي هرديہ ۾ پرماتما، اِنسانن، پسن، ديش، جنم ڀوميءَ، ماترڀوميءَ لاءِ پيار رکڻ. دلين ۾ پيار هوندو تہ اُهو وهنوار مان ظاهر ضرور ٿيندو. سڦلتا سان جيئڻ بہ هڪ ڪلا آهي. هن ڪلا جا ماهر ڄاڻن ٿا تہ دنيا جي دکن جو گهر آهي تہ سکن جو ساگر پڻ آهي. پرڪرتيءَ جا نيم اِنسان جي فائدي لاءِ آهن. پر فائدو بہ تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن اَسين ڪنهن سٺي ڪاريہ جو من ۾ سنڪلپ ڪنداسين ۽ هر حال ۾ مسڪرائينداسين تہ مصيبتون ٽڙنديون وينديون؛ هڪ-هڪ ٿي، هڪ-هڪ ٿي.

هن عام ماڻهوءَ کي سنڌس ٺي ٻوليءَ ۾، وشوَ جي هر کيتر ۾ آيل تبديلين کان واقف ڪيو آهي. اهڙين حالتن ۾ بہ ڪرم يوگي دادا ايشور ڀالاڻي جهڙيون ٻيون ڪيترِيون شخصيتون پيدا ٿيون آهن.

پراڪرتڪ آپدائون اِنسانن جي اَشڀ ڪرمن جو ٺي نتيجو آهن. هن طرف متوج ٿيڻ لاءِ ليکڪ هڪ نگر جي راجا جي ڪهاڻيءَ جو حوالو ڏنو آهي جيڪو ساهت ۾ ”دلوراءِ جي نگري“ طور پرسڌ آهي.

هن - جنمُ ۽ مرڻ. اڄ جي اِنسان جي هر وهنوار ۾ نقل ۽ بناوت آهي. سرشٽي
يڪ مان انيڪ جي اصول تي هلي ٿي. اپياسيءَ کي پنهنجي روز جي وهنوار
ي نظر رکڻ گهرجي ۽ پنهنجي اصليت کي ياد ڪرڻ گهرجي.

جيون جنم جنم جي ڪرمن جو سلسلو آهي، جيڪو انادي ڪال کان
علندو اچي ٿو. پسن کي ڳرڪائي هضم ڪرڻ وارا هڪ ڏينهن پاڻ پسون بڻجي
ڪنڌ ڪپائيندا. ماڻهو اڪثر سچ جي ڪوڙ تي چوٽ سهڻ لاءِ تيار ڪونهن. ليڪ
جو اصلي سوال آهي ته توهين جيون ۾ پنهنجو ڪيترو ڪلياڻ ڪريو ٿا! سچو
سکه ماڻڻ لاءِ آڌياتمڪ راهه تي هلڻ ضروري آهي. سچ جا ڪانکي ڪڏهن
رندا ڪين آهن. لوڀ پاپ جو مول ڪارڻ آهي. پرڪرتيءَ جو نياءُ اٽل آهي.

سنچت ڪرمن وارا ڦل ڀوڳڻ لاءِ هڪ هنڌ اچي ڪٺا ٿيندا آهن. هر
قت وويڪ کي جاڳرت رکڻ گهرجي.

علم سان گڏ عمل ناهي ته محنت اجائي آهي.

”ڌيان“ جي ڌار-ڌار ڏاڪن جي سمجهاڻي ڏنل آهي ۽ سماڌي ڌيان
جو آخرين ڏاڪو آهي. ڌيان ۾ ويهڻ سان ڦرٽا اچي ٿا ويڙهين. دان جو مقصد
ڏو آهي. ديا دان جو پاءُ آهي. سياستدان، نيتائون ۽ ڪرمچاري آهن چورن
ا پائر ڳنڍيچور... جڙواد جي وڌڻ ڪري اڄ صدي اڳ وارو جيون رس، آنند ۽
انتي غائب ٿي ويا آهن. استري آزادي جڏهن ڇڙواڳي ٿي بڻجي ته
نيجو آهي، اِخلاق ۽ چريتر جي ڳراوٽ.

پرشارٿ بنا پرالبڌ لنگڙو آهي ۽ پرالبڌ بنا پرشارٿ انڌو آهي. پُرشارٿ ۽
پريشرم ڪري پرالبڌ ٺهي ٿو. جيئن تِرن ۾ تيل آهي پر تيل، بنا محنت جي
ڪونه نڪرندو. اگر سنڪلپ سچو آهي ته پرشارٿ ۽ پريشرم سان پرالبڌ به بدلائي
گهجي ٿو.

سمنڊ سمايو بوند ۾ - ست ساهتيه

ڀائو هيمن نانواڻي - ڪنڊالا

هن ڪتاب ۾ ڀائو هيمن نانواڻي، امرت ويلا آشرم، ڪنڊالا واري جا ٨ ٢
ناياب ليک آهن، جن ۾ تتوگيان، اوچ چرتر، ڌرم، ديش ڀڳتي، سٺين عادتن ۽
انسانيت جي شبد ويچارن سان ٽمٽار خيال آهن. اُنهن خيالن جي پُشٽي لاءِ
آهن درشٽانت ۽ آکاڻيون، جن مان ڪي آهن ويدن، پراڻن، رامائڻ مهاڀارت
جي آڌار تي ته ڪي هن يگ، هن زماني، هن دور جي حالتن انوسار سکيا ڏيڻ
لاءِ آهن. سقراط، ارسطاطيل ۽ بيربل جي سچائي ۽ سياڻپ جا مثال آهن. هي
رچنائون ستيم، شوم، سندرم آهن. هن سنگره جي ٻاهرئين ڪورتي اِنساني
شخصيت ۾ يوگ ٻل سان ٿيندڙ تبديليءَ جو آڪار آهي ۽ سامي صاحب جا
سلوڪ پڻ آهن :-

"بوند سمائي سمنڊ ۾، تو ڄاڻي سڀڪو ئي
سمنڊ سمايو بوند ۾، تو سمجهي ورلو ڪوئي."

پٺئين ڪورتي ستيم، شوم، سندرم سان گڏ هڪ قدرتي نظاري جو چِتر
آهي ته "جيڪو سچ آهي سو ٺئي تو ۽ سچ ئي سندر آهي." ڀائر هيمن لکيو
آهي ته "جيون جون عادتون لڳاتار پريوگ سان سياءُ ٿيون بڻجن ۽ سياءُ سان
سنسڪار بڻجي هر جنم، جوڻ ۽ اوستا جو ڪارڻ ٿا بڻجن." آتم چنتن دواران
ان ليک کي جيڪا روشني ملي آهي اُنجو اِظهار هنن ليکن ۾ ڪيل آهي.
جنهن مان ڪي ڪجهه گڻ ٿا سکن ۽ سُکي ٿا ٿين. ڀڳتي، يوگ، ڪرم لاءِ سچو
سنڪلپ ڪبو ته ڪاميابي ضرور ملندي.

ڪنهن به ڪاريه جي سڦلتا سنڪلپ جي سچائيءَ تي مدار ٿي رکي.
ڪجهه به اَجائي ڏيکاو ۽ منورنجن لاءِ ڪبو ته ڪاميابي ڪونه ملندي.
سنڪلپ ڀوتڪ، ۽ آڌياتمڪ ٿيندو آهي ۽ ڪيل سنڪلپ جي پراپتيءَ لاءِ
صبر ۽ محڪم اِرادو هئڻ گهرجي. دنيوي پدارٿ ته پيا ملن پر، آتمڪ سک جي
پراپتي سنڪلپ سان ئي ملندي آهي. جيون هڪ ڪلا آهي جنهن جا ٻه چيرا

٣- ٻهوڀاشي ۽ مختلف ٻولين ۾ تعليم حاصل ڪندي ٻه سنڌين جا پاڻ ۾ روحاني، پنگتي ۽ تجارتي ناتا تمام پختا آهن. انڪري هو ٻين ٻولين جي سماجن ۾ لهه وچڙ ۾ اچڻ وقت پل سندن ٻوليون تا ڪتب آڻين پر پنهنجي قوم جي اندروني دائري ۾ سنڌيءَ جو ئي استعمال ڪن. ان ڏس ۾ جپانين وارو رخ اپنائي سگهجي ٿو. واپار ۽ وهنوار وقت هو غير جپاني ٻوليون ڪتب آڻين تا پر پاڻ ۾ ڳالهه-ٻولهه، صلاح-مشورو ۽ واپاري ڳجهن بابت پنهنجي ٻولي ئي استعمال ڪن تا. ائين ڪرڻ سان قوم ۾ پنگتي ايڪو قائم رهي ٿو ۽ تهذيبي سڃاڻ جي پاڙن کي پاڻي ملي ٿو.

٤- سنڌي ٻوليءَ بابت نااميدي اچي ويئي آهي. سنڌي پنهنجي ٻوليءَ بابت منجهي پيا آهن. اسڪولن مان سنڌي وڃي پيئي پويان پير ڪندي پر دراصل ڪابه (١) ٿورائيءَ واري ٻولي سرڪاري دفترن جي ڪاروباري ٻولي نه هئڻ سبب اُن ۾ تعليم يافت شخص کي روزگار جا وجهه گهٽ تا ملن. (٢) وهنواريءَ سبب ڪابه ٿورائيءَ واري ٻولي اوچ تعليم جو ماڌيم نه ٿي بڻجي سگهي. (٣) شاگردن کي اڳتي هلي اوچ سطح تي ماڌيم مٽڻو پوي ٿو. جيڪو روزگار ۽ اوچ تعليم لاءِ وڌيڪ فائديمند آهي. (٤) انڪري دستوري سطح تي سنڌي تعليم تان هٿ ڪڻي نه ڇڏڻو آهي. هرگز نه. (٥) سنڪٽ جي هن اوکي گهڙيءَ ۾ خانگي تعليمي سنستائون سجاڳ ٿين. سندن ڪوشش سان ئي سنڌي تعليم وري زور وٺندي. جيئن ڪوٽا ۾ سنت ڪنورام وديا مندر جو ماڌيم هندي آهي. هن وقت هن اسڪول ۾ ڪل ١٤٧ شاگرد آهن جن مان ١٠٤ سنڌي آهن باقي غير سنڌي. سڀ سنڌي شاگرد ”سنڌي ٻولي وشيه“ طور پڙهندا آهن.

راجستان ۾ سنڌيءَ ۾ ريگيولر ايم.اي. ڪانسواءِ انيڪ شاگرد پرائيويٽ طور پڻ ايم.اي. ڪن تا. بابا نيڀراج سينئر سيڪنڊري اسڪول جو ماڌيم هندي آهي. هتي غير سنڌي ٻه چڱي تعداد ۾ آهن. هن اسڪول جي خاصيت آهي ته هتي گهڻي ڀاڱي غير سنڌي شاگرد پڻ سنڌي وشيه پڙهندا آهن.

ڀارت ۾ سنڌي تعليم-هڪ جائزو

ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي   سنڌي اڪادمي، دهلي

ڊاڪٽر ڪنعيالعل ليکواڻي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ڪوجنيڪ، ڀِياسي
ڀاشا وگياني آهي جنهن جو مکيہ ڪم آهي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ تبديلين کان ڀانڪر
کي واقف ڪرڻ. ٻوليءَ ۾ نہ صرف شبدن، گرامرءَ ارٿ ۾ تبديلي ٿيندي آهي پ
اُن سان گڏ ڪن ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ وانگر ڳالهائيندڙن، ڀانڪن جي انداز
پڻ ڦيربدل ٿيندي آهي جنهن لاءِ ڪي راڄنيتي ۽ اِتهاسڪ گهٽنائون جوابدا
هونديون آهن ۽ ڪارڻ بڻجنديون آهن. اُن ٻولي ڳالهائيندڙن جو مانسڪ ويچا
بدلائڻ لاءِ. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت هنن سڀني قسمن جون تبديلون اچي
چڪيون آهن جن جي انگن-اکرن سان وچوڙ هن ڪوجنيڪ، هن ڪتاب ۾ ڏني
آهي. هيءُ ڪتاب مائٽن، ماسترن ۽ اِسڪولن-ڪاليجن سنسٿائن لاءِ ڏادي
ڪارائتو ۽ تز ڄاڻ ڏيندڙ آهي. ڪتاب لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ لاءِ ليکڪ کي
ڪيتريون ميٽنگون، گڏجاڻيون، سيمينار ڪرڻا پيا آهن ۽ تنهن کانپوءِ هن
حقيقتون ڪٺيون ڪيون آهن، جنهن لاءِ سنڌي سماج ڪيس داد جو مستحق
سمجهندي رهندي. ڪتاب جي شروع ۾ هن ليکڪ اُنهن سڀني ماڻهن جو ذڪ
ڪيو آهي جن شخصي پئماني تي يا سرڪاري پئماني تي ڪيس هن ڪتاب لا
مواد ۽ حقيقتون ميسر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

سڄو ڪتاب ڇهن بابن ۽ پنجن ضميمن ۾ ورهايل آهي، جن ۾
مکيہ ڳالهيون آهن تہ:-

١- ٻولي اِظهار جو وسيلو تہ آهي ئي پر اُن سان گڏ پنهنجي قومي ۽ جاتي
ورثي کي سانڍڻ ۽ وڌائڻ ويجهائڻ جو ساڌن پڻ آهي.

٢- دادا جشن جي لفظن ۾ چئجي تہ، ”ٻولي قوم جي آتما آهي. جيئن آتم
نکري وڃڻ بعد شرير بي جان ٿي وڃي ٿو، ساڳيءَ ريت ٻوليءَ بنا قوم نشپرا
ٿي وڃي ٿي.

سنڌي ٻال ساهتيہ - ٿيسز

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي   سال : ۲۰۰۵

ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي پي. ايڇ. ڊي. ڊگري وٺڻ لاءِ سنڌي ٻال ساهتيہ تي هيءُ تحقيقي مقالو لکيو آهي. جنهن ۾ ٻال ساهتيہ بابت سڄاڳہ ڪرڻ جي شڪتي آهي. ڊاڪٽر بلواڻي ٻهوڀاشي ساهتڪار آهي. هن هندي، گجراتي ۽ سنڌيءَ ۾ اٽڪل ۱۰۰ ڪن ٻيا بہ ڪتاب لکي پراديشڪ ۽ مرڪزي ساهتڪ ادارن مان اِنعام حاصل ڪيا آهن. ٻال ساهتيہ طرف شروع کان ئي سندس لاڙو رهيو آهي ڇاڪاڻ جو سنڌي بي زمين جاتيءَ جي روپ ۾ اُسريل آهي. ڏکين حالتن ۾ بہ جهجهيون ٻال ڪوتائون، ٻال ڪهاڻيون، قصا ۽ ناول، ناٽڪ لکيا ويا آهن جن مان اَسانجي جاتيءَ جي ورثي جي ڄاڻ ٿي پوي.

ڊاڪٽر بلواڻيءَ گوناگون آزمودا ۽ انگہ اکرگڏ ڪيا آهن. ڀاشا جي خيال کان هيءُ هڪ شاهوڪار ليکڪ آهي. سندس انداز-ي-بيان سرل، سهڻو ۽ دلچسپ آهي. ٻال ساهت بابت هرهڪ مؤضوع کي پنهنجي قلم جي دائري ۾ آندو آهي ۽ ٻارن جي نازڪ جذباتن کي چِٽڻ ۾ ڪمال جو ڪاريگر آهي.

ٻار سماج جو اهميت ڀريو انگہ آهن. هو قوم جو مستقبل ۽ قيمتي سرمايو آهي جنهن جي شريرڪ، مانسڪ، اخلاقي، ذهني، گيان ۽ وگيان جي واڌاري لاءِ خاص قسم جي ساهتيہ جي گَهرج آهي. هو چوڏهن، پندرهن سالن جي عمر تائين رنگين تصويرن وارا ڪتاب پسند ڪري ٿو. 'ٻار' لفظ جو مطلب ئي آهي جيڪو ننڍيءَ عمر ۾ لکي ۽ پڙهي ۽ اُهو ساهتيہ پڙهي جيڪو هنجي من، چِتَ، پسنديءَ ۽ ناپسنديءَ کي پرکڻ ۾ مدد ڪري، ٻار جي چرتر ۽ شخصيت کي اڏڻ ۾ صحيح رُخ ڏئي. ٻال منو وگيان ۽ ٻال ڪلپنا شڪتيءَ جو اُپيوگہ ڪري.

تصويرن سان جادن، پرين، جِنن، ڀوتن جون ڪهاڻيون، ڏند ڪٿائون، لوليون، پرڀاتيون، لوڪ گيت وغيره ٻال ساهت جو حصو آهن. جيڪي سوَلي

ڪن اسڪولن ۾ سنڌي وشيہ طور پاڙهي وڃي ٿي پر درسي ڪتاب، امتحاني پيپرن ۽ ماسترن جي ٽريننگ جهڙين اهم ڳالهين ڏانهن خاص ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي.

اجمير ۾ سنڌي ماسترن جي ٽريننگ لاءِ هڪ سرڪاري مرڪز آهي پر سرڪار جي غلط نيتيءَ سبب ان جو فائدو غير سنڌي پيا وٺن. (صفحہ ۴۰)

هن وقت ڀارت ۾ سنڌيءَ جي بنيادي ۽ اوچ تعليم ڏانهن گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. سنڌي ڪالونين جي اسڪولن ۾ سنڌي ٻار وڏيڪ انداز ۾ پڙهن ٿا انهن جي حالت بهتر آهي. سنڌي ماڌيم بدران سنڌي وشيہ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ گهرجي. سيني سنڌي شاگردن کي لازمي طور ماتر ڀاشا پڙهڻ جي ڏس ۾ پختو ۽ عملي قدم کڻڻ گهرجي.

درسي ڪتابن جي سهوليت ميسر ڪرڻ گهرجي.

سنڌي لائبررين جي سهوليت ميسر ڪجي.

سنڌي ٽڙيل پکڙيل قوم هجڻ سبب ڪن شهرن ۾ سنڌي تعليم جون سهوليتون گهٽ آهن، انگريزيءَ جو زور وڌندڙ آهي. سکيا ورتل سنڌي ماسترن جي کوٽ آهي. انتظامي سنڌي تعليمدانن جي کوٽ آهي. سنڌي تعليم جو معيار گهٽجندڙ آهي. گهڻي ڀاڱي سرڪار سنڌي اسڪولن جو معيار ۽ ماحول، ماستر، فرنيچر، صفائي ۽ تعليمي سامگري معياري نہ آهي جنهن ڪري مائٽ پنهنجي ٻارن کي انهن اسڪولن ۾ نٿا موڪلين.

سرڪار جي بي رخي ۽ سنڌي سنستائن جو غير ذميدارانا نظريو سنڌين جي پنهنجيءَ ٻوليءَ ڏانهن لاپرواهي ناأميديءَ پيري آهي.

سلسليوار ڪتابن جي نالن ۽ ليکڪن جي نالن جي وچوڙ آهي. سنڌي ٻال ساهتيہ سان جڙيل ڪوبہ پهلو هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر يا اڻ ڇهيل رهجي ڪونہ ويو آهي.

ڊاڪٽر بلواڻيءَ پنهنجي کوج ڪاريہ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ساهتيہ جي ٽڙيل پکڙيل ذخيري کي ڪن لائبررين مان ۽ دوستن وٽان هٿ ڪرڻ ۾ پڻ چڱي محنت ڪئي آهي. اڏو گابرا دستخط سان بہ نور نچويو. سنا ٻال گيت ٻارن لاءِ رانديڪن وانگر ٿيندا آهن. ٻار انُهن کي سُرَ-تالَ لئہ ۾ گنگنائي آنند مائيندا آهن ۽ وڏن کي موهِت ڪندا آهن. گيت ٻارن کي ياد بہ جلد پوندا آهن جو وقتائتي سرل ڀاشا ۾ آهن ۽ ٻارن جي دل مان ڊپ ۽ نفرت ڪڍي ڇڏيندا آهن. هنن ۾ ناٽڪ جو انس ۽ مذاق هوندو آهي تہ ٻار ڏاڍو خوش ٿيندا آهن. ٻال لوڪ گيت تہ جاتيءَ جو وڏو سرمايو آهن جيڪي ٻار راند روند ڪندي دهرائيندا رهندا آهن. ششوُ گيت يا نرسري رائيمس ۾ ناٽڪپڻو سرلتا، وندر ۽ ڪلپنا ٿيندي آهي. سنڌيءَ ۾ جهوني ۾ جهونا ٻال گيت آهن لولي ۽ پرڀاتي، جنهن جو مثال آهي:

وئي رات گذري' اُٿي جاڳہ جاڳہ'
ڦٽي آهہ پرڀات' ٿيءُ تون سجاڳہ'
اُٿي تازگي وٺ' اُٿي چست ٿيءُ'
نہ تون سست آهين' نہ تون سست ٿيءُ.

ٻار آکاڻي ٻڌڻ لاءِ نانين ۽ ڏاڏين جي ويجهو هوندو آهي. ٻار جانورن ۽ پکين جون، ويرتا ۽ بهادريءَ واريون ڪهاڻين کي ڇهندڙ گهڻ ڪردارن واريون، ڪلپنا لوڪ جو سير ڪرائيندڙ ننڍيون ۽ ٽڪ بنديءَ واريون ڪهاڻيون ٻڌڻ لاءِ نانين-ڏاڏين جو وشيہ جن ۾ فئنٽسي هجي. مڪي مائوس، ميان ڦسڪي، ڪاڪو ڪوڏومل، راجو رڇ وغيره ڪهاڻيون بہ ٻارن کي پسند آهن.

مذاقي ناول، راجا ۽ راڻين جا ناول، جادو ۽ جادوگرن، موهن ڪلپنا جو سرگہ جي ڳولها، جڳديش لڇاڻيءَ جو روپ نگر جي راجڪماري، گلن-ڦلن

ٻوليءَ ۾ ٿورن ۽ گھٽ اکرن ۾ ٿيڻ گھرجي. آکاڻي ٻارن جي پسنديءَ جي وشي
آهي. اُنهيءَ ۾ وندر، سرلتا ۽ تڪ بندي هوندي آهي.

ٻال ساهتيہ اُهو آهي جيڪو ٻار چاھ سان پڙهن. پلي ٻاتي ٻولي هجي ۽ پريپڪيدار ڪوَر، وڏي ٽائيپ، ٿلهو پنو هجي معياري ۽ آدرشي نئين ڄاڻ، نوان ويچار، ڪلپنا جو وڪاس ڪندڙ، نئون اُتساھ ڏيندڙ، سياويڪ ۽ قدرتي هجي. دنيا جون ڳالهيون، جيوَ-جنتو، پکي-پسوُن ۽ وگيانڪ ايجادون بہ ٻال ساهتيہ جا حصا آهن.

جهونا ٻال ساهتڪار هئا فتح چند واسواڻي، منشي اُڌارام ٿانورداس جن طوطي نامو انواد ڪيو. ننديرام ميراڻي جنهن ايسپ جون آکاڻيون ترجمو ڪيون، گرداس مل بيتال بچيسي انواد ڪيو. اِمام بخش-چار درويشن، گل بڪاولي-حاتم طائيءَ جو قصو انواد ڪيو. هاسارام ۽ صويراج سنسڪرت مان پنچ تنتر انواد ڪيو ۽ جهمتمل هِتو اُپديش انواد ڪيا. مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس ڪيترين ٻال ڪوتائون ۽ ٻال ناٽڪ لکيا آهن. اُن وقت گلستان، ڦولستان ۽ جوت ٻال رسالا بہ نڪرندا هئا.

ورهاڱي کانپوءِ ديوناگريءَ ۾ چندا ماما، ٽارزن، گلڙا ۽ فئنٽم وغيره تصويري رسالا نڪتا آهن. جيوت گوگيا، پرسرام ضيا، گورڌن ڀارتي، هري دلگير، ڄگديش لڇاڻي، واشديو سنڌو ڀارتي، هوندراج بلواڻي، ڊاڪٽر ديال آشا، ڀڳوان نردوش، ڪمل پياسي ۽ کيمچند مولاڻي وغيره ٻال ساهتيہ ۾ اِضافو آندو آهي.

ڊاڪٽر بلواڻيءَ جو رايو آهي تہ ٻال منووگيان موجب عمر جي لحاظ کان ٻارن جا جدا-جدا پهلو آهن. جيئن تہ ٻالڪ، ششو ۽ ڪشور. تنهين اوستائن لاءِ جدا-جدا ساهتيہ آهي. ورهاڱي کان اڳ گھڻو ٻال ساهتيہ زباني هو. ٻال جيونين، گيان وگيان، سير سفر پرولين، ٽوٽڪن تي ڇپيل ڪتابن جي وچوڙ ڏنل آهي. هن ڪوجنيڪ پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ جيڪي خاڪا شامل ڪيا آهن تن ۾ ١٩٤٧ع کان پوءِ جي اصلوڪن ۽ انواد ٿيل ٻال ڪتابن، رسالن، اِسڪولي مخزن، ڪالمن، ريڊيو، ٽي.وي. تان پرسارت ٿيل ناٽڪن جي

ويندا آهن. هن گرنٽ جا خاڪا ۽ انگه اکر ڏيکارين ٿا تہ سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ جهجهو ئي آهي. گلستان پبليڪيشن، ويٽا پبليڪيشن ٻال ساهتيہ ڇپائين ٿا پر گهٽو ڪري ٻال ساهتيہ ٻارن تائين گهٽ ٿو پهچي. اُنهن لاءِ هڪ مرڪز هئڻ گهرجي. اِسڪولن ۾ ٻال لئبرريون هئڻ گهرجن. چلڊرين بوڪ ٽرسٽ بہ هن ڏس ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. هوندراج بلواڻي ٻال ساهتيہ ڇپائڻ لاءِ سٺيون صلاحون بہ ڏنيون آهن. پر هن وٽ اُهو ساهتيہ ٻارن تائين پهچائڻ لاءِ ڪي بہ رٿائون ڪونهن. ڪتابن جي ناهہ جوڙ، سجاوت، تصويرون ڇپائي پنو رنگين ڪوَر ٻارن کي پاڻ طرف ڇڪي سگهن ٿا. ننڍو ٻار اکرن کي گهٽ تصويرن کي وڌيڪ سڃاڻي ٿو ۽ تصويرون بہ رنگين هئڻ گهرجن. نئشنل بوڪ ٽرسٽ ۽ پبليڪيشن ڊويزن چلڊرينس بوڪ ٽرسٽ وغيره ڀارت جي لڳ ڀڳ سيني ٻولين ۾ ٻال ساهتيہ ڇپائين ٿا ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو بہ ڪرائين ٿا. پر هنن اِدارن هن وقت تائين هڪ بہ سنڌي ڪتاب نہ ڇپايو آهي. هن ڪارڻ ئي اسان جو ٻال ساهتيہ ٻين ٻولين لاءِ اڻ سڃاتل آهي. هوندراج بلواڻيءَ جو هيءُ ڪتاب ديس پرديس ۾ سنڌي ٻال ساهتيہ جو، ماڻ ۽ ڄاڻ وڌائيندو جو هُن وقت جي تقاضا پوري ڪئي آهي.

جي راڻي، هلي ڪيو مقابلو ۽ لال هيري جي ڳولها وغيره ٻال ناول آهن. ٻُراڻ
جي ڪٿائن وارا مذاقي ۽ اِتهاسڪ ناٽڪ به ٻارن کي پسند آهن. ٻارن جي ڏا
لاءِ ملڪي، اتهاسڪ، سماجڪ ۽ ڌارمڪ مدبر هستين جي جيوني به ٻال ساهتيہ
جو حصو آهي.

ٽوٽڪن ۽ چُٽڪلن جا ڪتاب به ٻارن کي وڻندا آهن. ١٣ نمبر خاڪي
۾ ٻال رسالا ۽ ١٤ نمبر خاڪي ۾ اخبار ۽ مئگزنس ۾ ٻال ڪالمن جي وچور آهي
١٥ نمبر خاڪي ۾ سنڌي اِسڪولي مخزن جي وچور آهي.

اَحمدآباد، دهلي، ممبئي آڪاشوائيءَ تان ٻارن لاءِ به پروگرام پيش
ڪيا ٿا وڃن. آڪاشوائي، دوردرشن کان سواءِ ٻيا سرڪاري ۽ غير سرڪاري اِدا
۽ سنسٿائون ٻال ساهتيہ جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪندا رهن ٿا. البت سنڌيءَ
اِهي پروگرام ٻين پراديشڪ ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهن.

آڪاشوائي جئپور، ڍولڻ راهي جا ناهيل ۽ هنجي ئي آواز ۾ ٥٠ ڪن
ٻال گيت رڪارڊ ڪري رکيا آهن جن مان ڪي وقت به وقت جئپور ۽ ٻين
آڪاشاوائي ڪيندرن تان وڄندا رهندا آهن. آڪاشوائي احمدآباد به ڪوي
'بيوس' ۽ هوندراج بلوائي جا ٻال گيت رڪارڊ ڪري رکيا آهن. آڪاشوائي ي
وڏن ودوانن جا ٻال ساهتيہ بابت لکيل مقالا به پڙهيا وڃن ٿا.

١٦ نمبر خاڪي ۾ جاڻايل آهي تہ ڀارت جي تعليمي کاتي جو ادار
N.C.E.R.T. ٻال ساهتيہ تي ١٨ ئي ٻولين جي ليکڪن کي اِنعام ڏيندو آهي
١٩٥٧ع کان هن اِداري سنڌي ٻوليءَ جي ٻال ساهتيہ جي ڪتابن کي اِنعا
ڏنا آهن. سينٽرل هندي ڊئريڪٽوريٽ طرفان آديپور ۽ احمدآباد ۾ سنڌي ٻال
ساهتيہ لکڻ بابت به ورڪشاپ ڪيا ويا آهن ۽ ڀوپال سيمينار ۾ هوندراج بلوائي
'سنڌي ٻال ساهتيہ' جو تنقيدي جائزو مقالو به ٿي رهيو آهي.

١٧ نمبر خاڪي ۾ گجراتيءَ مان ٻال ساهتيہ تي سنڌيءَ ۾ انواد ٿيل
ڪتابن جي لسٽ آهي. 'ٻالڪن جي ٻاري' انترراشٽريہ سنسٿا جي روپ ۾
سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلجي چڪي آهي. جتي ٻارن کي آکاڻيون، گيت، ناٽڪ سيکاري

’وساريان نہ وسرن‘‘ ۾ ظاهر آهي. هن شخص ڪتنب، سماج، ماحول، سنتن،
رديون ۽ مهاپرشن وٽان سکيائون سنسڪارن جو اثر آهن ۽ ان سبب ئي هوُ اچ
ڪنهن اوچ پد جو اڌڪاري ٿيو آهي. سنسڪار سمپتي، ملڪيت ۽ موڙي
آهن جن کي جيترو اِستعمال ڪبو اوترو وڌندا. هن ئي ليکہ ۾ ڊاڪٽر ديال
آشا‘ گروءَ جي ڪرپا کي قبول بہ ڪيو آهي. ’وساريان نہ وسرن‘ ليکہ ۾ ليکڪ
جي ٻچپن جون يادون آهن. ليکڪ پنهنجي سياوَ سان نهڪندڙ ٻوليءَ جو
عني سرل ۽ سپڪ سنڌيءَ جو استعمال ڪيو آهي. پر هت شايد ماحول ۽ اثرن
ان متاثر ٿي ’پتاجن‘ لاءِ ’والد‘ ۽ ’پڳوان جي مهرباني‘ لاءِ ’الله جي عنايت‘
الله لوڪ‘ وغيره اکر جو اِستعمال ڪيو آهي.

’اَجا پيي آهين سڀ نہ ويا سنسارمان‘ ۽ ’وڏڙن جو نرادر ٿو ڪيو وڃي.‘
يکہ ۾ هن پنهنجا ڪتا منا آزمودا بيان ڪيا آهن جيڪي حقيقتون آهن.
سٺن ماڻهن سان سمپرڪ دل خوش ڪئي اَٿس پر بزرگن ڏانهن نوجوانن جي
ل ۾ آيل تبديل جي ڪٽ ڪري کين سکيا ٿو ڏئي. مضمون ۾ بزرگن جي دکہ
جا درشيہ آهن.

پارت ۽ وديشن ۾ سنڌين اورچائي، اُدم ۽ محنت سان نالو ۽ ناڻو ڪمايو
هي ۽ سٺن سنسڪارن جي ڪري اُهو پر اُپڪار جي ڪمن ۾ لڳائي، بنا ڪنهن
يد ڀاوَ جي وَسُديو ڪتنب ڪم انوسار ديش جي شيوا ڪئي آهي. تعليم جي
يتر ۾، صحت جي کيتر ۾، ڌرمشالائون، قدرتي علاج ۽ يوگا ڪيندر، ڪالونيون
بيا گهر ٺهرائي سنڌين جو نالو ڪڍيو آهي. سنڌي سنت سنسڪارن جي کيتر
بہ اڳرا آهن. دنيا ۾ قدرتي آپدائن وقت بہ سنڌين وٽان وڏي مدد ٿي ملي.
هڙي جاڻ ’’سنڌين جو پارتواسين لاءِ يوگدان‘‘ ۾ آهي.

’راشٽر ايڪتا‘ ليکہ ۾ بہ ظاهر آهي تہ جتي ايڪتا آهي اُتي آنند ۽
تي آهن. ايڪتا جي اَڀاوَ ۾ پارت جيڪي ڪتا انگورڪاڏا آهن تن اِتهاسڪ
هٽنائن جو فنائتو بيان آهي.

پارت جا ’ويد‘ وشوَ جو املهہ خزانو آهن. هنن ۾ سمجهايل گيان ۽
يان جا سڌانت جديد دؤر ۾ وڏيڪ ڪمائتا ثابت ٿيا آهن. جنهن ڪري وديشي

ساهتيہ سرهاڻ (مضمون ۽ مقالا)

ڊاڪٽر ديال 'آشا'

ڊاڪٽر ديال 'آشا' جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ رهڻي، سماجي ۽ ڌارمڪ ڪارين مان سنڌيت بکندي آهي. ڄاتيءَ جي انيڪ سماجي ۽ ڌارمڪ ڪارين سان هن جي لاڳاپيداري آهي. ڊاڪٽر بنيادي طور پڪو پختو شاعر آهي. سنڌس لکيل دوها، بيت، گيت، غزل ۽ آزاد ڪوتائون عام ماڻهو چاهه سان پڙهندا ۽ ڳائيندا آهن. نثر ۾ بہ جيونيون، مضمون ۽ مقالا لکندو رهندو آهي. جڏهن بہ ڪٿي ڪي سيمينار، ميلا يا ساهتڪ گوشٽيون ٿينديون آهن تہ پيپر يا مقالو ضرور پيش ڪندو آهي. ساهتيہ ساڌنا پرڀ اُپاسنا وانگر هنجي روز مره جي مشغولين جو اهم حصو آهي ۽ ساهتيہ ساڌنا لاءِ ايپاس کي بہ اهميت ڏيندو آهي. هوُ پنهنجي نجي انڀوَن، سوچ، فڪر خيال ۽ ڪلپنا مان حاصل ڪيل درشٽي ڪوڻ وسيلي لڳاتار اُتي وڌندو رهندو آهي. رچنائن وسيلي اِظهار ڪندو رهندو آهي. شاعري، سنتن مهاپرشن، سماج سيوڪن، ساهتڪارن وغيره جون کوجناتمڪ جيونيون لکڻ ڊاڪٽر ديال 'آشا' جي آتم اِظهار جو وسيلو آهن. هو سنو گائڪ بہ آهي. ساهت سرجڻ ۽ سماجي ڪارج جو خفت اٿس، تنهن جو ڪارڻ صاف ظاهر آهي تہ هو پنهنجي ڄاتي، ٻولي، سڀيتا ۽ سنسڪرتي طرف پياريري ذميواري ٿو نباهي.

هن ڳتڪي ۾ ڪي مضمون سنڌيت سان واسطيدار آهن. جيڪي شخص سنڌيت، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيہ جا مجسما هئا تن جي ڪاريہ ۽ فن جي ملڙي مهڪ بہ هنن مضمونن ۾ آهي. مضمون نويسيءَ تي قلمڪاري ڪرڻ ڪانسواءِ ليکڪ آلوچنائون سمالوچنائون لکيون آهن، ''سنڌي شعر جي تواريخ'' لکي هڪ نشان قائم ڪيو آهي. هيءَ 'تواريخ' چڱي مددگار آهي. ڊاڪٽر ديال 'آشا' اٽڪل ٦٠ کن ڪتاب لکي سرڪاري، غير سرڪاري اِدارن مان گهڻائي اِنعام اڪرام، ٽرافيون ۽ مومنٽو حاصل ڪيا آهن. هن جي ڪردار جي وڏيڪ سڃاڻپ ٻن مضمونن ''شڀ سنسڪارن جي سمپتي'' ۽

حمل فقير سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪلام چيو آهي جيڪو 'ڪليات حمل' ۾ آهي هن پنهنجي عروضي ڪلام، بيتن ۽ ڪافين ۽ سنڌي لوڪ ڪهاڻين مان حوالا ڏنا آهن. ڊاڪٽر ديال 'آشا' شاعر حمل جي شاعرائين خوبين ۽ قوتن جي ذڪر سان گڏ اُن جي نيٽ سنڌي ٻوليءَ مان مثال ڏنا آهن.

''شاهه لطيف روحاني رهبر'' بہ ساهتڪ معيار وارو ليک آهي جنهن ۾ شاهه جي سورمين، سورمن، تصوف، ويدانت مان سهڻا مثال ڏيئي عشق، عاشق ۽ معشوق جو روحاني مطلب سمجهايو آهي.

ڊاڪٽر ديال 'آشا' سوامي ڀوڏراج جي ڪاويہ جو دارشنڪ ۽ ڪلاتمڪ وويچن لکي سنت ساهتيہ معرفت اِنسان جون اَکيون کولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سوامي ڀوڏراج جو درشن سندس ڪوتا معرفت لوڪ پريہ آهي. برهم، اهم برهم اسمي، پاڻ سڃاڻڻ ۽ پريم پاءُ پڳتي اپديشن معرفت رس رواني اپمائن روپڪن ۽ النڪارن سان اخلاق ۽ پهاڪن واري سرل ۽ سنڌيءَ ۾ بيتن، غزل ۽ رباعيون لکيون آهن جيڪي شانت رس واريون آهن.ڪ

'هنديءَ جو راشٽر ڪوي' مئٿلي شرڻ گپت ۽ 'سنڌين جو راشٽر ڪوي هوندراج دکايل' جي زندگيءَ تي روشني وجهندي ليکڪ سندن ڪاويہ جي خوبين، فن ۽ شخصيت جو بيان ڪيو آهي. ويهين صديءَ جو باني 'شاعر سائين ڪشنچند بيوس'، 'پرنسيپال ايل. ايڇ. اجواڻي' ۽ سندس يوگدان ممتاز 'شاعر شيخ اياز' جي شاعريءَ جو مختصر جائزو اعليٰ اديب 'ليکراج عزيز صاحب'، 'هردل عزيز شاعر پرسرام ضيا'، هردل عزيز شاعر هري دلگير صاحب'، شاعر 'ڪيئلداس فاني'، شاعر 'نارائڻ شيام' سنڌي ادب جي مايہ ناز مالهڻ 'پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي' ادبي مضمون آهن. اِنهن مضمونن سان مذڪور شاعرن ۽ ليکڪن جي تصنيفن، شخصيت جو عڪس ۽ خيال جو خاڪو، فن ۽ فڪر جي ڄاڻ ملي ٿي. ڊاڪٽر ديال 'آشا' جا هي مضمون سنڌي ادب ۾ هڪ اِضافو آهن.

ودوان بہ ويدن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ ويدن جي واڻي سنسڪرت سکيا هئا.

هنن ليکن ۽ بياني مضمونن کانسواءِ ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ جا ٻيا ساهتڪ
هستين، شاعرن ۽ ليکڪن جي جيون، ويچارن ۽ فن بابت کوجناتمڪ مقا
آهن. جن مان ڪي ساهتڪارنئين دؤرجا آهن تہ ڪي ١٨ صديءَ جا آهن

قديم سنڌ جي شعر جو جائزو وٺندي سنڌ جي اُنهن راڄنيتي
اِتهاسڪ گهٽنائن جو ورنن ڪيو ويو آهي جن سنڌي شعر تي اثر ڪيو آهي
اُهو اثر نہ صرف وشيہ ۽ موضوع تي آهي پر شاعريءَ جي فن جي نيمن تي ب
آهي. هن ليکہ مان سنڌ جي اتهاس جي بہ ڄاڻ پوي ٿي.

ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ ڪي ’’ڀڳتي ڪاويہ پرمپرائن‘ جو اڀياس آهي جنهن
جو ذڪر مقالي ۾ ڪيو ويو آهي. ڀارت ۾ ڀڳتي هلچل جي دؤر ۾ ڌار-ڌار پنٿن
جي مهاپرشن جي ڪاويہ رچنا ٿيل آهي. سنڌي ڀڳتي ڪاويہ تي ميران، ڪبير
تلسي جي ڪاويہ کان سواءِ صوفي مت ۽ ’نات‘ سمپردايہ جو اثر آهي ۽ جوڳين
جي جوڳہ جو ذڪر بہ سيني شاعرن ڪيو آهي. سنڌي ڀڳتي ڪاويہ ۾ شانت
رس، سرستا، اڌياتمڪتا، انتيءُ ۽ وهنوار جا سٺا نقطا آهن. نرگڻ ۽ سگڻ ڌارا
رام ڀڳتي، ڪرشن ڀڳتي، پريو پريم ۽ اڏيري لعل جي اُستتي آهن ۽ سنڌي
ڀڳتي ڪاويہ جي ڀاوَ چاهي ڪلاپڪش تي ڀارت جي ڀڳتي ڌارائن جي شاعرن
جو اثر آهي. گرو گرنٿ صاحب کان بہ متاثر ٿيل آهي. هن جڙواد جي يگہ ۾
هيءُ ڪاويہ اهميت وارو آهي.

شعر ۽ شاعريءَ ۾ دنيا جي ودوانن جيڪي ڌار-ڌار رايا ڏنا آهن، تن جو
اڀياس ۽ اوڪہ ڊوڪہ هن مضمون ۾ ڪيل آهي.

’’بهادر شاهہ ظفر‘‘ ’’حمل فقير‘‘ مضمون بہ کوجناتمڪ نئين ڄاڻ
ڏيندڙ آهي. دهليءَ جو آخرين مغل بادشاه بهادر شاه ظفر شاعر ۽ ديش ڀڳت
هو. هن جا اُردو غزل لوڪپريہ آهن. ١٨٥٧ع جي بلوي وقت انگريزن کيس
قيد ڪيو هو. مٿس تصوف جو رنگہ چڙهيل هو. هن جي ڪلام ۾ محبت
پريشاني، بي چئني، نراسائي، بي وفائي، شڪايت ۽ شڪوو آهي. ڪن غزلن
۾ اَرمانن جي لفظي تصوير بہ آهي.

صاحب جي شلوڪن تي عالماڻا ليک لکيا آهن. شري شانتي شهاڻي سامي صاحب جا ڪجهه شلوڪ انگريزيءَ ۾ انواد ڪري Song of the Spirit ڇپايو آهي. دادا ٽي. ايل. واسواڻيءَ به ساميءَ جا سلوڪ سمجهايا آهن. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ به سامي صاحب تي عالماڻو ڪتاب لکيو آهي. ڊاڪٽر ديال آشا 'سامي' صاحب جا دارشنڪ ويچار ۽ سلوڪن جي ساهتڪ، سيپتڪ ۽ ڌارمڪ اهميت سمجهائي آهي. ڊاڪٽر هڪ نئين جملي ڌانهن ڌيان ڇڪايو آهي ته راڌا سوامي پنٿ جو سامي صاحب تي اثر آهي. هوُ راڌا سوامي پنٿ جي سنستاپڪ ۽ پهرين گروءَ شري شوَ ديال کان به متاثر ٿيو آهي.

شاهه جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جو شاندار خزانو آهي. رسالي جا سڀ سُرَ سورٺي، دوهي ۽ بيت جي ڪاويہ روپ ۾ آهن. وائي شاهه صاحب جي پنهنجي ايجاد آهي. ڊاڪٽر صاحب شاهه جي ڪلام مان چونڊ مثال ڏنا آهن جن مان شرنگار رس، شانت رس، وير رس ۽ ڪَرڻا رس حاصل ٿو ٿئي. اڄ به شاهه جو ڪلام دنيوي وهنوارَ ۽ روحاني رمزن لاءِ رهبري ٿو ڪري. ليکڪ شاهه لطيف جي صوفي مت ۽ ويدانت وارن ويچارن بابت لکيو آهي ته شاهه لطيف جو فلسفو آهي ”وحدت الَ وجود“ جيڪو ساڳيو آهي ته ”برهم مان ئي ساري سرشٽي پيدا ٿي آهي.“ هن فلسافيءَ بابت شاهه لطيف جي ڪلام ۽ گرو گرنٿ صاحب جي باڻيءَ ۾ به هڪ ڀيٽ ڪئي آهي. جڳت مِٿيا ۽ فاني آهي سو سچن سالڪن کي دنيوي پدارٿن عيوض الله جو ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ کپي. شاهه عالمگير شاعر ۽ سنو وطن دوست پڻ هو. سندس ڪلام مان ظاهر آهي ته هن سڄي جهان جو خيرُ گهريو آهي. الله جي عاشقن جي ڀيٽ پتنگن سان ڪئي آهي ته پنهنجي خدا کي چنڊ کان به سهڻو ليکيو آهي. شاهه صاحب پنهنجي زندگي ۽ وهنوار ۾ ترقيپسند هو. مسڪينن جو حامي هو. موذين سان ڪونہ پوندي هئس. ڪلام معرفت اِنسانن کي ايڪتا جو سنديش ڏنو اٿائين ۽ هر وقت محنت ڪري مقصد تي رسڻ جي صلاح ٿو ڏئي.

شاهہ سچل سامي (سنڌي اساسي شاعرن جي نموني)

ڊاڪٽر ديال آشا سال: ٢٠٠٨ اَنجلي پبليڪيشن

ڊاڪٽر ديال آشا هيءَ تنقيدي تخليق سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پوجنيہ دادا جشن واسواڻيءَ کي سمرپڻ ڪئي آهي. شاهہ لطيف، سچل سائين ۽ سامي صاحب جا دلڪش چتر ڪتاب ۾ جوڳن پنن تي پيش ڪيا آهن. سنڌ سڳوريءَ جا هيءُ ٽيئي شاعر فلاسافر هوندي درويش ۽ سنت پڻ آهن ۽ ثابت آهي تہ ”شاعري پيغمبري اَست.“

شاهہ جو رسالو جنهن ۾ سنڌي شعر جو خزانو آهي تنهن ۾ سنڌي سوچ، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جا اَنيڪ لفظي منظر پڻ چٽيل آهن. ڊاڪٽر ديال آشا اهڙي رسالي جي ۽ اُنجي خلقيندڙ جي ساهتڪ خوبين ۽ دارشنڪ ويچارن جي اوکہ ڊوکہ ڪئي آهي.

شاهہ وانگر ساڳيءَ ريت سچل سرمست جي ڪلام سان سينگاريل ”سچل جو ڪلام“، ”راز نامو“، ”ديوان آشڪار“، ”رهبرنامو“، ”قتل نامو“، ۽ ”گداز نامو“ جي اوکہ ڊوکہ ڪندي ليکڪ لکيو آهي تہ سچل سائينءَ کي ’مالڪ جي محبت جي مستيءَ ۾ پنهنجي هستيءَ جي پرواهہ ئي ڪين هوندي هئي ۽ اُن وقت جي عوام ڪيس سچل سرمست ڪوٺيو آهي.

سامي صاحب يعني چئنراءِ بچومل لنڊ پنهنجي گروءَ مينگهراج، ڀاڻيڻ يا ساميءَ جو اهڙو ڀوئلڳ هو جو پنهنجي هستيءَ کي گروءَ ۾ سمائي شلوڪن ۾ سامي، مينگهو يا ڀاڻيڻ تخلص ڪم آنداڻين. هن پني جي چٽڪين تي سلوڪ گرمکيءَ ۾ لکي مٽ ۾ وڌا جن مان ڪي پوءِ ديوان ڪوڙومل کلناڻيءَ ۽ واڌومل مولچند سوڏي سنواري سنڌيءَ ۾ لکايا ۽ ڇپايا. پروفيسر بي. ايڇ. نا راڻي اُهي سلوڪ ٽيڪا ۽ سمجهاڻين سان ٽن ڀاڱن ۾ ڇپايا آهن. پرنسيپال ايل. ايڇ. اَجواڻي، ديوان ديارام گدومل شهاڻي ۽ پروفيسر جيٺمل پرسرام سامي

'ئي گَٽ غواصن' مقالن جو مجموعو

ڊاڪٽر ديال 'آشا'   سال: ۲۰۱۰ع

ليکڪ مقالي جي هِن مجموعي تي عنوان شاهہ صاحب جو بيت ڏنو آهي. ساهت بہ اونهو مهاساگر آهي جنهن ۾ هيرا موتي پکڙيا پيا آهن. هِن ودوان ۽ اَڀياسي ليکڪ ٽٻيون هڻي جيڪي ماڻڪ ۽ موتي هٿ ڪيا آهن، سي رتائتي ۽ فنائتي ڍنگ سان، پنهنجيءَ سرل عبارت ۾ لکيا آهن. شروعاتي پني ۾ ڊاڪٽر ديال 'آشا' جي 'سنڌي شعر جي تاريخ' بابت سنڌ جي ودوانن جا رايا آهن.

ليکڪ آزمودگار، اَڀياسي ۽ جاکوڙ ڪندڙ آهي. بنيادي طور هوُ شاعر آهي. هِن جيونيون، ست ساهتيہ ۽ ڪوجناتمڪ ساهتيہ سان اَدب جي خزاني کي ڀرپور ڪيو آهي. هِنجي عبارت سرل ۽ رواني‌ءَ واري آهي ۽ ٻولي بہ سپڪ ۽ سؤلي آهي. مقالن جي هن مجموعي ۾ ڪجهہ اُردو اَکر جهڙوڪ صنف، ورقداني، مفڪرءِ ثنا اِستعمال ۾ آهن تہ ڪي چيدا هِندي اکر پڻ آهن. جيئن تہ سانتونا، پانڊتيہ، اَناسڪت ڀاوَ، سمنويہ واد وغيره. هيءُ مقالا ڌار-ڌار وقتن تي ٿيل سيمينارن ۾ پيش ڪيل آهن. ۱۷۰ صفحن واري مجموعي ۾ ست مقالا آهن جيڪي بولڊ اکرن ۾ آهن. ٻاهرين ڪَوَر تي غواصن يعني ٽوٻن جي محنت ۽ قابليت جو رنگين چِتر آهي ۽ پٺئين ڪوَر تي دادا جشن واسواڻيءَ جو سنديش آهي تہ ڊاڪٽر ديال 'آشا' ڪيترائي پستڪ ۽ جيونيون لکيون آهن. الڳہ-الڳہ روحاني ۽ ساهتڪ شخصيتن تي ڪوجناتمڪ مضمون لکڻ وقت ليکڪ سندن ويچارن، فلسفن ۽ جيون جي ڪن گهٽنائن جو اثردار اظهار ڪيو آهي ۽ هرهڪ جي ڪاويہ رچنا مان خيال ۽ وشيہ سان نهڪندڙ مثال بہ ڏنا آهن. تنهن سان گ شاعرائين خصوصتن جو ذڪر ڪندي، مثال ڏنا اٿائين جن ۾ ڪي خاص ڀاوَ، رس، ڇند ۽ اَلنڪار آهن. آزادي آندولن جو ذڪر ڪندي سنڌي جي ديش ڀڳت شاعرن جي وڏي فهرست ڏيئي اُنهن جي شاعرائي فن ۽ ڀاوناٽن جا مثال

سائي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر آشا سچل سرمست جي جيون، فيلسوف ڪلام
۽ تصوف تي به روشني وڌي آهي. هيءُ شاعر عربي پرشن، اُردو، هندي ۽ سنڌي
ٻوليون ڄاڻندو هو. سندس گهڻو ڪلام سنڌي سرائڪيءَ ۾ آهي. سچل جي
ڪلام ۾ رس رواني، ميلاپ، موسيقي، شاعراڻي اڏام ۽ خيالن جي گهرائي آهي.
هن جا ڪاويه روپ شاهه لطيف جهڙا آهن. پر سچل ڪافيون ۽ غزل به چيا
آهن. شاهه لطيف اونهو آهي ته سچل اوچو آهي. هو پاڻ کي خدا جو گولو غلام
سمجهندو هو. سچل جي ترقيپسند ويچارن ۾ هندو مسلم ايڪتا جو پيغام
آهي. سچل ملن ۽ مولوين کي سچ چئي ڏيندو هو ۽ مٿن طنز به ڪندو هو
انڪري ئي جو بيباڪ ۽ بي ڊپو هو. سچل دين ۽ ڌرم جي ڪرسمن خلاف هو.
سچل شاهه لطيف وانگر لوڪ ڪهاڻين تي به ڪلام چيو آهي ۽ هن جي شبداولي
تي به شاهه لطيف جو اثر آهي. سچل جو آدرش منصور آهي.

ڊاڪٽر ديال آشا سامي صاحب لاءِ لکيو آهي ته هن ويدانتي ڪويءَ
پنهنجي سلوڪن دواران يوگه ساڌنا، آتم گيان، گرو مهما، گيان اگيان، اَوديا،
برهم، جيوَ، جڳت، مايا، مُڪتي بابت اُپمائن ۽ تشبيهن سان خاص ويچار
ظاهر ڪيا آهن. نت ناگر ڪرشن ۽ سندس مرليءَ جي ڌُن جو به ورڻن ڪيو
آهي. سامي صاحب جي فلسافي آهي ته سنسار نند واري سپني جيان هڪ
وڏو سپنو آهي. سو ساڌن جو سنگه ۽ ستسنگه ڪرڻ ضرور گهرجي. سامي صاحب
جي سلوڪن ۾ ڪبيرداس جي دوهن وانگر رهسيه واد پڻ سمايل آهي ۽ گ
رنت صاحب جو ساميءَ جي سلوڪن تي وڏو اثر آهي. سلوڪن ۾ روپڪن ۽
پرتيڪن معرفت سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ پتي پرماتما جو پرتيڪ آهي ته
اِستري ساڌڪ جو پرتيڪ آهي. شلوڪن جي ٻولي به سرل سپڪ سوادي
شڪارپوري لهجي واري آهي جنهن تي سنسڪرت جو اَثر آهي.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

۾ موسيقي ۽ راڳ ۽ راڳڻين جي آڌار تي بيت ۽ گيت لکيا آهن. هنن ڇندن، رسن ۽ بحر وزن سان نباهيو آهي. سوامي ٽيئونرام جون ڪوتائون هنديءَ ۾ به آهن. هِن تصوف ۽ ويدانت جا راز سمجهائيندي اَلنڪارن ۽ سي حرفيءَ جو به استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر ديال آشا جو هيءُ مجموعو سندس سنت ساهتيہ ۽ ديش ڀڳتيءَ جي ساهتيہ لاءِ لگن جو مثال آهي. هِنجي هيءَ لگن اَڀياس ۽ محنت سان گڏجي پاڻکن ۽ ساهتيہ جي طالبن لاءِ گهڻو ڪجهہ نئون ڏئي ٿي خاص ڪري سنت ساهتيہ ۾ ترقيپسند ويچار!

آخرين مقالي ۾ سورهين صديءَ جي سنت سورداس جي جيوني ۽ ڪوتا لاءِ لکي ٿو تہ سورداس جي ڪرشن ڀڳتي ڪاويہ جو اثر سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي سماج تي آهي.

۽ نواڻ سان ڀرپور آهن. اِها ڇوٽي عالم آشڪار آهي تہ قلم تلوارڪان وڌيڪ طاقت وارو آهي. سائين بيوَس ساڌو واسواڻي، فاني، خادم، ڇيتن ديوَ ورما، هوندراج دکايل، ليکراج 'عزيز'، هاسانند جادوگر هري دلگير، ڊاڪٽر سکايل، اَرجن شاد، پريوُ وفا ۽ رام پنجواڻيءَ وغيره جي شاعرين مان چوند مثال ڏيئي، حيدربخش جتوئي، نياز، فتح محمد سيوهاڻي، شيخ اَياز آغا صوفيءَ جي بيتن مان بہ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا وارن بيتن جا مِثال بہ آهن.

ڪوي هوندراج دکايل ديش ڀڳت، سماج سڌارڪ، فيلسوف ۽ ايشوَر ڀڳت هو. سنڌي ساهتيہ جو هيءُ قومي شاعر شخص نہ پر سنستا هو. هِن جي گيتن ۾ جان آهي ستلن کي بہ سجاڳ ڪندي آهي. هِن ۱۲ سالن جي ٻالڪپڻ ۾ ڪرشن ڀڄناوَلي، رام ڀڄناوَلي لکي سنڌين جي من ۾ روحاني رس جو آنند پيدا ڪيو. رام ۽ ڪرشن جي سڳڻ روپ جو ورنن ڪندي، اِظهار تو ڪري تہ برهم ئي ست آهي. ويدانت سوتر اَهم برهم ۽ تت توَم جي جهلڪ سندس ڪاويہ ۾ آهي. دکايل جا گرونانڪ ۽ اوتارن بابت رچيل شعر مشهور آهن. تنهن سان گڏ ڀڄناءُ، مکتي ۽ اَنتهہ ساڌنا بہ سؤلا شعر آهن.

'سنڌي شاعريءَ ۾ ترقي پسند ويچار' ساهتڪ سوجهہ ٻوجهہ ۽ کوجنا وارو مقالو آهي. ترقيپسند ويچارن جو بنياد ساميواد ۽ برابري آهي. جنهن جي جهلڪ هن ليکڪ سنت ساهتيہ ۾ بہ محسوس ڪئي آهي. شاهہ لطيف ۽ سچل سائين جي ڪلام ۾ هڪ جهڙائيءَ جي ڀٽ پرائي ڪيل آهي. ڊاڪٽر ديال آشا ۱۹ ۽ ۲۰ صديءَ جي شاعرن، سنت ڪوين ۽ صوفين جي شعر سان ترقيپسنديءَ بابت شعرگولهي مثال ڏنا آهن ۽ سمجهايا آهن.

هِن سنگرہ ۾ ليکڪ، سوامي ڏرمداس ۽ سوامي ٽيئونرام، ٻين سنتن جي ڪاويہ رچڻ کي ڪاويہ ڪلا ۽ ڀڳتي رس جي ڀن ڀن ڀاون سميت چِٽيءَ ريت سمجهائي مِثال ڏنا آهن ۽ لکيو آهي تہ مُٺ مان خرار جي خبر پوندي آهي. ليکڪ هِنن سنتن جي ڪاويہ کي ساهتيہ جي مکيہ ڌارا سان بہ جوڙيو آهي ۽ سندن جيونيءَ تي بہ روشني وڌي آهي. هِنن ٻنهي سنتن ۱۹ صديءَ

جوابداري کي ٿورا ماڻهو پاڻ تي هموار ڪندا آهن. تيرٿ بسنت جي ٻوليءَ
۾ رنگيني، رواني ۽ سي حرفيءَ جو اِستعمال آهي. سنڌي ساهت جي آتما شاهه
لطيف جي سُر سفر ۾ شاهه جي روحاني ۽ طبعي شعرن جا مثال ڏيئي ثابت
ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين ته هِن جوڳين جي سنگ ۾ پراڻ آزموداءِ ٻڌل
لوڪ ڪٿائون ڪلام معرفت ڇيون آهن. شاهه لطيف سچو سيلاني هو. سفرجي
تجربن جيڪي ڪجهه ٻاهرين اکين سان ڏٺائين، سو اندرين اکين سان پرکي
تمثيلي نموني سکيائون ڏنائين.

سريتا ناول جي وياکيا ڪري، ناوَل جي اِتهاس تي روشني وجهي ذڪر
ڪيو آهي ته گوبند مالهي، رام پنجواڻي، ڪرشن کٽواڻي، تارا ميرچنداڻي،
پوپٽي هيرانند اڻي، سندري اُتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، موهن ڪلپنا، هري
موٽواڻي، شيام جئسنگهاڻي، گوبند خوشحالاڻي ۽ ڪلاڌرمتوا جي ورهاڱي ڪانپوءِ
لکيل ناوَلن ۾ سنڌي جيون جي عڪاسي ڪيل آهي.

لوڪ اَدب جي هرهڪ شاخ ۾ عام ماڻهوءَ جي جيون ريت ۽ سوچ جي
عڪاسي ٿيندي آهي. سنڌي لوڪ اَدب جو ڀنڊار ڀرپور آهي جنهن ۾ سنڌين
جي جيون جا سنگهرش ۽ اُنهن جا جدا-جدا پراوَ آهن. لوڪ اَدب ۽ لوڪ
سنسڪرتي جو چِتر آهي. اڄ سڀني ٻولين جي لوڪ اَدب جي گهڻي اَهميت
آهي. گيت، ڪهاڻيون، پهاڪا، پروليون لوڪ اَدب جو حصو آهن. سچل جي
شاعريءَ ۾ راڄنيتي، ڌرم سماج جو چِتر ٻي باکيءَ سان پيش ڪيل آهي.
سچل ترقيپسند شاعر آهي. ننڍي ٿهيءَ وارن کي سچل سرمست جي ڪلام مان
آزاديءَ ۽ خودداريءَ جي ويچارن جو ورثو ٿو ملي.

پوپٽي هيرانند اڻي ۽ جينت ريلواڻي، لڇمڻ ڀمياڻي، ڊاڪٽر جيتو
لالواڻي، اِندرا واسواڻي وغيره ساهتيڪارن جي ڪهاڻين ۾ بزرگ ڪردارن جي
جيون گهٽنائن معرفت حقيقي جيون ۾ بزرگ سنڌي نگرواسين جي دکين ۽
تڪلفن جو چِتر آهي ۽ جوانن لاءِ اوشواس ٿو پيدا ٿئي. هِن جنريشن گئپ لاءِ
ڪي بزرگ به جوابدار آهن. اهڙا اِشارا به ڪهاڻين ۾ آهن. وقت اَنوسار بزرگن کي

ورق ۽ ويچار مضمون ۽ مقالا

سريتا شرما   سال: ۲۰۱۰

سريتا شرما کي وديارٿي جيون کان ئي ساهتيہ لاءِ دلچسپي هئي. وري
جو ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ لاءِ لڪچرر مقرر ٿي تہ ساهتيہ جي ڏار-ڏار وشين تي
لکڻ لاءِ سندس جڳياسا جاڳي پيئي. لکڻ تہ رتنا ير ٿيڻ ڪانپوءِ شروع ڪيائين
اڄان پنهنجي قلمي شؤنق سان نباهي رهي آهي. سريتا جي مضمون جو هي
پهريون ڳٽڪو آهي ”ورق ۽ ويچار“، جنهن ۾ ڏار-ڏار سيمينارن ۾ پڙهيل مقالا شامل
ڪيل آهن جن کي لکڻ لاءِ هن اَڀياس ۽ محنت ڪئي آهي ۽ سنڌي ليکڪائن
جي ڳٽپ ۾ اضافو آندو آهي. هن جي لکڻ جو اَنداز سرل ۽ رواني‌ءَ وارو آهي
ٻوليءَ جي سلست ۽ سادگي ميناج ۽ سرلتا سندس شخصيت اَندر سمايل ڪلاڪا
جي محنت ۽ لگن جو ثبوت آهي.

هيءُ تيرهان مضمون سندس اَڀياس جو نتيجو آهن ۽ اڄ اَسان
جي هٿن ۾ آهي. ذهين ۽ سمجهو پاٺڪ ئي سٺا جج آهن. سڀ مقا
معلوماتي آهن.

پهريون مضمون تيرٿ بسنت جي ناٽڪن ۽ ترجمن جي ڇاڻ ٿو ڏئي
سريتا پاڻ بہ ناٽڪ ڪلاڪار آهي. ناٽڪ پنجون ويد آهي جنهن ۾ وندر، تازگي
سنگيت، گفتگو ۽ ڀاوَ اَهڙا هجن جو درشڪ هيءَ دنيا ڀلجي ناٽڪ جي دنيا
کوهجي وڃي. تيرٿ بسنت ڇمندي چام رچناڪار هو. هن سنڌي ساهت ج
گهڙا ڀري تمتار ڪيا آهن. تيرٿ بسنت شيڪسپيئر جي هئمليٽ، آٿيلو
ائنٽوني ڪليئوپترا ناٽڪن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جرمن ليڪ
گئٽيءَ جو فائوسٽ، ٽئگور جو چترا، بہ اَنواد ڪيا آهن. ”ميرا“ هن جو خو
ساختو ناٽڪ آهي. ”جيون جوالا“ ۾ تيرٿ بسنت جون ايڪانڪيون آهن جن
۾ سماج، ڌرم ۽ راڄنيتي تي روشني آهي. هن جي ناٽڪن ۾ اصلوڪن ناٽڪن
جو هڳاءُ آهي. ترجمو بہ اَصلوڪيءَ رچنا جو پنر جنم آهي. ترجمي ڪرڻ جي

اُپنياس سنڌي اُپنياس

ڊاڪٽر ڄڳديش لڇاڻي، ويٽا پبليڪيشن

شري ڄڳديش لڇاڻيءَ جا ساهت ڪلا تي اڳ به ڪيترا ڪتاب لکيل آهن. هينئر 'اپنياس سنڌي اپنياس' لکي، سنڌي ساهت جي ڪوت جي پورائي ڪئي آهي. مکيه طور سڄو ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرين ڀاڱي ۾ تمام گهڻي محنت سان اپنياس ساهت جي سڀ کان لوڪپريه صنف تي ڇنڊ ڇاڻ ۽ صفائيءَ سان انساني جيون جي ٻاهرين ۽ آنترڪ ڄڳت جو اثر ڏيکاري دنيا جي عظيم ترين ويچاروانن جا رايا سوليءَ ٻوليءَ ۾ پيش ڪيا اٿائين.

ليکڪ ثابت ڪيو آهي ته ڪوتا، ناٽڪ، سنيما، چترڪلا يا سنگيت دواران پيش ڪيل ڀيٽ کان اُپنياس دواران پيش ڪيل ڀيٽ نرالو آهي. ڪتاب ۾ هنديءَ جا چيدا-چيدا اکر پنهنجي-پنهنجي جاءِ جوڙي ويٺا آهن. ڪتاب جي ٻئين ڀاڱي ۾ سنڌي اپنياس جي ٽن دورن جو سلسليوار اتهاس پيش ڪيل آهي. گهڻو زور ٽئين دور تي ڏنل آهي. ڇاڪاڻ جو ان دور تي ورهاڱي جو رت ورنو اثر آهي. پوءِ اهو سرحد جي هن پار به آهي ته هن پار به آهي.

ساهت پريمين لاءِ ڪتاب روشن منار آهي. اُپنياس جي عناصرن تي چٽيءَ طرح بحث ڪرڻ کانپوءِ اُپنياس جا قسم ۽ اُپنياس جي ڪهاڻي ڪلا ۽ ناٽڪ سان ڀيٽ ۽ تفاوت ڏنل آهي، سڄو ڪتاب ساهت جي ڪلاپکش تي لکيل آهي.

■■■■■■■■■ ❖ ❖ ❖ ■■■■■■■■■

بہ بدلجڻ گھرجي. ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي ۽ هربش واسواڻيءَ بہ اَهڙيون
ڪهاڻيون لکيون آهن.

’ضيا‘ عام ماڻهن جو لوڪ ڪوي هو. سڀاوَ جو نِماڻو، رهڻيءَ ۾ سادو،
مفلسيءَ ۾ گذر ڪندڙ ذهين بنيادي شاعر هو. هِن ننڍپڻ کان ونئي ڪوتا جا
گهڙا ڀريا آهن. ماستر چندر ضيا جا لکيل گيت ڳائيندو هو. سنڌ ۾ ضيا پريس ۾
ڪمپازيٽر جي نوڪري ڪندو هو ۽ اُلهاسنگر ۾ اِسڪول ۾ ماستري ڪيائين.
سنڌيءَ ۾ هوشيار هو. ضيا جا رچيل راڳ فلمن ۾ گونججندا آهن. نيڪ دل
درويش سڀاءُ وارو، غريبن ۽ مسڪينن جو آواز بُلند ڪرڻ وارو هو. تمام ٿوري
جيون جيائين.

ڪوجناتمڪ مضمون لکڻ، مقالا لکڻ ڪو سؤلو ڪونہ آهي. ڪتاب
ڇپائڻ بہ هڪ يگيہ ڪرڻ آهي. لکڻ دل ۽ دماغ، من جي اُڇل بہ آهي. سريتا
ايشوَر آنچل، نهڻي نِماڻي ڪنوَر۽ ميران جي ڪرشن ڀڳتيءَ تي بہ مِنڙا مضمون
لکيا آهن.

منهنجي هيءَ اُپتاروڏي نہ ٿئي ۽ توهانکي ڪتاب پڙهڻ مان آنند
رس ۽ گيان رس اصلوڪي روپ ۾ پراپت ٿين تنهن لاءِ هِت پورو ٿي ڪريان.
سريتا شرما جي محنت ۽ لگن ڪانسواءِ اِهو بہ اَهم آهي تہ هِن جو سنڌي ٻوليءَ
۽ ساهتيہ لاءِ هڏ ٿو ڪرڪي. هِن جي لکاوٽ اثرائتي آهي. پاٺڪ ۾ دلچسپي
ٿي پيدا ڪري. هينئر هيءُ مقبول ليکڪا آهي ۽ پڪ آهي تہ جلد مضمون
جو ٻيو مجموعو توهان جي هٿن ۾ ڏيندي.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

کيو آهي ۽ گوبند مالهي نثر نويس هوندي شاعرائي دنيا مان راڳ چوندي
ام جي دلين کي آنند ونايو آهي ۽ هڪ ڪشل ڪلاڪار وانگر رنگه منچ ۽ آوازي
دنيا کي سنڌي عوام تائين پهچايو آهي. عزيز جا شعر رباعيون، نظمون ۽ ديوان
ابل ذکر آهن ته انُهن ۾ سمايل اصطلاحن پريءَ ٻوليءَ ۾ ورهاڱي جو درد جو
حقيقي بيان مواد جي روپ ۾ آهي. واسديو 'نرمل' 'عزيز' جي شاعرائين خوبين
جيئن ته مبالغو، تشبيهه ۽ اندازي بيان جا عمدا مثال چونڊيا آهن.

پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻي جي شخصيت خودداري سادگي ۽ آشاوادي
ظريو عاشقاڻي طبعيت ۽ ساهت ۾ 'سندرم' جي ٻُوجهه جو ذکر آهي. هو ناٽڪ
ويس ۽ اداڪار هو. هنجي سهڪار سمالوچڪ هئڻ جي ڪري ڪيترا نوان
ساهتياڪر پيدا ٿيا آهن هن کي سنڌيءَ لاءِ پيار هو.

بيوس جي شعر ۾ ناري ۽ حقيقت نگاري مقالا محنت جو نچوڙ ته
هن پر انُهن ۾ بيوس جي شاعرائي خوبين جو ننهن کان چوٽيءَ تائين ذکر
هي.

گوبند مالهي سنڌ جي آزادي جي آندولن جو سپاهي راجنيتڪ نه
جي، ڪلاڌانهن مڙيو. هن ناول سمرات رنگه منچ ۽ آوازي ڪلچر کي اِنتظام
محنت سان گهر گهر پهچائي نڪائي ڇڏيو آهي.

نقشي پا جا ٻه ٽي مضمون مرهتي ساهتيه ۽ ناٽڪ ڪلا جي ڪلاڪارن
بت پڙهڻ سان پاڻڪ جو سواد بدلجندو ۽ واسديو نرمل جي هيءَ ڪوشش
لين آهي. ٻيءَ ٻوليءَ جي ڪلاڪارن کي پنهنجي جاتيءَ وارن سان ڏيڻ
ٽ تو ڪرائي ڇاڪاڻ ته ڪيس ٻه ناٽڪ، منچ ۽ ساهتيه سان گڏ مرهتي ڀاشا
دست رس آهي. هيءُ بنيادي مقالا سندس ايياس جي پيدائش آهن ۽ گڏ
يل سرمايا آهن. ناٽڪ نويس رام گٽيش گڊڪري، شروادڪر ۽ مرهتي رنگه
چ جو ڪامياب ڪلاڪار استري پارٽ ادا ڪندڙ باپو راءُ ماني. چوٿين مرهتي
سار جي هستي آهي سنت تڪروجي مهاراج جي جيوني. هيءُ مضمون

نقش - پا (مقالا ۽ مضمون)

واسديو نرمل سال : ٢٠٠٢

اُستاد شاعر واسديو نرمل جي قلم مان نڪتل ١٠ مقالن ۽ مضمونن ج
مجموعو آهي. جيڪو سدا آنند پبليڪيشن، اُلهاسنگر-١ مان جولاءِ ٢٠٠٢
پهرين ڇاپي جي روپ ۾ ڇپايو آهي. ليکڪ هيءُ مقالا پنهنجي اُستاد شري
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي اَرپڻ ڪيا آهن.

نقش - ي - پا ڪتاب جو عنوان آهي. مطلب اُتس قدمن جا پيرن ج
اُهي نشان جن تي ٻيا هلن. نقش نشان يا خاڪا آهي، زير اضافت مطلب
ڏيندو جا، پا - پير. هن ۾ سمايل سڀ مضمون هيرن جي ڪٽين جهڙا قيمتي
۽ چمڪات ڪيڏي، روشني ڦهلائيندڙ آهن. پرڪاشڪ ليکڪ جي واقفيت ڏني
آهي ۽ بزرگ اُستاد شاعر ارجن سڪايل عالماڻو مهاڳ لکيو آهي جنهن مان ب
ڪتاب ۾ سمايل مضمونن سان ڪافي گهٽي ۽ سٺي واقفيت پڙهڻ ڪان اڳوا
ئي ٿئي ٿي. ڪتاب جي ٻاهرين ريشمي پوش تي وقت جي واريءَ تي قدم
جا نشان آهن.

منهنجي ڏوريءَ ۽ نڏيءَ جاڻ انوسار ١٠ ئي مضمون ٣ ڀاڱن
ورهائي سگهجن ٿا. پهرين ڀاڱي ۾ اُنهن ڇئن ساهتڪ هستين تي لکيل پن
مضمون آهن جن مان ٻه ساڳي دؤر جا شاعر آهن ته ٻه ساڳي دور جا نثر نويس
جيئن ته ليکراج 'عزيز' ۽ ڪشنچند 'بيوس'، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽
وبند مالهي. هنن ڇئن ئي سنڌي ساهتيه جون چارئي ڪنڊون اهڙيون روش
ڪيون آهن جو جيستائين جهان هوندو سندن رچنائن مان نيون نيون ٻاڪو
ڦيون نڪرنديون جي سنڌين جي ايندڙ پيڙهين جي جاڻ وڌائينديون.

ساهتيه ۾ نثر ۽ نظم لکڻ جون حدون مقرر ڪيل ڪونهن. 'عزيز'
'بيوس' شعر ناٽڪ ۽ مضمون به لکيا آهن ته منگهارام ملڪاڻي وري ايڪانڪ
ناٽڪ مضمون سمالوچنائون، ناول سان گڏ ٽئگور جي گيتانجليءَ جو شعر ۾ انو

من (منووگيانڪ ليکہ)

شريمتي رڪمڻي سندر چينائي   سال: ١٩٩٩

هيءُ ١٩٩٩ ۾ ڇپيل مضمونن جو ڳٽڪو آهي، جنهنجا سڀ مضمون
هڪ ئي مؤضوع تي قلمبند ڪيل آهن. ليکڪا پنهنجي اَڀياس جي گهرائيءَ
۽ اَنڀوتيءَ جي اَحساس سان ”من“ جي وگيانڪ ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. اِنساني
من جي مانسڪتا، گيان-وگيان، من جي بناوت، من جي سماج ۽ مانسڪ
سرشتي گهر، آتما ۽ پرماتما سان اُنهيءَ جو ڪهڙو لاڳاپو آهي. هِنن سڀني وشين
بابت هن ننڍڙي پر سهڻي ڪتاب ۾ لکيل آهي.

مَنُ دلِ ۽ دماغ جو حصو آهي، جنهن ۾ سوچ، سمجهہ ۽ يادگيريءَ سان
گڏ اِڇا شڪتي، ڪلپنا شڪتي ۽ ڌيان شڪتيوان آهن. سرگہ ۽ نرگہ بہ من جي
پيدائش آهي. هيءَ ليکڪا سرل سَهج ڀاوَ سان روانيءَ واري ڀاشا ۾ رچنائون
لکي ٿي، جيڪي سمجهڻ ۾ بلڪل سؤليون آهن. هن ڪتاب کان اڳہ سندس
پندرهان ڪتاب ٻيا بہ پاٺڪن ۾ پسند پيا آهن، جن ۾ اَفسانا، غزل، گيت ۽ آتم
ڪهاڻي آهن. عام ماڻهوءَ واري ڀاشا ۾ ”مَنُ“ سمجهايل آهي. هن سنڌي ساهتيہ
کي منو وگيان جو تُحفو ڏنو آهي. منووگيان جو اَڀياس عام ماڻهوءَ لاءِ تمام
ضروري آهي. جنهن سان نہ صرف پنهنجي پر ٻين جي مانسڪ تَناوَن کي
سمجهي ۽ دوُر ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

من هڪ ڦلواڙي آهي، جنهن ۾ انيڪ گل ٿا ٽڙن، پر ساڳئي وقت من
هڪ ڳجهارت بہ آهي. اِنساني من تہ عميق جهڙو اونهو آهي، جنهن جو ڪو
انت يا پارُ آهي ئي ڪونہ. من ۾ خوش خيال آڻجن، وڻندڙ قدرتي نظارن جي
ڪلپنا ڪجي. شاسترن مان چونڊيون ۽ منتر اُچارجن تہ من درست ۽ تن بہ
درست رهندو. پرارٿنا من کي شڪتيشالي بڻائي ٿي. شانت ۽ ايڪاگرتا من لاءِ
وٽامن آهن. من کي اَڌير نہ ڪجي. سڀ گذري ويندو. من کي بي لغام گهوڙي
وانگر بہ ڇوٽ نہ ڇڏجي. من تي ظابطو رکڻ لاءِ آتما کي شڪتيشالي ڪجي.

سنڌين کي مرهٽي ساهتيہ جي ويجهو ٿا آڻين، مرهٽي رنگہ منچ، جيون
شڪتيءَ سنڌن سان ٿا جوڙين.

ناٽڪ جي تز نالن سان سپڪ ۽ رواني ۽ واري نيت سنڌيءَ ۾ سنڌي
پاڻڪن جي دلين ۾ نئون ٻج ڇٽيو آهي تہ ٻين ٻولين جي ساهتيہ جي چاڻ
اسان جي ساهتيہ ۾ اِضافو آهي. اِستري پارٽ ادا ڪندڙ باپو راءُ ماني پڙهي
سڀ عجب ۾ پوندا تہ ٧٢ سالن جي عمر تائين اِستري پارٽ نيايائين. ايم. يوُ
ملڪاڻي بہ لسرات جي عمر تائين ڇوڪريءَ جا پارٽ ڪيا آهن.

هڪ مقالو آهي ”سورداس جو ٻالڪ ڪرشن“ جنهن سورداس جي پدن
تي پنهنجي نقط نظر کان روشني پيل آهي. تہ سورداس جي ڪلپنا شڪتي
ڪمال جي آهي. سيني مقالن تي واسديو نرمل جي عمدي عبارت حاوي آهي.
باقي ايترو ضرور چئبو تہ آخرين مقالو ”بيوس جي شعر ۾ حقيقت نگاري“
ڇوٿون نمبر رکي ها تہ سوني تي سهاڳو هجي ها.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

سائين پير راز واهه واهه جون ڪچهڙيون مان چوند نقطا

هيءُ ڪتاب سائين پير راز واهه واهه جي سوَلي سوادي مٺي رسيلي وانيءَ واري سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. سائين صاحب جا شعر هنڌ هنڌ ائين آهن ئن هيرن جي هارن ۾ زمرد پوتل آهن. هن درويش سائينءَ جي هرهڪ چهڙيءَ جي بيان-ي-ڪلام ڪانپوءِ اُردو ڪلام جي پلٽ آهي. هرهڪ چهڙيءَ ۾ آتما، ڀڳتي ۽ ڌيان جا گنڀير ۽ ڳوڙها خيال سولا ڪري سمجهايل ن ۽ دل توڙي دماغ کي قوت بخشين ٿا. بهار جي هير جهڙي تازگي ڏين ٿا. ڪ جي بوندن جهڙا شفاف آهن، جيئن ’عشق نہ ڪري اڇ، پاڻ سڏي سچو ري واهه واهه.‘ ۽ ’هاءِ هاءِ هلي ويئي تہ واهه واهه اچي دل اندر ديرو ڪيو.‘

سيني ڪچهڙين ۾ هش فقير خوش فقير کي ستيہ جا سبق سڻايا آهن، دن وارتالاپ معرفت ڌارمڪ فِلسفو، تصوُّف، ڪرم مارگ، گيان مارگ، جوڳہ گ، سوَليءَ ۽ سرل ڀاشا ۾ دلڪش مثالن سان سمجهايل آهن. خوش فقير جي اغ ۾ جيئن غير حق جو خيال ٿو اچي تہ هش فقير اُن خيال کي پچائي ٿو ڏي. هنن ٻنهين جي وچ ۾ نيون آهي محب الفقرا. هنن هم خيالي ڪچهڙين يدانت ۽ تصوُّف جو صدين کان ڏُنگہ ۾ سانڍيل ڪهنو شراب طالبن کي پياريو وجي. ويدانت جي دويت ۽ تصوُّف جي اَلوجود جي سمجهاڻي ڏنل آهي تہ و جڳت ۽ ايشور سڀ برابر ۽ هڪ آهن. صوفي سماڳمن درويشن جي آستانن ن روايتون بيان ڪيل آهن.

ڏهون نمبر ڪچهڙيءَ ۾ موڪش ۽ نرواڻ پدوي حاصل ڪرڻ جي جهاڻي ڏنل آهي.

ٻارهون نمبر ڪچهڙيءَ ۾ ويدانت جو سار سمجهايل آهي. اُٽيتاليهہ چهڙيءَ ۾ چيل آهي تہ سارو جهان هندو هو. هرهڪ ملڪ ۾ شِولنگہ جي پوڄا ڏي هئي.

ليڪڪا ٻڌائي ٿي ته: ''ويس بي خودي، چڙيائي ۽ بي خيالي من جون حالتون
آهن ته وري من جوگيان، وگيان، يادگيري، سمجهه، عقل، جسم، آتما، پرماتما
۽ خيال سان به گهاٽو سنبنڌ آهي. هيءُ پستڪ ڏسڻ ۾ رواجي ۽ قد ۾ ننڍو آهي،
پر منجهس سمايل مال قيمتي آهي. پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽
من تي قابو پائڻ جي اٽڪل سيکاري ٿو. هڪ انسان جو ٻئي انسان ڏانهن
منووگيانڪ نظريو ۽ وهنوار سيکاري ٿو.

ليڪڪا جي مضمونن جا مؤضوع ۽ انهن کي نباهڻ جو طريقو توڙي
ٻولي ٻئي مقبول آهن. هنن سڀني مضمونن ۾ هڪ خاص پيغام آهي، ته هن
دؤر ۾ نه صرف ڪن خاص ماڻهن کي پر عام ماڻهن کي به هڪ-ٻئي کي سمجهڻ
لاءِ پنهنجي من جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. هيءُ پستڪ من جو سرجيڪرڻ
سمجهائيندو. من جو اڀياس هڪ-ٻئي کي سمجهڻ، سوچڻ ۽ جيون کي بهتر
بڻائڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. شرير جي چاڪائيءَ ۽ ناچاڪائيءَ جو مدار به من تي
آهي.

گوتم ٻڌ، سوامي رام تيرٿ ۽ جي ڪرشنا مورتيءَ جي فيلسوفي انوسار خيالي آهي ئي ڪونه صرف خيال آهي. رمڻ مهرشيءَ به جيوَ ۽ پدارٿ کي ٻڙي چيو آهي جيڪا ڏيگهه، ويڪر ۽ موٽائپ جي صورت اختيار ٿي ڪري. ماڊرن سائنسدانَ به قبول ڪن ٿا ته ٻڙي ائنٽي مئٽر آهي اُن ۾ برڪت پوي ٿي ته اُها شڪتي بڻجي ٿي. هيءُ اليڪٽرانڪ جو ڪوانٽم ليپ يا مايا جو کيل آهي. مؤت سمي ڪرم سنسڪار يا آخرين خواهش جتي ڪپ ڪوڙي ٻهي ٿي ته اُتان ٻيو جنم وٺي ٿي.

ڀهرين ڏسو ٻڌو ۽ پوءِ ڄاڻو. اول پيرن جو پنڌ، پوءِ دل جو پنڌ ۽ آخر دماغ سان سوچڻ جو پنڌ آهي. جڏهن ٻڙي وڏي آڪار واري گول کان ڌار ٿي مؤج مستي ماڻي وري اُن گول ۾ سمائجي ٿي، پنهنجي الڳ هستيءَ کي مٽائي ٿي ته ڪُلُ ٿئي ٿي.

جنهن قدرت کي وجود ۾ آندو آهي سا هڪ غئبي، بي انت لامحدود ۽ بي حساب شڪتي آهي.

گرو ۽ شش جو مارگ دويتواد آهي. تو ۾ ۽ مون ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. پر مريادا آهي ته هڪ گرو ۽ ٻيو شش ٿئي. ورنه جهڙو تون تهڙو مان.

برهسپتي رشيءَ جڙواد جو پايو وڌو آهي. جنهن موجب گيان حواس معرفت ممڪن آهي. جڙوادين لاءِ خدا هڪ وهم آهي. هو ڪرم جي سڌانت کي ڪونه مڃيندا آهن. هو سرير جي پوڄ وللس ڪانسواءِ ڪجهه نه نٿا مڃين. هو دويتوادي آهن.

تصوُف جون ست واديون آهن. تلاش، انيؤ، عشق، مجاز، ترڪ ڪرڻ، وجدت، حيرت ۽ فنا. حيرت واريءَ واديءَ ۾ جوت، نرنجن، اومڪار، سوهم ۽ ستنام شبد سُرُ ۽ لئه ۾ ٻڌڻ اچن ٿا ۽ طالب موڪش جو حقدار ٿئي ٿو. بي گناهي الله پاڪ جي ذات الفضل آهي. جيڪا نراڪر نرگڻ شڪتي آهي.

خوش فقير آهي شو شنڪرُ
هش فقير آهي برهم جو روپ‘
گم نام روپ شاهه آهي وشنو ڀڳوان.
رجنيش چيو آهي‘ ’صوفيزم اِز د اِسينس آف ايوري رليجن.‘
صوفي مت دل جو پنڌ آهي‘
مانُ جهڙي ٻي بندگي ڪونهي‘

ڀاشا ۾ عربي ۽ سنسڪرت جو سهڻو سنگم آهي‘
ڀاشا جا مثال آهن
هوڪو ڏنائين ’اڇي سنگتري - سڻي سنگتري.‘
يعنيٰ جن ڪي اڇو سنگھ آهي‘ سڻو سنگھ آهي سو ڪين تاريندو.
اوگڻ = او + گڻ = اُهي گڻ.
حرامي = هر + آرامي = جيڪو هريءَ ۾ آرامي آهي.
پاڳل = پا + ڳل = پاتو + ڳلهه = جنهن ڳالهه ڪي پاتو آهي.
مِتيرو = م + تيرو = مان تنهنجو
منڙُ = م + ڙر = نه وڃ.
ڀڳت = ڀڻ + گت = جنهن سان ڀڻ ناس ٿئي.
گرهست = گِرِ + هست = پهار + هٿ = هٿ تي پهاڙ مثل وغيره.
الله يا اوم جي تصوير تي دير لڳائي قلب تي
قلب تي نقش اُتاري ڇڏيو.

اٿروَ ويد ۾ احوال ڏنل آهي ته مرڪيوري، سلفر ۽ سالٽ جي ميلاپ کي پارس چئبو آهي.

٦٠٤ بي.سي. ۾ چينائي فيلسوف لائوتزي پنهنجي ٽائوزم ۾ علم ڪيميا جو راز ٻڌايو آهي ته آب حيات معنيٰ سون جو پاڻي. جنهنجي اِستعمال ڪرڻ سان عمر دراز ٿئي ٿي.

هندو ٻوڌي جيني ۽ سکه جو سڌانت ڪرم ڪرڻ آهي. جيڪو ڪرم وشواس رکي ٿو سو هندو آهي. ڪرم جي ڪري ئي پنر جنم ٿئي ٿو.

جذهن پرين ڪري ٿو پنڌ

رينا شهاڻي

دادا جي ٩٠ جنم ڏِن جي موقعي جي سماروهہ ۾ دادا جشن جي جيوني ”جذهن پرين ڪري ٿو پنڌ“ هڪ سڪ ڀري سوکڙي ۽ سکياداڻڪ سووينيئر ڏنو ويو. سوَلي سنڌيءَ ۾ توهانجي پنهنجي عبارت ۾ آهي. ٢٢ فيبروريءَ تي پوني ڪان ڪلياڻ ايندي پڙهي پورو ڪيم. دادا جي دلڪش تصوير۽ شاهہ جي بيت جو پاڻ ۾ تال ميل بهترين آهي. عنوان ۽ چتربئي هڪ ٻئي جا پورڪ آهن. نارائڻ سامتاڻي جو عالماڻو مهاڳہ بہ ڪتاب بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌائي ٿو.

سري ڪرشن اسان جي گروءَ جي گروءَ جو بہ گرو آهي. يعنيِ ساڌو واسواڻي ڪرشن جو ڀڳت، دادا جشن واسواڻي ساڌو واسواڻيءَ جو ڀڳت ۽ اَسين سڀ دادا جي. پي. واسواڻيءَ جا ڀڳت، خيال ڪي اظهارڻ جو هيءُ نمونو هڪ نئون تجربو آهي ۽ دل سان گڏ دماغ کي بہ ٿو جاڳائي.

دادا جي جيوني داخلي ۽ خارجي ٻن پاسن ۾ لکڻ جو ڪارڻ بہ من کي موهي ٿو ۽ ڪتاب جي پنن ۾ گم ٿي وڃڻ جي حد تي ٿو پهچائي.

ساڌو واسواڻيءَ ١٩٢١ع ۾ جيڪو سکي ستسنگہ شروع ڪيو سو اڄ ٻڙ جي وڻ وانگر سڄي وشوَ ۾ شاخائون ڦهلائي آتمڪ شانتيءَ جي ڇانوَ ڏيئي رهيو آهي. هڪ سڌو سنواڻو روپ، وراٽ روپ ۾ تبديل ٿيو آهي. سموري پرڪريا، سلسلي جو اِظهار سؤلو ڪري سمجهايل آهي.

گرو ساڌو واسواڻيءَ جي پرگتي وادي ويچارن جو دادا جشن واسواڻيءَ تي اثر آهي جيئن تہ ”اَجايا“ پرم ۽ سنسا نہ پالڻ گهرجن. ترشنائن جو تياڳہ ڪرڻ گهرجي. ترشنا دکہ جو مول ڪارڻ آهي.

ڌرم بابت سني سمجهاڻي آهي. ڌرم ڪان بہ وڌيڪ سمجهاڻي آهي تہ ٻڌاري ڦهليل ويدنا کي گهٽائڻ لاءِ ڪجهہ اُدم ڪرڻ گهرجي.

عشق حقيقيءَ جي ماتريءَ ۾ پير پائڻ سان خدا جو اِنتظار، اوجاڳو، دم دم يار جي ياد، سهن شڪتي، خاموشي، غم کائڻ، غصو پيئڻ، ڏيان ۾ رهڻ، خود فراموشي يعني جيئري ئي مري وڃڻ جو رياض آهي.

انسان کي اول قدرت جي حسن جي پوءِ قادر جي حسن جي ڄاڻ پوي ٿي. تنهائيءَ ۾ پاڻ سان هم ڪلامي ڪرڻ ۾ لطف آهي. ڪهڙي به ماڻهوءَ کي ڪنهن به نموني خوش ڪرڻ هڪ ثواب آهي. بيخودي کي ڪنهنجو مذاق اُڏائڻ ۾ آنند ملي ٿو ته ڪيس نه روڪجي، صبر سان سهجي. اِهو درويشيءَ جو انگ آهي.

مذاق ۽ هنسيءَ سان دين دکين کي کلائي سندن چنتا دور ڪجي.

ڀڳتي مارگ، ڪرم مارگ،يوگ مارگ ۽ گيان مارگ حقيقت ۾ آهن شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت.

ڀڳوان نراڪار ۽ نرگڻ هوندي به ساڪار ۽ سگڻ روپ ۾ دويت واريءَ دنيا جو سير ڪرڻ آيو آهي.

شبد ستسنگ ڀڄن هريرام هري هري ڪرشن هري ڪرشن اوم نمه شوايه، ٻڌم شرم گڇامي يا الله هو معرفت پرماتما جي ذڪر جو لطف وٺي پوءِ ڌيان لڳائجي.

اوم جو مطلب آهي مان، تون ۽ هو.

خود شناسي ۾ مڪتي آهي. جيڪا سچي پريم يا عشق کانپوءِ پلئه پوي ٿي.

ويدانت ۾ صوفي مت ۾ پريوءَ جو نراڪاري روپ ڄاتو ويو آهي. جنهنجو آد ۽ انَت ڪونهي.

پارت جي يوگين سپيس ڊائمينشن ڳولهي لڌو آهي. جنهن جي اثر هيٺ ئي اوتار سنت يوگي درويش اسٿول اوستا کي ڇڏي سوکيم صورت اِختيار ڪري هڪ ولايت کان ٻيءَ وِلايت پهچي وڃن ٿا. جيئن سنت پارو شاهه.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ✣ ✣ ✣ ▪▪▪▪▪▪▪▪

ريٽا شهاڻيءَ جو ’سفر در سفر‘

’سفر در سفر‘ ۾ اوشو آشرم-پونا ۽ لنڊن جو سفر قلمبند ڪيل آهن. ايم.بي.ايس. پٽي جي پبلشر ميءَ ۲۰۱۰ ۾ شايع ڪيو آهي.

اوشو آشرم پونا شهر جي اندر ئي آهي ۽ سڄيءَ دنيا جي شاهوڪار طبقي لاءِ ڪشش جو مرڪز آهي. هن سفر ڪي ريٽا شهاڻيءَ ستن حصن ۾- جهڙوڪ : شهر اندر شهر، اوشو اِنٽرنئشنل ڪميون، سفيد چوغن جي برادري، جيون جهانڪيون، ڌيان ۽ ڌيان، گوتم ٻڌ هال ۽ زين گارڊن ۾ ورهائي لکيو آهي. هيءُ آشرم گرو رجنيش جو آهي جتي مختلف ملڪن جا ماڻهو گيان ۽ ڌيان لاءِ کَهي ايندا آهن. ڇهن ايڪڙن ۾ ڦهليل هن آشرم ۾ ڌيان ۾ وهڻ جا ڪلاس ۽ ليڪچر ٿيندا آهن. هِت رهايشن جو بہ اعليٰ ۽ مهانگو بندوبست آهي. صرف اَمير ماڻهو ئي ميمبر آهن جو ميمبرشپ بہ ڏکي ملندي آهي.

ريٽا شهاڻي پاڻ هن آشرم جي ميمبر ٿي هئي. ميمبرشپ جون سڀ فارملٽيز پوريون ڪري ايباس جي مقصد سان اندر ويئي تہ ڏسان جنهن اوشو عرف رجنيش جي دنيا ۾ چرچا آهي سو ڇاڻو سيڪاري. آشرم ۾ وقت بہ وقت وچڻ ڪانپوءِ هِن اُتي جيڪو مشاهدو ماڻيو سو سڀ پنهنجي اوچيءَ عبارت ۽ اَسلوب ۾ رس ۽ روانيءَ واريءَ سرل سنڌيءَ ۾ لکيو آهي. نصير مرزا لکيو آهي تہ ”ريٽا جو لهجو خالص حيدرآبادي آهي.“ ريٽا شهاڻي آهي بہ تہ اعليٰ اديب، منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪٽنب مان. هيءَ مختلف مؤضوعن تي فنائتي نموني لکي ٿي. سندس لکڻ اسلوڪي ثابتي آهي تہ هيءَ اُها اديبا آهي جنهن پرڏيهن جا بہ تمام گهڻا سئر سفر ڪيا آهن ۽ سنڌ بابت بہ سفرنامو ’جتي منهنجا اونيئڙا‘ لکيو آهي. هر سفرنامي ۾ ريٽا شهاڻيءَ ڪي جذباتي ذڪر بہ ڪيا آهن جيڪي پاٺڪن جي رهنمائي ڪندا آهن. هن سفرنامي ۾ڀارت جي تهذيب، تاريخ، تمدن ۽ سماج جو پورو پورو تَت سمايل آهي. مهاوير گوتم ٻڌ ۽ صوفي بزرگن جون ڳالهيون بہ هيرن موتين وانگر اوشو جي گفتن ۾ سمايون اٿائين. آشرم جا اندريان حيرت انگيز احوال بہ ڇڻ تہ تصويرن جهڙا آهن. اوشو جي مکيہ هدايت آهي تہ ”توهان حال ۾ جيئڻ سکو.“

دادا جي نؤرت، عظمت ڪلمڪ سياءُ ڪيس ٻين سنتن کان الڳ ڪر
ٿو بيهاري. اڄ جي دؤر ۾ بہ نيڪ اِرادن محڪم اِرادن، ايشور ۾ وشواس ۽ سچ ڪ
اهميت آهي. ديا ۽ شيوا ڌرم جا بہ مول انگ آهن. جي ڌرم ۽ پيار آهي تہ صل
۽ شانتي بہ رهندي. ميران ٻائيءَ وانگر دادا جو ادويت واد ۾ وشواس آهي
”مان پريوءَ جو روپ آهيان. پريوءُ مون ۾ ئي آهي.“

روحاني فقيرن جي سنگ ۾ ڪاليج ۾ سائنس جا تجربا ڪندي، دادا پر
۽ آنند جي سيمائن کي ڇهندو هو ۽ سکيا ٿو ڏئي تہ ايشور اَسان کي ڪهڙ اَنو
ڏيندو آهي. اِنسان کي پنهنجي ڪرمن وسيلي ئي سزا ملي ٿي. سرگ ۽ نرڳ اڇين
من جا اِرادا آهن.

دادا جو مُشاهدو تمام وسيع آهي جيڪو سرل ۽ رواني‌ءَ واري عبارت ۾ لک
آهي تہ ديا، شيوا، نمرتا، سمرن، سادگي، ڪرڻا، گرو ڀڳتي، شرڌا، پريم ۽ پاٻوهہ دا
جون سکيائون آهن. ۲۵ نومبر ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏِن سڄيءَ دنيا ۾ ميِ
ليس ڊي ڪري ملهائڻ جو پرچار بہ دادا جي. پي. واسواڻيءَ جو مقصد آهي.

جيون لکڻ جو هيءُ اَنداز رِيٽا شهاڻيءَ جو ڪيل هڪ نئون تجربو آهي

دماغي ورزش

آسودومل هرومل موهنائي

”اڏ اَکري ٻجھارت“ انگريزي ٻوليءَ مان پارت ۾ سيني ٻولين ۾ آيل آهي. انگريزيءَ ۾ CROSS WORD PUZZLES ”ٽائيمس آف اِنڊيا“، ”اِنڊين ايڪسپريس“ ۽ ”بلز وِيڪلي“ وغيره ۾ به ايندڙيون هيون ۽ ماڻهو ڏاڍي چاھہ سان اُهي حَل ڪندا هئا. تنهن کانپوءِ مڪاني پرانتڪ ڀاشائن ۾ شروع ٿيون آهن.

پروليون ۽ ٻجھارتون سنڌي لوڪ اَدب جو پڻ حصو آهن. جڏهن ماڻهن ني وندرورونهن جا وسيلا ئي ڪونہ هئا، ڏينهن جي پورهئي ۽ هڻ پٽ مان فارغ ٿي، سنڌ جو سادو سودو مرد ٻوٽ جي ڪنهن چؤسول يا چبوتڙي تي يا ڪنهن سنڌڙي زميندار مُکيءَ جي ايوان ۾، اوطاق تي اَچي ويهندو هو، زماني جي الهي چاڙهي، حال احوال اورڻ لاءِ. اُن ئي اوطاق جي مجلس ۾ ڪلم، ڏوهيڙا، وايون ۽ ڪافيون بہ ڳائبيون هيون تہ پروليون ۽ ٻجھارتون بہ حل ٿينديون هيون. حل ٿيڻ وقت واھہ واھہ ٿيندي هئي. ڪي ڄاڻوُ ۽ فڪرمند تہ شاھہ عبداللطيف جي ڪلم مان ئي ٻجھارتون پيش ڪندا هئا ۽ ٻيا اُنهن جا جواب ڏيندا هئا. هن سادي سوديءَ وندر ۾ اِنساني علم جو چڱو خاصو عمل هوندو هو ۽ دماغي ورزش بہ ٿيندي هئي. اَهڙيون ٻجھارتون ڏيندڙ ۽ سليندڙ ڪڇ جي ني علائقي ۾ اَڄ بہ آهن.

هن يڳ پچان واري وقت، چانهہ جي هوٽلن، باغن ۽ اِسٽيشن جي بينچن، پانوارن جي دڪانن تي ڪن خفتين جي هٿن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ٻوليءَ جي اِخبار هوندي آهي ۽ پين ڪٽي، ذهن کي زور ڏيئي پيا سوچيندا هن ۽ سوچي سوچي خانا پورتي ڪندا آهن. سمجھان ٿي تہ اَهڙا ماڻهو اخبار ٿندا ئي ٻجھارتن کي حل ڪرڻ لاءِ آهن. هيءُ جُنوُن آهي، شؤنق آهي ۽ هابي هي. فائدو آهي وندر ۽ وقت جو سٺو گذران. پر مان چونديس تہ ٻوليءَ جي اڻ ۾ بہ اِضافو. ائين سيني ٻولين سان ٿيندو آهي، جو اُنهن مان ڪي روزمره ي واهپي جا اَکر ڪَسي ڪَسي گُم ٿا ٿي وڃن. ٻجھارتن حل ڪرڻ وقت اُهي گُم ي ويل اَکر تازا ٿا ٿين. جيئن برسات لاءِ ”بوڇار“ اَکر وغيره.

اوشو، رجنيش عرف چندر موهن جين جبلپور يونيورسٽيءَ ۾ فلسافيءَ جو پروفيسر هو. هو ١٩٨١ع ۾ آمريڪا جي ”اوريگانو“ ۾ ”رجنيش پورم“ ۾ رهيو. هو سڄي دنيا گهميو. ڪيترن ملڪن کيس پنهنجي ملڪ ۾ اچڻ ئي ڪونه ڏنو. سو نيٺ واپس پوني ۾ آيو. جتي ١٩٩٠ع ۾ سرگواس ٿيو. هن فلسافر ٦٠٠ ننڍا وڏا ڪتاب لکيا آهن، جن مان ڪي ڪوريا ۽ اِٽليءَ ۾ بيسٽ سيلر آهن.

هن سفر در سفر جو اهم ترين حصو آهي ”ممبئيءَ کان لنڊن“ تائين جو سفر. هن سفرنامي مطابق ريتا شهاڻيءَ هوائي جهاز جي دريءَ مان ڌرتي، سمنڊ، بادلن، جهنگلن، وڻن ٽڻن ۽ ندين کي ورهائڻ واريون ريکائون يا حد بنديون ڪونه ڏٺيون. ريتا سئر خاطر سفر ڪيو آهي ۽ سفر جي دوران جيڪي به ننڍيون وڏيون دلچسپ، نفيس ۽ نوان نظارا ڏٺا آهن، تن جو جذباتي ۽ فنائتو ذڪر لکيو آهي. جنهن کي پڙهڻ سان محسوس ٿو ٿئي ته ريتا آمهون سامهون ويهي سفر جو اَحوال ٻڌائي رهي آهي. ريتا شهاڻي برجستي ۽ بولڊ آهي. سئر ڪرڻ لاءِ اَڪيلي به نڪري پوندي آهي. کيس ڪنهن به همسفر جي ضرورت ئي ڪونه پوندي آهي. وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ نموني ۾ لکي ٿي ته لنڊن جي فروٽ مارڪيٽ ۾ سنڌي انب ڏٺم جيڪي ضرور منهنجيءَ سنڌ کان آيا هوندا. لنڊن جي مؤنمار مهانگائي، ٿئيٽرس، مئڊم ٽوساڊ ميوزم ريسٽارنٽس، تعليمي اِدارن ۽ پارڪ جي لذيذ ڪاڌن جو به ذڪر ڪيو اٿائين. هيءُ سفرنامو ريتا ٽيون دفعو لنڊن وڃڻ کانپوءِ لکيو آهي. اُتي هنجي پيڻ ۽ ڀاڻيجا رهندا آهن ۽ هن دفعي ته هوءَ پونيءَ ڏوهٽيءَ کي به گڏ وٺي ويئي آهي.

لنڊن ۾ اوريئنٽل ايڪسپريس جو سفرءِ لنڊن جي سنڌي سوشل سرڪل به کيس گهڻو متاثر ڪيو آهي. ٻنهين سئرن جي دوران ريتا شهاڻيءَ پنهنجا آزمودا، اَنومان، اُمنگ ۽ اَڀياس چونڊ اَکرن ۽ رسيلي ٻوليءَ ۾ لکيا آهن. هن کليل دل ۽ دماغ واريءَ ليکڪا کي جوکم ته کٽڻا ئي پيا آهن.

وهنواري سنڌي-هندي ڊڪشنري

ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي

ڊڪشنري تيار ڪرڻ ڏکيو، ڪوجنا، محنت ۽ جاکوڙ وارو ڪم آهي. ڊاڪٽر ليکواڻي هڪ ڪوجنيڪ آهي جنهن جو مکيه وشيه ڀاشا وگيان بہ آهي. هن ڪان اڳ ۾ چار ننڍيون ڊڪشنريون تيار ڪيون اٿائين جن جا نالا آهن : -

(۱) بنيادي سنڌي انگريزي هندي ڊڪشنري (۲) بنيادي سنڌي هندي ڊڪشنري
(۳) تصويري ڊڪشنري (۴) بنيادي سنڌي انگريزي ڊڪشنري

۽ هيءَ ڊڪشنري هن جي پنجون نمبر ڪارج آهي.

هيءُ ڊڪشنريون سنڌين کي سنڌي ٻوليءَ جي شبداولي جي ٽيڪنيڪل ڄاڻ ۽ سنڌي گرامر جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ لکيون آهن. هن ڪوجنيڪ ليکڪ ۽ ڀاشا جي ماهر جي ويچار ۾ ٻهو ڀاشي ڀارتي ماحول ۾ راشٽرڀاشا هندي اِنساني زندگيءَ جي روزمرهہ جي وهنوار ۾ اهم ۽ هڪ ڳانڍو ٻولي آهي. نئين نسل جا سنڌي هندي ٻوليءَ جي وهنواري ۽ بنيادي ڄاڻ رکن ٿا.

سنڌي بہ هڪ اهم، وڪاس ڪيل، ڪارائتي ۽ آريہ ڪل جي بنيادي ڀاشا سنسڪرت بنياد واري آهي. پر مختلف سببن ڪري سنڌي ٻوليءَ تي صدين ڪان دراوڙي عربي، فارسي، انگريزي، هندي، اُردو ۽ ٻين مڪاني ٻولين جو ڪافي جهجهو ۽ گهاٽو اثر ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت آهي تہ اُها ٻين ٻولين جي شبدن سان گڏ ڀاڻ وت پراڪرت، اپڀرنش ۽ نج ديسي روپ بہ سانڍي رکندي آهي. ڀاشا جي چاهڪن، ڪوجنيڪن ۽ اڀياسين لاءِ سنڌي ٻولي دلچسپيءَ جو باعث آهي.

ٻي مکيہ ڳالهہ آهي تہ ورهاڱي بعد سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ رچنا ڪارج تي ڪافي خراب اثرپيو آهي. ۽ نئين نسل جا سنڌي اُهو محسوس بہ ڪري رهيا آهن ڄاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس رُڪجي وڃڻ ڪري ۽ سنڌيءَ بدران ٻين ٻولين جو اڀياس ڪرڻ ڪري سنڌين لاءِ، سنڌي جاتيءَ جي آئينده جي پيڙهين لاءِ سڃاڻپ جو سنڪٽ پيدا ٿيو آهي. هلندڙ دؤر

هن سنڌره ۾ سٺ ڳجهارتون آهن ۽ هر ڳجهارت جو حل پُڇيان ڏنل آهي
جيئن انگي حساب جي پُڇيان جواب هوندا آهن. هن ڳنڍڪي جو منصف شري آسودومل
موهنائي، پرائمري اسڪول جي هيڊماستري ۽ تان ١٩٩٥ ۾ رٽايرڊ ٿيو آهي. هن ١٩٥٩
آڪٽوبر کان ماستري شروع ڪئي هئي. سندس ڳڻپ قابل، هوشيار ۽ محنتي
هيڊماسترن ۾ آهي. تعليمي ادارن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه اڄ به ڪرڻ ۾ خوشي
محسوس ڪندو آهي. پر سندس ديرينائي سندس سياوَ جو حصو آهي. وڏي
آورجا هوندي به سنڌونگر راشٽرياشا پرچار سمتيءَ جو سرگرم ميمبر آهي، ما
مڃني ٻائي ستڪار سمتيءَ سان پڻ جڙيل آهي ۽ ڏرمواڙي پئنچات ج
پريزيڊنٽ به آهي. اصل کان ٻال سڌار لاءِ شوق اٿس ۽ ٻاڙي جي واندن ٻارن ڪي
سڏي، ڪين گڏ ڪري 'سائين بابا سيوا منڊل' ناهي، ڪين هڪ مندر اڏي ڏن
اٿائين، جتي هو پنهنجي وقت، شڪتي ۽ ڪاريه ڪشلتا جو پريوگ ڪري س
ناگرڪ بڻيا آهن. سائين بابا منڊل سنڀالڻ لاءِ اڄ انهن جي اولاد به سامائي آهي
۽ هي ۽ پاڻ اُن جو صدر آهي. مهاراشٽرا ٽيڪسٽ بوڪ بيورو، ٻال پارتيءَ
گڏريل ٢٠ سالن کان شيوائون ڏيئي رهيو آهي. آسودي مل جي محنت اِتي
دنگ ڪونه ٿي ڪري. هن اٽڪل ١٦ درسي ڪتاب، جن ۾ جاگرافي، اتهاس
ڪاريه انيءَ ۽ ڪلا جا ڪتاب آهن، مرهٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌي
شاگردن جي مدد ڪئي آهي. ١٩٧٤ع ۾ هندي مترو ياڪرڻ، ١٩٧٥ع ۾ تعلي
سان واسطو رکندڙ ''سکيا جا سڏانت'' ۽ ٢٠٠٠ع ۾ سنڌي وياڪرڻ لکيو اٿائين
سندس رچيل گرامر 'هندي متر' جا جڳديش بوڪ ڊيپو پبلشر ١٥ ڇاپا ڇپايا آهن
٢٠٠١ع ۾ هن محنتي منصف کي روٽري ڪلب آف انڊيا مڊ ٽائون
۽ ٢٠٠٤ع ۾ شريمتي شُمن همت سنگهه آڏواڻي ميموريل ٽرسٽ ''لائيف ٽائيم
اچيومينٽ اوارڊ'' ڏنو. ٢٠٠٥ع ۾ شهر جي الهاسنگر مهانگر پالڪا اسڪول بور
''جيون گؤروَ پُرسڪار'' ڏيئي سندس شخصيت ۾ رنگ پريو آهي.

موتيءَ جي داڻن کان به سُهڻا صاف سنڌي اکر لکندڙ اڇي پوشاڪ
پهريل، پنهنجي ڪڪي سان گڏ، گنڀير مهانڊي وارو شخص ڪٿي ڏسو ته پڪ
ڪجو ته هن ''آڏ اکري ڳجهارت'' جو رچيندڙ اهو ئي آهي. ڳجهارتن ج
ڳنڍڪو آزمائي پاڻ امين ٿيو. جو هي ۽ ڳجهارتن جو پهريون ڳنڍڪو آهي
ڳجهارتن ناهڻ لاءِ سخت محنت ڪيل آهي.

علم جو آفتاب

ڊاڪٽر شام ٻنيجا 'بيقرار'   سال : ٢٠١٠

آفتاب اکر پارسي ٻوليءَ جو آهي. مطلب اُتس سج. سو هي ڪتاب
هي ''علم جو سج.'' ڊاڪٽر بي قرار جي مضمونن جو هيءُ چوٿون نمبر ڪتاب
هي، جنهن جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ ساهتيہ جي مضمونن جي
اخ تي علمائتا خيال پيش ڪيا آهن. ليکڪ کي مضمون لکڻ جي فَن جي
اڻ آهي. هن خيالي ۽ بياني مضمون لکيا آهن. دوارڪاداس سنتاڻيءَ ليکڪ
ي شخصيت بابت ڄاڻ ڏني آهي. اَرجن آهوجا کيس سنڌيت جو شيدائي
ڪونيو آهي. ليکڪ سيني همٿائيندڙن جا ٿورا مڃيا آهن ۽ سنڌين کي سنڌي
وليءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ وينتي ڪئي آهي. ڊاڪٽر ديال آشا ۽ ڊاڪٽر سڪايل ٻہ
يکڪ کي همٿايو آهي.

''علم جو آفتاب'' ۾ ١٥ کان ٧٠ صفحہ تائين ١٤ مضمون آهن. جن
ان ڪي بلڪل نَون وشين تي لکيل آهن. جيئن تہ ''سنڌي ساهتيہ ۾
اڪٽرن جو يوڳدان'' هيءُ مضمون ڳانڌيڌام ۾ ٿيل سيمينار لاءِ تيار ڪيو ويو
و. هڪڙا ڊاڪٽر ڪنهن وشيہ تي کوجنا ڪري ڪتاب لکي پي.ايڇ.ڊي. جي
ڳري يافتہ آهن جيئن ڊاڪٽر ديال آشا ۽ ڊاڪٽر لڇاڻي. هنن ڊاڪٽرن جي
نڌي ساهتيہ ۾ وڏي فهرست آهي. ٻيا ڊاڪٽر آهن علاج ڪرڻ وارا طبيب يا
ئد. جيئن ڊاڪٽر اَرجن سڪايل، ڊاڪٽر پنشي، ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، شيام
نيجا، سوني، ڊاڪٽر ايسر پارواڻي جن ساهتيہ بہ لکيو آهي ۽ مريضن جي
يوا بہ ڪئي آهي. هنن مضمونن ۾ اُنهن جو ذڪر آهي.

'رکڙي ٻنڌن' آهي تہ عام وشيہ؛ هيءُ ڏڻ بہ آهي تہ اِتهاس بہ. رامايڻ
ي زماني کان ماڻهو ڪنهن بہ سنڪلپ ڪرڻ وقت رکڙي ٻڌائڻ يا ٻنڌيائڻ
ڌائيندا ۽ ٻڌندا هئا. پوڄا وقت بہ برهمڻ يجمان کي ٻڌندو آهي. راڻي
رموَتيءَ جو بہ اِتهاسڪ ذڪر آهي.

جو نسل ۽ سنڌي جاتيءَ جون ايندڙ پيڙهيون سنڌي ساهتيہ جي سيني
صنفن ۾ پنهنجون جڙون ڳولهڻ لاءِ سرگردان آهن. هن وقت سنڌي جوانن ۾
هن وشيہ بابت ڪافي سجاڳي آئي آهي. لهر اَهڙي لڳي آهي جو غير سنڌي
پڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ جاتيءَ جي سڀيتا بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ منتظر ٿيا
آهن ۽ چاهہ وٺي رهيا آهن.

اِهوئي ڪارڻ آهي جو ڊاڪٽر ليکواڻي هيءَ وهنواري ڊڪشنري تيار ڪرڻ
۾ چاهہ ورتو ۽ ڪاريہ سرانجام ڪيو آهي. هن وهنواري ڊڪشنريءَ جو مکيہ مقصد
آهي نئين نسل جي نوجوانن کي سنڌي لفظن، شبدن ۽ اُچارن جي لاءِ هندي لفظن
۽ شبدن جي بہ ڄاڻ پوي. هنديءَ معرفت ئي ٻين ٻولين وارا، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي
جاتيءَ کي سمجهي سگهندا ۽ ان مان فائدو سنڌي ۽ غير سنڌي ٻنهي جو ٿيندو.

هيءَ ڊڪشنري عام پاٺڪن، کوجنيڪن، وديارٿين ۽ اُستادن لاءِ سنو
ساٿي ثابت ٿيندي ڇاڪاڻ تہ تعليم، ميڊيا، اخبار نويسي ۽ ساهتڪ کيترن ۾
ڪم ايندڙ نوان ۽ اهميت وارا لفظ ۽ اِصطلاح بہ هن ۾ شامل آهن. هن جي ليکڪ
ڊڪشنري جي اِستعمال ڪرڻ لاءِ ٻارهن ڪارائتين صلاحن کي سلسليوار لکي
پاٺڪن جي رهنمائي ڪئي آهي. لفظن جو سلسلو ديوناگري آئيوٽا انوسار
رکيو ويو آهي. هر لفظ جو وياڪرڻي استعمال پڻ ڄاڻايو ويو آهي. عام شبد،
سمان اَرٿي شبد اُچارڻ ۾ سمان پر اِستعمال ۾ ٻئي مطلب وارا شبد بہ ڏيان ٿا
ڇڪائين. ڊڪشنري ۾ بہ ضميما آهن. ضميمي پهرئين ۾ اَڪرمڪ ۽ مول
سڪرمڪ ڪريائن جا چونڊ مثال آهن. ورڻ ڪرم ديوناگري حرف علت ۽ پوءِ ڪ
ڪان هہ تائين آهن.

ساڻ ساڻ شبدن جو گرامري قسم، لنگ ۽ ڪريا روپ بہ آهن. ضميمي
ٻئين ۾ ڪريائن جا بي قاعدي ڀوتڪال روپ بہ آهن. ڊاڪٽر ليکواڻيءَ جي
محنت سنڌيءَ جي وڏين ڊڪشنرين کان ڪنهن بہ روپ ۾ گهٽ ڪونهي ۽
داد لائق آهي.

مرزا قليچ بيگ جنهن کي انگريز سرڪار شمس العلماءَ جو خطاب ڏنو، تنهن ٢٢٠ ڪتاب لکي سنڌي ساهتيہ جو بنياد پڪو ڪيو آهي. هن ناول، ڪهاڻيون، ناٽڪ، مضمون اصلوڪا بہ لکيا آهن تہ ٻين ٻولين تان انواد بہ ڪيا آهن. پهاڪا، علم عروض، علم بديع ۽ علم اَدب بہ لکيا آهن. سنڌيءَ ۾ پهرين اصلوڪي ناول ''زينت'' جو ليکڪ بہ مرزا قليچ بيگ هو. 'يڪ تندرستي هزار نعمت' مضمون ۾ آدي جڳادي اِنساني جيون کان وٺي اَڄ تائين ماڻهن جي جيون جو ذڪر ٿوري ۾ آهي. اِنساني حڪيم پڪين ۽ وڻن جون ٻوليون ڄاڻندو هو. راجائون حڪيمن ۽ طبيبن کان دوائن ۽ علاجن بابت ڪتاب لکائيندا هئا. هن ئي مضمون ۾ سِپيس ڪرافٽ، وگيان، هسٽري، جاگرافي بہ گڏيل آهن.

■■■■■■■■ ❖ ❖ ❖ ■■■■■■■■

'سهڻي ميهار' جي لوڪ ڪهاڻي عام آهي ۽ ٻين ٻولين ۾ به آهي
جهڙوڪ پنجابيءَ ۾. 'چلهه جي سندرتا' اڳ آهي پر چلهه جيڪا رنڌڻي جي
بدزيبي چيز آهي اُن جي سونهن آهي. ليڪڪ هن جي اڳ جي مدي سان ان
جي اڳ جو ذڪر ڪيو آهي. جيڪا ڀڳوان جي ڀڳتن ۽ ديش ڀڳتن ۾ هئي
اڳ آهي جوالا جيڪا جوت ٻڻجي اُجالو ڪندي آهي.
'ماضي ۽ مستقبل' مضمون ۾ آهي ته ماڻهو پنهنجي ماضيءَ بابت
ٻڌائون هڻي سگهي ٿو پر مستقبل بابت نه. هيءُ مضمون ٿورو مذاقي نو
۾ آهي.
'آشا نراشا' اُتساهت ڪندڙ مضمون آهي ته هيءُ ٻئي من جو
ڀاوناڻون آهن. پرارٿنا آتما جي خوراڪ آهي. دک گهٽائڻ جو علاج آهي. ٻ
واهن جو وسيلو شانتي ۽ نئين جيون بخشيندڙ آهي. سيني کي پريوءَ جي
پرارٿنا ڪرڻ گهرجي.
شهيد ڀڳت ڪنورام صاحب ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي سنڌ جي اِتهاس
جا يگه پرش آهن. سنڌن جيون ۽ ڪاريه سنڌي ساهتيه جي لاءِ سرچشما آهن
هنن جو حوالو هر ليکڪ ڏيندو آهي. هڪڙو هو آزاديءَ جو سپاهي ۽ قرباني
جو پتلو ته ٻيو ماڻهن جو مسيحا.
شري سخاوت چوئواڻي اُلهاسنگر جي اِتهاس جو پنو آهي. هن نؤجوان
طبقي جي رهنمائي ڪئي. اِنڊين ريڊ ڪراس-هوم گارڊس ۽ اِسڪائوٽ گائي
هلچل شهر ۾ شروع ڪئي. هو راجنيتيءَ کان دُور هو.
ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي هڪ قابل سرجن ۽ ساهتڪار هو. هن ليلا چنيس
لوڪ ڪهاڻيءَ تي ''هڪڙي رات'' ناٽڪ لکي وارو وڃايو آهي. هو صلح ڏيند
هو ته پاڻ تي پاڙجي.
'اُهو برساتي ڏينهن' ڪهاڻي آهي هڪ اهڙي اِسڪول جي دادي
جي جنهن موهه وس وديارٿين سان پال پاليا جن مان ليڪڪ پاڻ به هڪ هو.

ن ڪانسواءِ ڪي ڳالهيون دل ۽ دماغ کي زور ڏئي ياد ڪري لکيون آهن. هر
ص پنهنجي آتم-ڪٿا وڏي عمر ۾ ئي لکندو آهي. رتنا به وڏيءَ عمر ۾
م بي باڪي ۽ سچائيءَ سان پاڻ کي ’مان ڪردار‘ معرفت ظاهر ڪري دل
سڪون پاتو آهي.

سنڌي سماج فئشن پرستيءَ ۾ ترقي ڪيل آهي پر مرد پرڌان سماج ۾
ن سان گهرو وهنوار سٺو ڪونه ٿو ٿئي جنهن لاءِ هو شڪايت به نٿيون ڪري
هن. ليکڪا مرد تي حالتن جو مقابلو ڪندي هڪ انترراشٽري واپاري جماعت
جي پيئي آهي ۽ واپارين جي محفلن ۽ مردائين ميٽنگن ۾ اخلاق کي بلند
آهي. هن دبئي ۽ هانگ ڪانگ جي سنڌي واپارين جو به ذڪر ڪيو آهي
ڪي ڪيس پيڻ سمجهي مدد ۽ صلاح ڏيندا هئا. جن سائس نڀيون ڪيون تن
به هن ڪونه بخشيو آهي. دبئي، هانگ ڪانگ، لنڊن، سينگاپور، مليشيا ۽
جيريا ۾ واپار ڪري پوني ۾ اچي ٿانئيڪي تي پر واپاري من ورتيءَ ڪري گهر
ي دلالي ڪري خوب پئسو ڪمايائين ۽ هينئر ممبئيءَ ۾ به رهي ٿي.

رولاڪ ۽ سٺلاني جيون جيئندڙ رتنا گهر ۽ پتيءَ جي سک کان وانجهيل
ورتا آهي. گهوٽ، ٻارن ۽ سهري لاءِ سڀ سک ميسر ڪرڻ لاءِ سمنڊ جهاڳيندي
. پر اُف نه ڪيائين، گهوٽ جي مرڻ تي به ڪونيءَ جو دربند ڪري روئي
ياءُ هلڪو ڪيائين ته جيئن ٻيا منهنجي ڪمزوري نه ڏسن، ’مان ئي
‘ ليکڪا جي اندر جو اظهار آهي جنهن ۾ ڪا به ڪلپنا ڪونهي. گهوٽ جنهن
نالو اُتس کان مولچند گوديا سالن جا سال سلهه جو مريض آهي. علاج جپ-
۽ پڇاڻا ڪري ڪيس نيڪ ڪيائين. اُن دؤران نوڪري ته ڪيائين پر قرض
نيائين. قرض لاهڻ لاءِ مڙس مٽيا نه ڏنس ته بس وديش وڃي ڪمائي
ن لاهڻ لاءِ ياترا شروع ڪيائين، هينئر ٿانئيڪي تي لکي رهي آهي. هڪ
سان جيئن پيڪن ۽ ساهرن جو پريوار چنبڙيل هوندو آهي تيئن رتنا سان به
آهي. ڌيءَ جي شادي غلط ڇوڪري سان ڪرڻ جو ڏک، پٽ جوءِ جي ڇوڻ
دار تي وڃڻ جو ڏک اِهي عام سنڌياڻيءَ جا ڏک به ڏنا اٿائين. هن آتم-ڪٿا
اڻ آهي نئون درد ۽ نئون سوز آهي.

■■■■■■■■■ ❖ ❖ ❖ ■■■■■■■■■

مان ئي مان (آتم ڪٿا)

رتنا گوديا

رتنا گوديا رولاڪ پنهنجي آتم ڪهاڻي ’مان ئي مان‘ اپريل ٢٠٠٥ ۾ شايع ڪئي آهي. ڀارت ۾ مهاديوي ورما جي آتمڪٿا ۽ امرتا پريتم جي آتمڪٿا مشهور آهن. سنڌي استري ليکڪائن ۾ پوپٽي هيرانندائيءَ جي آتم ڪٿا ’منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق‘ پاٺڪن جو ڌيان ڇڪايو آهي. رتنا گوديا جي آتم ڪٿا به اٽڪل ٢٥٠ صفحن ۾ وستار سان آهي. غور ڪندا سين ته ’مان ئي مان‘ جي مان ڪردار پنهنجي جيون جي ٽن حصن جي سچي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي مان ڪردار جي جوانيءَ واري عرصي، شاديءَ ڪانپوءِ جي رنگين عرصي ۽ گهوٽ جي بيماريءَ ڪري نوڪري ڏنڏي لاءِ ديس وديش ۾ ڀٽڪڻ واري عرصي جو بيان ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪن وڏن ساهتڪارن پنهنجون آتم-ڪٿائون شايع ڪيون آهن، رتنا گوديا، هڪ افسانا نويس آهي. هن آتم-ڪٿا ۾ نه صرف مان ڪردار جي ئي جيون جون گهٽنائون آهن پر هن ڪردار جي آس پاس جي گهيري ۾ آيل ٻين ڪردارن، وارداتن ۽ گهٽنائن جو به حقيقي بيان آهي، ’رولاڪ‘ ٻين نيم واريءَ هن برجستيءَ ناريءَ پنهنجي ماضيءَ جي جيون جي تصويرن جا اولڙا ۽ عڪس سرل سليس، شڌ ۽ روانيءَ واري سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي نجي عبارت ۾ لکيا آهن. هر اديب جي عبارت هنجي آتما جو عڪس ۽ تصوير ٿيندي آهي. هن ليکڪا حقيقتن جو پلئه پڪڙي جيون جون سڀ ننڍيون وڏيون گهٽنائون سهيڙي سهڻي آتم-ڪهاڻي پاٺڪن سامهون اِنهيءَ مقصد سان پيش ڪئي آهي ته جيئن ڪين خبر پوي ته ڪنن ۾ ڪنن حالتن ۾ هڪ اڪيلي ناري، جي همت ڪري ته گهڻو ڪجهه ڪري ۽ ٻڻجي سگهي ٿي. هن اوچي قد واري مهلا جي آتم-جيونيءَ ۾ گهٽنائن ۽ وارداتن جي نواڻ آهي. ڪنن ۽ ڏکين حالتن ۾ به ڪيس پنهنجي روزاني ڊائري لکڻ جي هير پيل آهي، جنهن ۾ هيءَ پنهنجون روزانيون ملاقاتون، سوچ ۽ واپار جي ڪمي پيشي سلسليوار درج ڪندي آهي. ڊائري جي انهن

وانگر هن 'مان' ڪردار ۾ سنڌ، ورهاڱي، لڏپلاڻ ۽ ڪئمپن جي پنڪاهه واري زندگيءَ جو چيندڙ احوال لکيو آهي، جيڪو پڙهڻ سان بزرگ پاڻکن جا ستل سور جاڳندا ۽ هو پنهنجي دکن جي يادگيرين جون پونجيون مانسڪ پونجي سمجهي جيون نرواهه ۾ وقت ۾ وقت سکون ماڻيندا. انگري جو اُردوءَ جي هڪ شاعر جو شعر آهي 'درد جي هڪ سي گذر جاتا هئه تو خود هي دوا هو جاتا هئه' اُهي يادگيريون ماضي ۽ مستقبل کي پاڻ ۾ جوڙڻ جو ڪم ۾ ڪنديون.

هن آتم - ڪٿا جو ڪردار 'مان' شخص سماجڪ ۽ ڌارمڪ، شخصيت ۾ آهي هن جيون جي گهٽنائن ۽ آس پاس جي وايو منڊل ۾ اَهڙو ڪجهه اهم محسوس ڪيو آهي جو لکي ڇڏيو آهي ۽ ورهاڱي جي سوزناڪ حالتن سان گڏ گڏيل ڪٽنبن جي تصوير پيش ڪئي آهي جو وڏو پٽ هجڻ جي ناتي ڪٽنب جي شادين، غمين، ننڍن ڀائرن جي تعليم جون جوابداريون نباهي پوءِ پنهنجي ٻارن ڏانهن شخصي ڪٽنب ڏانهن فرض پاليا آهن. اُهي فرض پاليندي هن پئسي جي تنگي ڏٺي آهي. قرض ڪٽي، اوورٽائيم، پارٽ ٽائيم نوڪري ڪئي آهي.

لڏ پلاڻ محل هن جي بيماريءَ جو مسئلو، مئٽرڪ جو اِمتحان ڏيڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ، روزگار لاءِ ڊڪ ڊوڙ سڀ باب پڙهڻ جهڙا آهن. سڀني گهٽنائن ۽ واقعن ۾ پاڻکن کي پنهنجي جيون جو ڪونه ڪو حصو محسوس ٿيندو. مئٽرڪ جو اِمتحان ڏيڻ لاءِ پرنسيپال گنگارام رامناڻيءَ جو رُخ ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. پارٽ ٽائيم نوڪري ڪندي اڪائونٽ جو ڪم گهر ڪٽي ايندو هو ته رات جو 'مان' جي پتني جيڪا صرف چار درجا سنڌي پاس هئي، ليجر چيڪ ڪرائڻ ۾ مدد ڪندي هئس. ضروري باب آهي نائڪ جو ريلوائيءَ ۾ نوڪري جنهن لاءِ هن انٽرويو ۽ امتحان ڏنا، ٽريننگ ورتي ۽ پروموشن حاصل ڪيا. دوستن جي دوستي، همدردي ۽ مدد ماڻي. دشمنن جي دشمني ۽ مخالفت ۾ سٺي. پريوءَ ۾ وشواس رکيو ۽ ڪڏهن ۾ غلط ڪمائي يا رشوت ڪونه ورتي. Earn and Learn جو سلسلو جاري رکيو. ڪن وقتن تي هوٽل ۾ ڪانا ۽ مسجد ۾ سونا واري ڪار هئس. پوءِ ۾ هن جا آزمودا اُهم آهن.

جڏهن تعليم پوري ڪري روزگار جي ميدان ۾ قدم ٿي ڏريائين

”عرش کان فرش تي“

آتمڪٿا

ليکڪ سچانند چانڊواڻي

’عرش کان فرش تي‘ محاورو هن آتم ڪٿا جو عنوان آهي. جنهن جو اِشارو اوچائيءَ کان اونهائيءَ ڏانهن، سک کان ڏک ڏانهن ۽ آسمان کان ڌرتيءَ ڏانهن وغيره آهي.

آتمڪٿا، ليکڪ پنهنجي پاڻ لکندو آهي. اُهو ليکڪ يا شخص ڪنهن اَدبي، سياسي، سماجڪ يا ڌارمڪ تحريڪ سان گڏ اُنهيءَ زماني جي تصوير اِئين پيش ڪندو جيئن هڪ چتر، هڪ نقش يا اِتهاس جو هڪ باب ٿي پوندو آهي ۽ ساڻ ساڻ اُن ليکڪ جي زبانيءَ ۾ سندس سک، ڏک، سوچڻ ۽ آپبيتيون به هجن. تہ ليکڪ جي جيون جون گهٽنائون ۽ اُنهن جا ڪردار اُن آتم ڪٿا جو وستار ٿا ڪن.

ڪو بہ ذهين شخص مُني زندگي گذرڻ کان پوءِ آتمڪٿا لکندو آهي ۽ پنهنجي ماضيءَ تي نظرثاني ڪندي ڪاميابيون ۽ ناڪاميابيون توڙي ڪميون ۽ پيشيون سچائيءَ سان بيان ڪندو آهي. پاڻ نہ صرف اُنهن تي وشواس ڪندو آهي. پر اُنهن کان ڪجهہ سکندو ۽ پرائيندو بہ آهي. ليکڪ پاڻ ئي ڪٿا جو نائڪ هوندو آهي ۽ هوُ پنهنجي مانسڪ ڪمزورين ۽ خاص عادتن جو بہ دل کولي بيان ڪندو آهي.

آتمڪٿا نثر نويسيءَ ۾ مضمون جي شاخ آهي. جنهنجو ليکڪ اپياسي ۽ تجربيڪار هئڻ گهرجي. ڪيس نجي حالاتن ۽ خوشين سان گڏ سکن ۽ دکن جي احساس جو گڏ ڪيل ۽ سهيريل مواد سرل ۽ عام بوليءَ ۾ وٺندڙ ۽ ڪشش ڪندڙ عبارت ۾ لکڻ جي قُوَت هجي. جيئن هن آتم ڪٿا ’عرش کان فرش تي‘ ۾ نائڪ ’مان‘ جي جفاڪشين جو دلڪش اندازي-بيان آهي ۽ حياتيءَ جي لاهن -چاڙهن جو رومانچڪ داستان آهي.

سنڌي ۾ آتمڪٿائون ڪن ليکڪن ۽ ليکاڪائن ئي لکيون آهن. مسٽر چانڊواڻي تہ ڪو ليکڪ يا ساهتڪار بہ ڪونهي صرف هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ ۽ ٽائيم پاس لاءِ ڪن ساهت پريمين سان جڙيو آهي ۽ ننڍي هوندي کان ناول، ڪهاڻيون ۽ ساهتيہ پڙهيو آهي. هن کي خود اظهار جي خوبيءَ هن کان هيءَ آتم ڪٿا لکارائي آهي. هين سنڌي آتمڪٿا ليکڪن

، هو. مون وٽ روئندي آئي. مون گهربل گاڏيءَ تي گڏ وڃي T.T. کي چيم، This lady shall go by this train هن مڃيو. ڪجهه عرصي کان پوءِ هوءَ به منائي ڪٽي آئي جيڪا اِسٽاف ۾ ورهايم.

ريلوي پٽن تي ڪم ڪندڙ ليبرن سان نراليءَ تي ويهي ڪري يا پنڌ گڏجڻ ويندو هوس جيئن سندن شڪايتون ۽ ڏک هڏي دور ڪري سگهان. 1971 واري جنگ وقت فوجين کي رزرويشن ولي ڏيڻ ۾ مدد ڪندو هوس. اهو ديش ڏانهن فرض هو. ويسٽرن ريلوي تان سينٽرل ريلوي جي گ اڏين ۾ سفر ڪندڙن جون گاڏيون ڪڏهن گسي ويندريون هيون ته به کين مدد ڪندو هوس جيئن سندن نقصان نه ٿئي، هوُ ڏاڍا خوش ٿيندا هئا.

فلپس ڪمپنيءَ جي ڊئريڪٽر منهنجي ڪم ڪرڻ جي طريقي ۽ سچائيءَ کي اکين سان ڏٺو. هن ريلوي جي جنرل مئنيجر کي منهنجي قدرشناسي جو ليٽر به لکيو. جو لوڪل پيپرس ۾ به شايع ٿيو.

مون وٽ ڪي ماڻهون ايندا هئا جي خوشامد ڪرڻ لاءِ هوٽل ۾ هلي موڃ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. ڪي وري اڻ سڌيءَ طرح چوندا هئا ته ڪار موڪليونوَ ۽ ڪار جي موڃ وٺو. مان اُنهن سان نمرتا پوروڪ نٽائيندو هوس. اَهڙا ماڻهو آفيسرن کي پرشٽ ڪرڻ ۾ فخر وٺندا آهن.

مون سنڌي اسٽاف کي سنيون اِسٽيشنون ڏنيون ته دشمنن مون تي ڪوڙا الزام هڻي بينامي درخواستون ڪيون. ايتري قدر جو ريلوي منتري مهاراجا ماڌوراء سنڌيا تي اثر هلائي منهنجي بدلي ڪلڪتي ڪرائي.

ليڪڪ نوڪري واري عرصي جا سنا آزمودا آفيسرن ۽ ماڻهن جي نالن سان بيان ڪيا آهن.

ليڪڪ جي، نائڪ جي، شخصيت تي جن ڏرماتمائن جو اثر هو تن جو ذڪر به ڏار ڪيل آهي. هيءَ آتم - ڪٿن پاٺڪن کي ريلوي جي سموريءَ ڪاريه پرٽاليءَ کان واقف ڪندو ۽ سچاڳه ڪندو ۽ انهيءَ ڪري هيءَ آتم ڪٿا غير رواجي آتمڪٿا خاص بڻجي توهان جي هٿن ۾ آئي آهي ته پڙهو.

تہ پتا صاحب هدايت ڏنس، ’رشوت ڪڏهن بہ وٺجانءِ. جيترو ٿي سگهي سڀ جو ڀلو ۽ خاص ڪري سنڌين جو ڀلو ڪجانءِ.‘

’مان‘ لکيو آهي جيتوڻيڪ مون سيئنيرس آفيسرن هٿان پوڳيو آهي پوءِ بہ جڏهن منهنجي نوڪري ۾ سونهري دؤر آيو تہ مان ڪم جي ڪسوٽيءَ تي ائين چمڪي پيس جيئن سون باهہ ۾ تپي چمڪندو آهي. ڪم سان گنڀيرتا سان جڙيل رهيس. منهنجا سينئير آفيسر بہ مون کان صلاح وٺندا هئا. 1975ع ۾ وري ڪرشنا ڪانت ڪميشن جي آءِ.آءِ.پي.ايم جي پروفيسرن کي سنڌن ٻڌايل سسٽم کي رد ڪد ڪندي مون ۽ منهنجي ڊي.سي.ايم جو رايو سهڻي کي پسند پيو. رپورٽ ۽ قاعدا لکندڙ پروفيسرن کي ذهن نشين ڪرايوسين تہ سنڌن لکيل سسٽم ۾ نقص آهن جيکي پوءِ مٿي جو سور پيدا ڪندا ۽ هنن پنهنجون اوٽايون قبول ڪيون. منهنجو رايو هو تہ رولس ۽ ريگيوليشنس جنتا جي سک لاءِ هئڻ گهرجن.

1980ع ۾ ’مان‘ کي آفيسر پوسٽ ملڻ وقت مخالفتين رڪاوٽون وڌيون پر هڪ سٺي آفيسر مدد ڪئي. مان سمجهان ٿو تہ منهنجي پوڪيل پوکہ ڪم آئي. منهنجو گيتا جي گيان ۾ وشواس هو تہ ڪرم ڪر ڦل جي اِڇا نہ رکہ. سو آفيسر پوسٽ وقت ميڊيڪل چيڪ اَپ لاءِ منهنجي آفيسر ۽ سندس دوست ڊاڪٽر مونکي وقتائتي مدد ڪئي. مون بہ ڪيترن رشتيدارن ۽ ساٿين کي ٽئين ۽ چوٿين درجي جيءَ نوڪريءَ ۾ لڳايو. هڪ دفعي ريلوي جي ڪنهن ملازم جو نوڪريءَ تي ايندي اَهڙو حادثو ٿيو جو هن کي ٽنگہ ڪپائڻي پيئي ۽ ويچارو هلڻ چلڻ کان ويهجي ويو. گهر ۾ ڪمائيءَ وارو ٻيو ڪونہ هوس. موائزو ڪن اکرن ۾ انڪي پوڻ ڪري ڪونہ پيا ڏينس، پر مون محنت ڪري آفيسرن سان بحث ڪري ڪيس پورو موائزو ڏياريو. سندس ڪٽنب مونکي شڀ اِڇائون ڏنيون جن پوءِ ضرور ڪرامت ڏيکاري هوندي.

هڪ لڱان بورين جي ڏرم ڳروءَ کي بيماريءَ ۾ ناگپور وٺي وڃڻ لاءِ رزرويشن نہ پئي ملي. مون اُها وٺي ڏنيمان. هي مون کي رشوت ڏيڻ آيا. نوٽن جون ٿقيون ميز تي رکيائون پر مون نہ ورتيون. جڏهن ناگپور مان واپس آيا ۽ منهنجي شڪرادائي ڪرڻ بہ دفعا آيا.

ٻئي موقعي تي هڪ نرس کي ماءُ جي بيماريءَ تي ڪوچين وڃڻو

خليل جبران، يورپ جي فيلسوف جو هي ناول هندي معرفت سنڌيءَ ۾ انواد ڪري شري چئن لال آهوجا يورپ جي فلسافيءَ کان سنڌي پاٺڪ کي نه صرف واقف ڪيو آهي پر محسوس ٿو ڪرائي ته پورب ۽ پشچم جي فلسافيءَ جو بنياد ساڳيو آهي. اِها ترجمان جي قابليت آهي جو هن ليبنان ملڪ جو واتاورڻ، سوچ ويچار، ڌارمڪ ۽ سماجڪ ريتيون رسمون، ٻيا وهنوار ۽ قدرتي نظارا اهڙا ته محنت سان ترجمو ڪيا آهن جو اصلوڪي ناول جو ڀُلاءُ ٿو اَچي. چئن لال آهوجا جو نالو سنڌيءَ جي مشهور اَنوادڪن جي فهرست ۾ اولين آهي. هن ڪٿي ٻه اڻگهڙيل غير گهربل جملا يا ڏکيا اکر ڪم نه آندا آهن. سندس عبارت ۾ رواني آهي.

''ٽٽل پر'' عنوان مان ئي ڪلپنا ڪجي ٿي ته ناول ۾ ضرور ڪي اهڙا ڪردار آهن، جيڪي آڪاش ۾ اوچي اُڏام هڻڻ جي قابل آهن پر ڪن سماجڪ رسمن ۽ ڪن ڌرم گرن سندن پَرَ ڪُسائي ڇڏيا آهن. لبنان ملڪ جي ڪهاڻيءَ مان پَرم ٿو ٿئي ته ڀارت ديش جو سماجڪ وهنوار خليل جبران آمريڪا ۾ رهي لکيو آهي. ليکڪ جي زال ذات سان اهڙي همدردي آهي جهڙي ڪنهن سنت مهاتما جي ! والميڪ جي سيتا سان ! ليکڪ اِستريءَ جي من جي جذبات جو اِظهار اٿردار، تمثيلن، تشبيهن سان اسطلاحي ٻوليءَ ۾ ڪيو آهي. خليل جبران جي ناول ''ٽٽل پر'' ۾ آتما ۽ پرماتما جي فلسافي، سنين-خراب آتمائن جو ذڪر اسان جي ديش جهڙو ئي آهي.

زالن جي ڏک ۾ ڏکي ٿي لکي ٿو،

''عورت جي ڪمزوري قوم جي اتياچارن جو نمونو آهي.''

''عورت جي دل ٻه زماني انوسار بدلبي آهي ۽ نه مؤسم انوسار. هيءَ ڪافي مُدتن تائين جنگ جوٽيندي رهندي آهي پر مرندي نه آهي.''

''او پرماتما، عورت اهڙو ڇا ڪيو آهي جو هوءَ تنهنجي ڪروڌ جي حقدار بڻي آهي.''

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

ٽنل پر (ناول)

خليل جبران   انوادڪ: چئن لال آهوجا

هيءُ شاهڪار ناول جو انود آهي. ناول يورپ جي لبنان ملڪ جي مذهبي، سماجڪ ۽ مالي حالتن جي تصوير ته پيش ڪري ۽ ساڻ-ساڻ اِهو به ثابت ٿو ڪري ته سماجڪ سوچن جو نوجوان دلين جي پيار تي ڪيترو نه برو اثر ٿو پوي. ناول ۾ ماڻهن جي روزمره جي جيون ورتانت ۽ آتما پرماتما جي فلسافي ڀن-ڀن تشبيهن سان سولي ڪري سمجهايو آهي.

هن کان اڳ يورپ جي ناول جو اهڙو ترجمو سنڌيءَ ۾ نه ٿيو آهي. انوادڪ شري چئن لال آهوجا هڪ قابل اپياسي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ماهر آهي. هن کان اڳ هندي گجراتي ٻولين ۾ ڪيترا شاهڪار سنڌيءَ ۾ انواد ڪري سنڌي ساهتيه جي ذخيري جون حدون ڪشاديون ڪيون اٿائين. انواد ٻن ٻولين، ٻن سڀيتائن ۽ ٻن قومن کي ڳنڍيندڙ هڪ پُل آهي. ترجمان جي محنت قابل داد آهي. ناول نويس خليل جبران جينس آهي ته ترجمان يا انوادڪ به ذات جو ڏاڍي آهي. ٻنهين جي جوڙميل هن ناول جي ترجمي کي ڀڪائي ڇڏيو آهي. ترجمان جي جوابداري اصلي ليکڪ کان به وڌيڪ آهي جنهن سان شري چئن لال بخوبي نباهيو آهي. ترجمان اصلوڪيءَ ٻوليءَ کان غير واقف هوندي به اُن جو رس ماڻي ناول کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ آڻي سگهيو آهي. ”ٽنل پر“ هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ انواد ڪيو اٿائين. مطلب ته مٿس ٽن ٻولين جي جوابداري آهي ۽ ترجمو ڪتابي اک سان ڪيو اٿائين. ناول جو اصلوڪو ليکڪ خليل جبران فيلسوف به آهي. سندس خيالن کي سنڌيءَ ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ لفظي چونڊ، اُنهن جو جملن ۾ ڦٻي بيهڻ، سنڌيءَ سان نهڪندڙ نموني ۾ اصولڪيون تشبيهون اصطلاح ۽ پهاڪا ڪم آندا اٿائين. جن جي اهميت وڏي آهي ڇاڪاڻ ته اصلوڪو رس ۽ آنند ميسر ٿا ڪن.

پروَرا اَپسرا اُروَشيءَ جي پيار ۾ کوهجي ويو آهي ۽ پنهنجو پاڻ سان اڪيلو پيو ٿو وارتالاپ ڪري.

مُهاڳ ۾ پروفيسر نارايڻداس ٻنيجا ناٽڪ جي ڪٿاوستو بہ لکي آهي. سرڳ جي اَپسرا اُروَشيءَ کي راجا پروَرا بهادريءَ سان راڪاس جي قيد مان بچايو هو. اُروَشي راجا تي موهت ٿي پئي هئي. پر کيس سرڳ ۾ واپس اَچڻ جو حڪم ٿيو هو. هوءَ راجا لاءِ هڪ پريم پتر ٿي لکي وڃي. نصيب سان اُهو مهاراڻيءَ جي هٿ ۾ ٿو اَچي! سرڳ ۾ پهچڻ کان پوءِ بہ اُروَشي راجا پروَرا جي خيال ۾ کوهيل ٿي رهي ۽ ڪيتريون غلطيون ٿي ڪري. اُروَشيءَ کي واپس پرٿويءَ تي اَچڻ جي سزا ٿي ملي. هوءَ پرورا جي راڄ ۾ ٿي اچي. کيس راجا پرورا جو سنگ نصيب ٿيو ۽ هڪ پٽ بہ ڄائو. راجا کي پنهنجو پيار بنا قرباني، ڪشٽ ۽ دک جو حاصل ٿيو. تنهن ڪري راجا پيار جو قدر ڪين ڪيو. ناٽڪ لکڻ سان ڪاليداس جو مقصد آهي تہ سچو پيار قرباني ڪندو آهي ۽ پيار جو قدر ڪندو آهي. وڪرم اُروَشيءَ جو پيار دنيوي ۽ جسماني هو.

ڪوي ڪاليداس جي رچنائن ۾ قدرتي نظارن جا بيان تمثيلي آهن. هن ناٽڪ ۾ بہ برسات وسڻ سان مطلب آهي تہ نائڪ نائڪا جي وڇوڙي ۾ ڳوڙها ٿو ڳاري. پروفيسر ٻنيجا سنسڪرت ٻوليءَ ۾ ماهر هو. هن صاف لکيو آهي تہ مون سنسڪرت جي اصلوڪي ناٽڪ سان هيءُ ترجمو ڀيٽي تصديق ڪئي آهي. انواد ۾ اصلوڪيءَ رچنا جهڙا ڀاوَ، جذبا ۽ اُمنگ قائم آهن. ڪاليداس بابت بہ لکيو اَٿائين تہ دنيا جا ساهتڪار ڪاليداس جي ڪوتا اڳيان ڪنڌ ٿا جهڪائين.

مُهاڳ ۾ ناٽڪ جي فن ۽ وشيشتائن تي روشني پيل آهي. ديوناگري انواد سنڌي انواد جهڙو آهي. ناٽڪ ۾ رس، رواني ۽ سلست آهي. پاٺڪ پاڻ ٿي محسوس ڪندا.

وڪرم-اُروَشي (ناٽڪ)

ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سال - ٢٠٠٣

هيءُ مهاڪوي ڪاليداس جي لکيل سنسڪرت ناٽڪ جو اُنواد آهي ۽ ديوناگري لپيءَ ۾ آهي. انواد ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ اِنڊس اِنڊ جي سهڪار سان آڳسٽ ٢٠٠٣ ۾ شايع ڪيو آهي. سنڌي لپيءَ ۾ به ڇپيل آهي. انگريزيءَ ۾ تعليم وٺڻ ڪري سنڌي ماڻهو ديوناگري لپيءَ طرف وڌيڪ مائل آهن. ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ جو هيءُ وقتائتو قدم آهي. زماني ۾ هوا ئي اَهڙي لڳي آهي جو ليکڪ سنڌي لپيءَ ۾ پاڻ لکندا ته پاڻهي پڙهندا به. هي ناٽڪ ڪاليداس جي ٽن ناٽڪن مان هڪ آهي ۽ اٽڪل ٢٠٠٠ سال اڳ لکيل آهي. دنيا جي ساهتڪ ڪيترن ۾ ڪوي ڪاليداس جي ناٽڪن کي اَڄ به اَهميت ڏني ٿي وڃي. هيءُ ڪتاب مهاڪويءَ جي شاهڪار رچنا جو سرل ۽ سندر اُنواد آهي. سهڻيءَ ننڍي سائيز ۾ هڪ ئي رنگ ۾ ڇپيل وڪرم اُروَشي جي تصوير آهي. تصوير نه آهي پر هڪ خيالي خاڪو آهي. ڪتاب صاف سٽرن تکن اکرن ۾ ڇپيل آهي جنهن ۾ ڪل ١١٢ پيج آهن.

پروفيسر نارائڻداس ڀنڀاڻي ’’مُهاڳ‘‘ لکيو اهي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي ’’هڪ پشپ‘‘ لکيو آهي. ’هڪ پشپ‘ ۾ ودوان پروفيسر انواد تي روشني وڌي آهي ۽ انواد کي سٺي ۽ صحيح انواد ڪرڻ لاءِ مبارڪون ڏئي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ جو ساهتڪ مستقبل روشن ٿيندو. هيءُ ليکڪ سنسڪرت ٻولي ته ڄاڻي پر ناٽڪ جي ڪلا، فن ۽ ٽيڪنيڪ جي ڄاڻ پڻ اٿس. سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ سٺو ۽ سندر ترجمو ڪيو اٿائين. ناٽڪ ۾ اشلوڪي رچنا وارا ڀاوَ ۽ اُپمائون قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. انواد ۾ اشلوڪي رچنا جون سڀ خوبيون مؤجود آهن. ناٽڪ ۾ ڪل پنج انڪ آهن جن ۾ هدايتڪار سوڌا ١٣ پرش ڪردار ۽ اِستري ڪردار آهن. ’وڪرم اُروَشي‘ جو چوٿون انڪ سڄي ناٽڪ جي آتما آهي، چرم سيما آهي. هن انڪ ۾ ناٽڪ جو نائڪ راجا

ٻارن تي ظلم ڪندڙ سيٺ نندلال کي سنمان ڏيون ڏين ٻال وڪاس سنستائون ! جينت ريلواڻيءَ جي اک ڪونهي، پر هڪ دوربيني آهي، جنهن سان اندر جو ايڪس ري ٿو ڪڍي. هيءُ ليکڪ اِنساني مُلهن جي مهانتا جو حامي آهي ۽ جڏهن-جڏهن اِنساني مُلهن کي ڪرندو ٿو ڏسي ته ’آڪروش‘ جو اِظهار ٿو ڪري. جينت ريلواڻيءَ ۾ هڪ سُٺي ڪهاڻيڪار جا گُڻ آهن. حقيقت ۽ آدرش جي ميلاپ سان سندن ڪلميه ڪهاڻيون اِنساني من کي ڌوڏي ٿيون سگهن. سيني ڪهاڻين ۾ ڪشمڪش ۽ اُڻ تڻ زور آهي. تنگ دليءَ مان پيدا ٿيل سماجڪ مسئلن جو خاڪو آهن هي ڪهاڻيون !

عنواني ڪهاڻي ’آڪروش‘ ۾ گفتگو معرفت ڪيترا سوال اُٿاريا ويا آهن. راڪ جنريشن کي دهليءَ جو خوب سئر ڪرائي ڀارت جي سڀيتا جي طرفداري ڪيل آهي ته، ”ناريءَ لاءِ گهر سنسار ٻنڌن ڪونهي.“ ’سوڌا‘، ’پرمپرا‘، ’هتوپديش‘، ’پنچتنتر‘، ’شو پراڻ‘ ۽ ’مرتيو لوڪ‘ ڪهاڻيون احساس ٿيون ڏيارين ته هيءُ ڪهاڻيون نه صرف ڀاونا جي نظر کان پر ويچارن جي خيال کان ٻه سارٿڪ آهن.

▪▪▪▪▪▪▪▪ ❖ ❖ ❖ ▪▪▪▪▪▪▪▪

آڪروش (هندي ڪهاڻي سنگرهه)

سرگواسي جينت ريلواڻي

ليکڪ شري جينت ريلواڻيءَ کي هن هندي ڪهاڻين جي سنگرهه تي ڪيترا اِنعام ملي چڪا آهن. گجرات هندي ساهتيه اڪادميءَ جي مالي اِمداد سان ڇپيل آهي. شري جينت ريلواڻي سنڌي، هندي ۽ گجراتي ساهتڪ ڪيترن ۾ ڪافي مشهور آهي. سنڌي ڀاشي هوندي به هندي ۽ گجراتي لکڻ ۾ ساڳي ئي رواني اٿس. هيءُ سندس پنجاهون پُستڪ آهي. هن ڪوتائون، مضمون، انواد، ٻال ساهتيه، ناٽڪ ۽ مقالا لکيا آهن.

”آڪروش“ ۾ ننڍيون وڏيون ٢٢ ڪهاڻيون آهن، جيڪي سڀ اِنساني دکن، پيڙائن، ويدنائن سان دل ۾ ديا ۽ ڪروڻا ڀاو پيدا ڪري سوچائين ٿيون. ڪهاڻين جا عنوان تمشيلي آهن. ٻولي سرس، سليس ۽ سڀاويڪ آهي ۽ ڪٿاوستو اسانجي ئي آس پاس جي روز مره جي جيون جون آهن، جن ۾ ڪهاڻي ڪار جا حقيقي انيو آهن.

”آڪروش“ جي ڪهاڻين ۾ شخصي، ڪُٽمبي، سماج ۽ راشٽر سان جڙيل مسئلا آهن ۽ هر ڪهاڻي نئين انداز ۾ لکيل آهي. سڀ سماجڪ برايون پنهنجي تلخي سان، ڪوڙائڻ سان اُڀاريل آهن، جنهنڪري پاٺڪ جي من ۾ به هڪ گهرو ۽ ڏيل جوش ۽ ناراضپو پئدا ٿو ٿئي. هن ڪهاڻين ۾ سرڪار جي آرڪشڻ (Reservation) نيتيءَ جو ورونڌ ڪيل آهي. ”ڇپڪلي“ ڪهاڻي ڪرڙي ۽ جيتن جي تمشيل سان ڪلاتمڪ عبارت ۾ آهي. هن ئي ڪهاڻيءَ جو انت آهي ته گهر جا ڀاتي ڪمزور ڀاتيءَ جي ڪرڙيءَ وانگر شڪار ڪندا رهندا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ مشينُن، سوارٿپٽي، تنگ دلي ۽ آرٿڪ تنگيءَ پيءُ پٽ جي رشتي ۾ آندل ڪاهيءَ جو دستاويزي ثبوت آهي. هن ڪهاڻيڪار ڪليل دماغ ۽ درشٽيءَ سان جيڪو ڪجهه ڏٺو، ڀوڳيو، ماڻيو آهي، تنهن کي قلم جي مدد سان بي نقاب ڪري، هڪ عمدو سنگرهه لکيو آهي، جنهن ۾ ڪوڙي آڊمبر، ڀرشٽاچار، بي ايماني ۽ گناهه ۾ ٻڏل سماج جي تصوير آهي.

بن قاسم کي حڪم ڏنو هو جو هُو عمر کان وڌيڪ سياڻو ۽ چتر هو.

اُن وقت عربن جو مقصد هوندو هو ڦرلٽ ڪري خزانو هٿ ڪرڻ، جنهن لاءِ جنگ ڪرڻ وقت سپاهين جو مذهبي جنوُن جاڳائي ڪانئن لڙائي ڪرائيندا هئا. محمد بن قاسم جي اچڻ سان اسلام پارتي اُپ کنڊ ۾ آيو.

عربي چچنامي ۾ لکيل آهي ته راجا چچ جي زماني کان سماجڪ سرشتي ۾ جاتيوادي پيد پاءُ هو. جاٽ ۽ لوهاڻا برابريءَ واري وهنوار ۾ نه هئا. سنڌ جا ماڻهو ڌرم جي باري ۾ آزاد هئا. ڪي ٻوڌي ۽ ڪي جيني ٿيا هئا. برهمڻن کي به راجا ڏاهر خلاف حسد هو. راجا ڏاهر جي لشڪر ۾ تناءُ هو. هن چچنامي ۾ ماڻهن جي روزاني جيوت، زالن ۽ سماج بابت ڪوبه احوال ڪونهي. پر اُن وقت سنڌ ۾ برهمڻ ٻوڌي سرڪاري عملدار، شاهوڪار، واپاري، کتري، ڪسان ۽ ڪاريگر به هئا. ٻوڌي ڀاون کي ”شمني“ چيو ويندو هو. هو پنهنجي بچاو جي لاءِ به هٿيار نه کڻندا هئا. سنڌن مکيه شهر هو ٻوڌيڪا. هن نالي واروءَ وٽ اڄ به سکر ۾ آهي. سنڌ ۾ ٻوڌي ۽ برهمڻ سلوڪت ۾ رهندا هئا. راڄ درٻارين ۾ برهمڻ ۽ ٻوڌي ڀاوا ٻئي هئا. ستين صديءَ کان پڌ ڌرم جي زواليت شروع ٿي ۽ محمد بن قاسم به سنڌ فتح ڪئي ته کيس خليفي هٿان فرمان آيو ته عام ماڻهن کان جزيه ڊل وٺي کين پوڄا ڪرڻ جي ڇوٽ ڏيو.

سنه ١٢١٦ع ۾ بهاولپور جي علي صوفيءَ کي الور جي قاضيءَ وٽان هن عربي چچنامي جو دستخط حاصل ٿيو هو. اُهو هن هوبهو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هيءُ چچنامو سنڌ جي جهوني ۾ جهوني تاريخ آهي ۽ پوءِ جا اِتهاسڪ ڪتاب هن ڪاريه تي ٻڌل آهن. هنن جو ترجمو ١٩٠٠ع ۾ انگريزيءَ ۾ مرزا قليچ بيگ ڪيو ۽ مهاڳ راڄ رشي ڏيارام گدومل لکيو آهي. هن ديپاچي جو انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ انواد به گوبند خوشحالاڻيءَ جي هن ڪتاب ۾ موجود آهي جنهن جو تاثير آهي ته ”چچنامو هڪ اِتهاسڪ رڪارڊ نه آهي. هيءُ خود غرضيءَ، اهم ۽ غلط فهميون پيدا ڪندڙ آهي، جنهن جا عربيءَ مان فارسي ۽ انگريزي ترجما پڙهي دنيا گمراه ٿي آهي.“

چچ ناموُ اڄ جي اندازَ ۾ (اِتهاسڪ)

گوبند خوشحالاڻي   سال: ۲۰۰۹   احمدآباد

هن ڪتاب جي گيٽ اَپ شاندار ۽ ڇپائي بولڊ آهي. اُچي درجي جو اِتهاسڪ چند چاڻ ڪيل ڪتاب آهي. ڪتاب لاءِ محنت ۽ کوجنا ۽ جاکوڙ بہ تمام گهڻي ڪيل آهي. ساڳئي ليکڪ جو انگريزيءَ ۾ لکيل ''چچنامو ريٽولڊ'' جو سنڌي انواد آهي جيڪو ليکڪ پاڻ ڪيو آهي.

اڄ جي حالتن ۾ اسانکي پنهنجي سڃاڻپ قائم رکڻ لاءِ هن ڪتاب جي يوميڪا اهم آهي. هيءُ ڪتاب پڙهڻ ان ڪري بہ ضروري آهي جو هن ۾ اصلي چچ نامو عربي ٻوليءَ ۾ محمد بن قاسم جي قبيلي ۽ خاندان وارن عام ماڻهن جو لکيل آهي. محمد بن قاسم جي موت کانپوءِ سندس قبيلو بکر جي شهر ۾ اچي رهيو هو ۽ ڪين جيڪا بہ ڄاڻ هئي، اُن سان گڏ خليفي حجاج ۽ محمد بن قاسم جا لکيل خط جيئن جو تيئن هن چچنامي ۾ درج ڪيا ويا هئا. ڪتاب سلسليوار ڪونہ آهي جو ڪنهن بہ هڪ عالم ڪونہ لکيو آهي. اصلي چچنامي جو عربي ڇاپو اِتهاس ڪونهي پر اَنومانن جي آڌار تي لکيل آهي. عربي لوڪ گيتن، ڪتنبي روايتن، ٻوڌين ۽ برهمڻن جي زباني ڳالهين تي لکيل آهي. حقيقتن کي افساني وانگر لکيو ويو آهي. اڻ سچايون ۽ افواهہ هن چچنامي جون خاميون آهن. عرب حاڪمن جي وڏائي ۽ خوشامند واريون گهٽنائون ويرپاو جي ڀاو سان لکيل آهن.

ڇهين ۽ ستين صديءَ ۾ سنڌ جي سامونڊي ڪنارن تي ساموندي ڌاڙيلن جو مکو متل هو. هنن ڌاڙيلن خليفي جو خزانو لٽي ۽ ڪيترن اسلامين کي قيد ڪيو هو. ان وقت عربستان جي خليفي سنڌ جي مهاراجا ڏاهر کي هن گهٽنا جي شڪايت ڪئي ۽ سهڪار ۽ مدد ڪري مال واپس وٺي ڏيڻ لاءِ چٺي لکي هئي. ان وقت راجا ڏاهر خليفي کي ڪابہ مدد ڪري ڪونہ سگهيو هو. سو ويروڌ لاءِ خليفي راجا ڏاهر ۽ سنڌ تي حملو ڪرڻ لاءِ سترهن سالن جي محمد

هن ڇچنامي ۾ غلط ڊيڪاريل آهي تہ سنڌ جا ماڻهو جوتش ۾ وشواس رکندا هئا. راجا ڏاهر بہ جوتشين جي اڳڪٿين جي پرمن ۾ اچي ڀيڻ سان شادي ڪئي !

جنهن هن گهٽنا جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي تہ راجا ڏاهر برهمڻ هو. راڄ جي لالچ ۾ اچي هو اهڙو ڪڏو ڪم ڪيئن ڪري سگهندو. هيءُ ڪتاب آهي هنن کي بدنام ڪرڻ جي خيال کان گهڙيل آهي ! تاريخ نويس ايڇ. جي. ويلس جو بہ چوڻ آهي تہ ”ڇچنامو لکندڙن ڳالهين کي مروڙي سروڙي حاڪمن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.“ ڇچنامو لکندڙن ڪتاب کي دلچسپ بڻائڻ لاءِ حرڪت بازيءَ جا بيان ۽ من گهڙت افسانا شامل ڪيل آهن.

عربي ڇچنامي ۾ هڪ ٻي غلط فهمي پيدا ڪندڙ ڳالهہ بہ شامل ٿيل آهي تہ راجا ڏاهر جي فوج جي سردارن ۽ زبردست راجائن جو بہ هن اڳڪٿيءَ ۾ وشواس هو تہ ’سنڌ اسلامي حڪومت هيٺ ايندي.“ اِنڪري هنن جي جذبي جي مانائيءَ اَچي ويئي تہ ”نصيب جي سامهون ڇا چئون؟“ ٻوڏي شمنين بہ ماڻهن کي پيش پوڻ لاءِ چوڻ شروع ڪيو.

هن ڪتاب ۾ رشي ڏيارام گدومل ڇي عالماڻي ليک سان گڏ موهن گيهاڻيءَ جو عالماڻو ليک بہ شامل آهن. جيڪي ڇچنامي بابت اڄ جي انداز ۾ سوچائين ٿا.

هن ڪتاب سان ڪيل محنت لاءِ اسان سنڌين کي ليکڪ جو شڪرگذار رهڻ گهرجي جو راجا ڏاهر جي عملدارن جو سنيهو، فهرست ۽ ڇچنامي بابت ٻين کوجنيڪن جا نالا بہ ڏنل آهن. ساڻ ساڻ اسلامي ڪئلينڊر ۽ سيني خليفن جا نالا بہ آهن. راجا ڏاهر جي شهيدي ۽ سندس راڻين لاءِ بہ ڪي من گهڙت ڳالهيون هن ڇچنامي جو حصو آهن جن جي اِتهاسڪ ۽ وقتائتي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي جيڪا ڪوشش ليکڪ ڪئي آهي.

SAMALOCHANAOON

BY. PROF. MEENA GOPE ROOPCHANDANI



واقفيت :-

پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻيءَ جو جنم 6.10.1940 تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو آهي.

2000ع ۾ چانديٻائي منسکاڻي ڪاليج مان رٽاير ڪيل آهي.

يونيورسٽي آف ممبئيءَ ۾ 2006ع تائين آنرري پوسٽ گرئجويٽ ٽيچر هئي.

گهڻن ئي قومي ساهتڪ سيمينارن، يونيورسٽي سيمينارن ڏار ڏار پرانتڪ ائڪيڊمين جي سيمينارن ۽ ڪاليج جي سيمينارن ۾ مقالا پيش ڪيا ۽ شرڪت ڪئي آهي.

ساهتڪ شخصتين، ساهتڪ ڪتابن ۽ سماجڪ مسئلن تي ريڊيو ممبئي تان پرسارت ٿيل وارتائن ۾ ڀاڱو ورتو آهي.

1998ع ۾ يو.جي.سي ۽ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجيٽ بورڊ جي مالي مدد سان ’پدم شري پروفيسررام پنجواڻيءَ جي شخصيت ۽ ساهتڪ يوگدان‘ تي ٻه ڏينهن سيمينار آرگنائيز ڪيو جنهن ۾ ڇهه مقالا پيش ٿيا ۽ اُهي ڪتابي روپ ۾ ڇپايا آهن.

ڇپيل ڪتاب:

١. نئين دؤر جو باني بيوس
٢. اَدبي تصويرون - ١
٣. اَدبي تصويرون- ٢ (اين.سي.پي.ايس.ايل جو 20,000 انعام)
۴. اَدبي تصويرون- ٣
۵. پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي
٦. منهنجا مقالا ۽ مضمون
٧. جذباتون